موتيءَ داڻا

(ڪهاڻيون)



ڪلاڌر مُتوا

جناب حسن بوتائي

صاحب جن کي

17/2/05

موتيءَ داڻا

(ڪهاڻيون)

ڪلاڌر مُتوا

ارپيم

منهنجي مومل ماءُ ٻاٻاڻي ٻنيءَ جي
مال چاريندڙ منڙن ماروئڙن کي.
جيڪي
ساهن سان سانڍيو ويٺا آهن،
سنڌي سنسڪرتي تهذيب ۽ تمدن کي.

MOTIA DANA

Short Stories

by Kaladhar Mutwa

Price Rs. 15/-

Year of Publication Dec. 1999

Published by : Kaladhar Mutwa
Muqeem Naeem Publication
P. O. Ghorewari, Taluka Bhuj (Kutch) 370 510.

Published with the financial help of
Sindhi Sahtiya Academy Gujarat Rajya, Gandhinagar.

Printed at Shree Sainath Offset, Gandhidham
Phone : 23600, 36809

موتيءَ داڻا

(ڪهاڻيون)

ڪلاڌر مُتوا

قيمت : پندرهن روپيا

نومبر ١٩٩٩

پرڪاشڪ : ڪلاڌر مُتوا

مقيم نعيم پبليڪيشن

پوسٽ گهوريواري، تعلقو ڀڄ (ڪڇ) ٣٧٠ ٥١٠.

گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي (گانڌينگر)

جي مالي مدد سان ڇپايل

مون پنهنجي هن ڪهاڻي سنگرهه ۾ جتي الامڪان اسان جي هن ڳوٺاڻي جيوت کي واچا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هيءَ منهنجي ادب جي سلسلي ۾ پهرين ڪاوش ۽ ڪوشش آهي، مان ان ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ويو آهيان اهو ته اسان جا پاٺڪ ئي ٻڌاء سگهندا. هن لاءِ آئون پنهنجن ذهين و فطين قارعين کي هڪ نماڻي عرض ڪريان ٿو ته منهنجو هي ڪتاب پڙهي پنهنجن راين طور مون ڏي ٻه اکر لکي موڪليندا ته منهنجي رهنمائي ٿي سگهندي.

آخر ۾ مان گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ جو تهه دل سان شڪر گذار آهيان جنهن جي مالي تعاون سان منهنجو هي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپجي پڌرو ٿي سگهيو، ۽ مان انهن سڄڻن جو به ٿورائتو آهيان جن هي ڇپائي وارو ڪم پايه تڪميل تائين پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

آئون جناب لڇمي ڪلاڻيءَ جو به، انتهائي آڀاري آهيان ته جن پنهنجا قرب ڪري هن حقير ڪاوش لاءِ مهاڳ طور پنهنجا انمول الفاظ لکي ڏنا.

--- ڪلاڌر مُٽوا
پناواري (ٻني)

ٻه اکر

اسان جي هندوستان جي سنڌي ادب ۾ هيل تائين جيڪي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن اهي خاص ڪري شهري ماحول سان تعلق رکن ٿيون. ڳوٺاڻي جيوت سان جڙيل تمام گهٽ ڪهاڻيون اسان کي ملنديون. جنهن جو سبب هڪ اهو آهي ته ورهاڱي کان بعد جيڪي به سنڌي خاص ڪري هندو سنڌي. سنڌ کان لڏپلاڻ ڪري آيا اهي سڀ اچي شهرن جي آسي پاسي وارن علاقن ۾ ٽانئڪا ٿيڻ لڳا جت روزي روزگار جا وجهه مهيا هئا. هيئن پڙهيل ڳڙهيل سنڌي سڀ شهري جيون سان جڙي ويا. سڀاوڪ آهي ته جيڪو ماڻهو جهڙي ماحول ۾ رهندو آهي اُن تي ان ماحول جو اثر ٿيندو آهي ۽ پوءِ اهو اثر شعوري هجي يا لاشعوري. اسان جي اديبن جون به اڪثر ڪهاڻيون شهري ماحول سان واسطو رکن ٿيون.

ورهاڱي کان اڳ به ٻني وستار ۽ راجستان جي جيسلمير جهڙن علائقن ۾ سنڌي رهندا هئا. پر اهڙن پڇڙيل علائقن ۾ تعليم جي گهٽتائي جي ڪري ليکڪ طبقي جا نه جهڙا ڳڻ ڳاڻيا ماڻهو پيدا ٿيا. ٻني علائقي ۾ جيڪي سنڌي رهن ٿا اهي تقريبن ۴-۵ سو سالن کان رهندا پيا ٿا اچن. پر هتي جي ڪنهن ماڻهوءَ ڪهاڻي يا ناول جي ڏس ۾ قلم آزمائي ڪئي هجي اهڙو پڙهڻ يا ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو آهي. ها البت ڪي تڪبندي ڪندڙ شاعر ضرور ٿي گذريا آهن.

مان ٻنيءَ جي ڏورانهين ڳوٺاڻي ۾ رهان ٿو. جيڪو ماحول بلڪل سنڌي آهي، جتي جي سنسڪرتي تهذيب تمدن سنڌي آهي، جتي اڄ به گهرن ۾ پنهنجي علاقائي سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي، جتي جون ريتيون رسمون، اوڍڻ پائڻ، شاديون مراديون، اڄان به پنهنجي اصلوڪي طرز تي قائم و دائم آهن.

اِندلني احساس

ٻني (ڪڇ) جي نوجوان ڪهاڻيڪار ڪلاڌر مُتوا پنهنجي ڪهاڻين جا ڏهه ”موتيءَ داڻا“ هن مجموعي ۾ پروئي اسان اڳيان اندلني احساسن جي مالا پيش ڪئي آهي.

سنڌ جي سرحد تي، هند ۾ ٻني ايشيا جو وڏي ۾ وڏو چراگاهه آهي، جتي اڄ به ڏي لک سنڌي مسلمان جت، سما، سومرا، مُتوا، ٿيبا، خاصخيلي ۽ هندو سوڍا، جاڙيجا، ميگهواڙ، ڪولهي ۽ ٻيون قومون پنهنجا مال چارين ٿيون، جوئر ٻاجهري جي پوک ڪن ٿيون، اعليٰ در جي دستڪاريءَ جا نمونا دنيا کي تحفي طور ڏين ٿيون ۽ ”آڻين ۽ چاڙهين، ڏت ڏهاڙي سومرا“ واري اوستا ۾ پنهنجو گذربسر ڪن ٿيون.

گذريل ساڍن ڏن سون سالن کان سنڌ مان ڪڇ ۾ لڏي اچي وسيل هنن جهانگيئڙن، سانگيئڙن جي روزمره جي ڏکن ڏڌي زندگي جي ڪلاڌر متوا هنن ڪهاڻين ۾ بخوبي عڪاسي ڪئي آهي. هنن جي اپاو واري زندگيءَ مان اُڀرندڙ خوشي غم، محبت نفرت، وصل جدائي جهڙن جدا جدا رنگن (Nuances) وارن احساسن کي شدت سان محسوس ڪرايو آهي ان طرح زندگيءَ جي سچائي سان دوبدو ڪري، اسان کي باشعور بڻجڻ جو موقعو مهيا ڪيو آهي، جيڪو ئي دراصل هر ادب ۽ فن جو صحيح ڪارج آهي.

”پوتر پيار جو انعام“ نوري ۽ قاسم جي پريم ڪهاڻي آهي. مائٽن جي ناڪار ڪرڻ تي به ٻئي اُٺ تي ڪڇ کان سنڌ طرف ڀڄي ٿا نڪرن. رستي تي پڪڙجي ٿا پون. نوريءَ جو پيءُ ڏيءُ جو سر ڪپڻ لاءِ ڪهاڙيءَ سان ڪاهي ٿو اچي. ڳوٺ جو مؤلوي قاسم کي هڪ سؤ ڇهبوڪ لڳائڻ جي سزا ٿو ٻڌائي، پرپڇاڙيءَ ۾ نوري ۽ قاسم جي پوتر پيار جي جيت ٿي ٿئي.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد- سنڌ

Sindhi Language Authority,
Hyderabad-Sindh.

پياءُ تنهنجو انتهائي خوبصورت ٻوليءَ ۽ سندر احساس ۽ جذبن وارو خط پهتو. مون لاءِ جنهن محبت ۽ عزت جو اظهار ڪيو اٿئي، اُن لاءِ تنهنجو انتهائي ٿورائتو آهيان.

تنهنجي ٻولي ڏاڍي سُهڻي، سيبتي ۽ شاهوڪار آهي، جنهن ۾ نج ٻهراڙيءَ، سو به ٿَر جي سنڌي لهجي جو هيڳاءُ ۽ هٻڪار موجود آهي. تو چيٽ مهيني ۾ ڪرڙن جي رتين پُسين جو جيڪو منظر چٽيو آهي، ۽ لُڪن جي لوسات ۾ ماروئڙن جي جيوت ۽ پٽِهيارين جي تلاون ڏانهن پاڻيءَ پرڻ لاءِ ويندي جيڪا نقش نگاري ڪئي آهي ۽ اُن جي جيڪا بي بي هاجره جي پريشانيءَ، ڊڪ ڊوڙ ۽ حضرت اسماعيل جي اُڃ سان ڀيٽ ڏني آهي، اُن مان ثابت ٿئي ٿو ته تو وٽ نه رڳو لکڻ جي ڏات آهي، پر ڏانءَ به آهي.

اُن ڪان به وڌيڪ سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ توکي جيڪو چاهه، سُنبنڌ ۽ سڪ آهي، اُن نه رڳو مون کي متاثر ڪيو آهي، پر منهنجن دوستن تي به وڏو اثر ڇڏيو آهي. مون تنهنجي شعري وصيت، اداري جي ٽماهي خبرنامي ”سنڌي ٻوليءَ“ جي پنئين ورق تي اشاعت لاءِ موڪلي ڏني آهي. جيئن ئي رسالو ڇپيو، موڪلي ڏيندس. اميد ته پڙهي خوش ٿيندين.

سلام، دعائون ۽ نياز سموري ڪڇ جي سنڌين لاءِ - سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ شال پاڻ پتوڙيندا رهو!

اوهان جو ڀاءُ

(تاج جويو)

''هن مٽيءَ کي شل باهه ساڙيس. هن وڻ ته اسانکي ڪٿي جو نه رکيو، ڳاهه ڳولاڙا ڪسيا، مينهون مال لٽيا، هاڻي اڇا اوترا به هن جي وڳهي ڇڏڻا ٿا پون.''

سڪينه ۽ سانول روئيندي پٽيندي پنهنجي پيري مٽي تي ڪٽي پنهنجو وطن ڇڏي پرديش ۾ٽڪڻ لاءِ، لڏي وڃي رهيا آهن.

ڪڇ جي هن ٻني علائقي ۾ رڳو بکه، بيماري، بيروزگاري ڏکر ڪونهي، نه ئي هتان جي زندگي رڳو پٽ پاراتو آهي. ڏٺي سڳوري ان کي اهڙي ته اديت ۽ غير رواجي سونهن سان نوازيو آهي جو سڄي دنيا کان سٽلاني ان جي ڪشش کان ڇڪجي هت کهي اچن ٿا. ڪلاڏر پنهنجي ڪهاڻي ۾ ان ''ساڃن جي سونهن'' جو بيان ڪري، هت اچي ڪي ساعتون سڄڻ سان گهارڻ لاءِ هرڪائيٺو:

''وري سانوڻ جي رُت آئي آهي، ڪڪرن ڪارا ويس ڪري پنهنجي ملڪ ملير کي جل ٿل ڪري ڇڏيو آهي، نديون، واهه، تلاو، پلر جي پاڻيءَ سان پلٽي ويا آهن. ڌرتي به پنهنجا پراڻا ويس وڳا لاهي ڦٽي ڪري، هڪ نئون نويلو دلفريب روپ ڌارڻ ڪري ورتو آهي ۽ سندس ڪُکه مان قسمن قسمن جا سهڻا سهڻا نازڪ نازڪ ڪچڙا ڪچڙا گاهه اُيري نڪتا آهن. ميهن، مريڙن، پاڇين، ڪنهبن جي ڇا ڳالهه ڪيان. سانگيئڙا جن کي ڪائي شادمان، خوش ۽ خورم آهن. ڪير مڪڻ ڏونرا ڪوڙ آهن. هر طرف هرپالي ئي هريالي آهي، ساوڪ ئي ساوڪ آهي. ماروئڙا پنهنجو مال ڪاهي، پنهنجي وطن، پنهنجي اجهن ڏانهن موٽي رهيا آهين. جن جي مالن جا وچندڙ چڙن چنگن جا آواز عجيب اُمنگه پيدا ڪري رهيا آهن.... هرڪا شيءِ ڏٺيءَ جا گيت ڳائي قدرت جو احسان ادا ڪري رهي آهي.''

هن ڪهاڻيءَ ۾ ''اڄ به وسڻ جا ويس ڪيا، منهنجي يار.'' وارو مشاهدو اسين به ماڻيون ٿا ۽ هنن ماروئڙن جي پاڳ تي ريس

''آڳهات'' ڪهاڻي ۾ نورل کي ولايت وڃڻ جي موڪل ڏيئي پيءُ کي لڳو ته هن اهو چڱو ڪم نه ڪيو، ''هاڻي مان هن جو منهن ڏسڻ کان اڳ مري ويس ته قبر ۾ مونکي ڪيئن آرام ملندو. جي پُٽ جو ڪلهو به نصيب نه ٿيو ته مان وڏو بدبخت ۽ بدنصيب ليکبس.''

''پڇ ٽٽي'' ڪهاڻي جو جڳو پنهنجي گهر ۾ پاليل ڳانءِ کي ماءُ سمان سمجهي پيار ڪندو آهي ۽ خوب شيوا ٽهل ڪندو آهي. واندڪائيءَ ۾ هن سان ويهي رهاڻيون ڪندو آهي، پنهنجي اندر جو حال اوريندو آهي. پنهنجي ماءُ جهڙي هن ڳانءِ جي موت جو ڪيس ايترو ته ڏڪو ٿو رسي جو سندس پراڻ پکيڙو به اُڏامي ٿو وڃي. ڪڇ جي مهاراؤ سنڌ کان آيل هنن مالڌارين کي پنهنجي چراهگاهه ۾ مال چارڻ جي اجازت ڏيڻ مهل اهو انجام ورتو هو ته هو مال جو ڪوس نه ڪندا ۽ نه ئي وڏو ماس ورتائيندا، ٻنيءَ جا مسلمان راجا سان ڪيل اهو قولُ اڄ تائين پاڙيندا ٿا اچن.

''سڪينه ۽ سانول'' ڪهاڻي ۾ هڪ پرڏيهي دهشتگرد پنهنجو پنجو ڦهلائي ٻنيءَ جي هن چراهگاهه کي آهستي آهستي ڳرڪائي رهيو آهي. هن وڻ کي هت سڏين ٿا پرديسي ٻٻر (Prospic Juliflora) هن ٻٻر کي جيترو به پاڻي ملي پي وڃي ۽ جي پاڻي نه مليس ته به مري اصلي نه. اهو پرديسي ٻٻر ڪڇ جي مالڌارين لاءِ بيحد نقصانڪار ثابت ٿيو آهي. اڳي هت ينجاهه کن قسمن جا ڳاهه پيدا ٿيندا هئا. اڄ اهو صاف پٽ، ٻنو ميدان ٿي ويو آهي. ڳانيون مينهون هاڻي هن وڻ جا ٻن کائي، پيٽ جي باهه اُجهائڻ لڳيون آهن. نتيجي طور بيماري ۾ مبتلا ٿي، ڪجهه سال ان جو مقابلو ڪري آخر سڪي ڪندو ٿي، پنهنجي جان صدقي ڪري ڇڏينديون آهن (''پڇ ٽٽي'' ڪهاڻي ۾ جڳوءَ جي ماءُ سمان ڳانءِ به ان بيماري ۾ مري ٿي وڃي.)

هن ڪهاڻي ۾ سڪينه ان پرديسي ٻٻر کي پٽيندي چوي ٿي

نئين سر پيدا ٿيو آهي ته سنڌي ٻولي ۽ ثقافت اسان وٽ هند ۾ به زنده رهندي. پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ انهن ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجو سمجهي اسانکي اپنائڻو آهي.

پوءِ هنان جا حاجي سليمان جت، حاجي جهولڻ، لالجي همٿوجي سوٿهڙ ۽ ڪلاڪار جهڙا لکل لعل به پنهنجي ادبي ڪاوشن ذريعي سنڌي ادب ۾ نئين گلڪاري آڻيندا رهندا. ڊاڪٽر پرسي گدواڻي ۽ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻي جهڙا محقق ٻنيءَ جو لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلائن سان اسانکي آشنا ڪندا رهندا. گجرات سنڌي اڪادمي جهڙا ادارا سنڌن تخليقن کي روشني ۾ آڻيندا رهندا.

سنڌ ۽ ڪڇ جي هزارن سالن جي تواريخي، جاگرافيائي، ثقافتي ۽ اقتصادي ويجهڙائي کي ڌيان ۾ رکي، ڀائي پرتاب ڏيئلداس ڪڇ جي مهاراءَ کان پنڌرهن هزار ايڪڙ زمين وٺي، ورهاڱي بعد سنڌ کان لڏي آيل هندن لاءِ هت پنهنجو نئون گهر وسائڻ لاءِ گانڌيڌام جهڙو سهڻو شهر ۽ ڪراچي جهڙو ڪنڊلا بندرگاهه اڏايو. هت برپا ٿيل انڊين انسٽيوٽ آف سنڌالاجي به ڪلچرل يونيورسٽيءَ ”ڀارتي سنڌو وديا پيٺ“ جي صورت اختيار ڪري، سنڌي ٻولي، ساهت ڪلا ۽ سنسڪرتي جو دائمي بچاءُ ۽ ڦهلاءُ ڪندي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي، انهن سڀني ڪوشش هٺي هنڌ ڪيو آهي، اڄ جا ڪلاڪار مٿوا جهڙا لوان پيدا ٿيندڙ ليکڪ کهاڻيڪار اسان سنڌين جي اوجل ڀوشيه جا روشن ڏيئا آهن.

--- لکمي کلاڻي

ڪندي عش عش ڪريون ٿا.

”محور“ ڪهاڻي ۾ مکيه ڪردار تاج صاحب جي شخصيت ۾ اسان کي هن مجموعي جي ليکڪ ڪهاڻي ڪار ڪلاڌر جو ئي عڪس ۽ سندس زندگيءَ جو مقصد صاف چٽو نظر اچي ٿو، جڏهن هو ان ڪردار واتان چوائي ٿو ته ”هاڻي مان هنن ڳوٺن ۾ رهي، ڳوٺن جي اندر تعليم کي وڌائڻ ۽ ترقي وٺائڻ جو نسچو ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي قلم جو محور به ڳوٺن کي بڻائيندس، هاڻي جيڪي به لکندس، ڳوٺن جي لاءِ لکندس، ڳوناڻي سنسڪرتي ۽ ثقافت کي، تهذيب ۽ تمدن کي اُجاگر ڪندس.“

مجموعي جي عنوان واري ڪهاڻي ”موتي داڻا“ جا به سنڌي ڪِردار پرڪاش ۽ جيوتي اُهوئي ٿا ڪن. سنڌالاجي جي اسٿاپنا ڪري موهن جي دڙي (سنڌ) ۽ ڍولاويرا (ڪڇ) جي پنج هزار سال آڳاٽي سڀيتا سنسڪرتي کي دنيا جي اڳيان پڌرو ڪري سنڌي قوم جو ڳاٽ اونچو ٿا ڪن.

اهو اسان سڀني کي علم آهي ته سنڌي قوم جي ٻولي ۽ ثقافت هزارن سالن کان ڳوٺن ۾ ئي پلجندي رهي آهي، ڳوناڻن ئي انهيءَ کي ساهه سان سانڍي محفوظ رکيو آهي. ڀارت ۾ لڏي اچڻ ۽ شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويل اسان هندو سنڌين کي اهو ڏڀ ويڙهي ويو ته هاڻي اسانجي ٻولي ۽ ثقافت پنهنجي زمين ۽ ڳوٺڙن جي غيرموجودگيءَ ۾ گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪندي. شهرن جي مشيني سڀيتا انهيءَ کي ڳرڪائي ويندي، ان جي جياپي لاءِ ڳوٺن وٽان ميسر ٿيندر کاڌو خوراڪ ۽ آڪسيجن جي کوٽ ان کي کائي ويندي.

پر اڄ ڪڇ جي سنڌي ڳوٺن ۾ موجود ڌکڻن، واڍن، ڪنبرن، ڪاسائن، ڪسائن، مال چاريندڙ ڌنارن، ميهارن، ٻڪرارن، اونٺن کي شاهه جو ڪلام جهونگاريندو ٻڌي، سندن ڀونگن جي اڱڻ ۾ سنڌي ٻاين کي ڀرت ڀريندو ڏسي، لوڪ گيت ڳائيندو ٻڌي، سازيندڙن کي نڙ، چنگ، بين، پوٽيندو ۽ سرندو وڄائيندو ڏسي، اهو وشواس وري

موتيءَ داڻا

هوءَ فائنل امتحان ڏيئي اچ سمورن تناون، ڇڪتاڻن ۽ چنتائن کان آزاد هئي. پرڪاش اڃان آيو ڪونہ هو. جيڪو ڪنهن انٽرويو جي لاءِ ويو هو. جيوتي سوچيو تہ گهڻن ڏينهن کانپوءِ واندڪائي ملي آهي گهر کي صاف صوف ڪري اڇو اجرو ڪري ڇڏيان. پٽين تي ڪوريڙن جا ڄار بہ وڏي ويا آهن ۽ گهر جون شيون بہ هيڏاهن هوڏاهن اوڏڙيون بوڏڙيون پيون آهن. هن ڀاري ٽيبل تي رکي ڀريان گهر جي تمام شين کي ڪپڙي سان ڇنڊي ڇونڊي سليقي سان رکڻ لڳي. ڪاٺ جي هڪ وڏي پيٽي جيڪا سندس ماءُ ڏيج ۾ ڏني هئي تنهن کي بہ ٿورڙي هيڏانهن هوڏاهن هٽاءِ مٿانس رنج صاف ڪئي.

هِن پيٽيءَ کي تہ ڪي ورهہ لنگهي ويا کولي بہ ڪونہ اٿم. کولي بہ ڇا ڪريان آئون تہ هن ۾ ڪي بہ ڪونہ رکندي آهيان. ٽپڙ ٽاڙي بہ سڀ تہ الماڙي ۾ رکندي آهيان. پوءِ بہ ڏسان تہ سهين ڇا رکيل آهي منجهس. سوچيندي هن چابي ڪِليءَ مان لاهي پيٽي کولي.

اوهو.... هِن ۾ تہ کهڙيون نہ ناياب ۽ نادر شيون پيون آهن جيڪي اڄ لڪہ ڏيندي بہ لڀڻ مشڪل آهن. امان جا پنهنجي مبارڪ هٿن سان ٺاهيل جهوني زماني جا ڪي ٽپڙ ٽاڙي پيا آهن. آها... هي پرت پربل ڪنجرو تہ ڪيڏو نہ خوبصورت ۽ سندر آهي. هن ۾ تہ هر قسم جي پرتن جو حسين امتزاج عجب آهنگ ۽ سهڻو سنگم پيو ٿو ڏسجي. هي پڪو، هيءَ ڪتري، هيءَ ڇوپڙ، هيءَ ڪارڪ ۽ هي.. گوٽئون، هي ٻيڙو. اُهو هن ۾ تہ نهيرڻ ۽ سوف جهڙا پرت نہ پربل آهن. اهڙو ڪو بہ پرت جو ٽاڪو يا ڪڻ ناهي جيڪو هن ۾ نہ

فهرست

موتيءُ داٽا	١
مَحِوَرُ	١١
آگهات	٢١
اِچا	٣١
پوتر پيار جو انعام	٣٩
پڇ تِتي	٥٢
خطرو	٦١
سڪينہ سانول	٧١
پرلاءُ	٧٩
ساڄن جي سونهن	٨٧

هئن با ڪابہ خوبي ڏسندا هئا تہ پنهنجي ڊائري ۾ ٽپڪاءِ وٺندا هئا.

بنهي تن من ڏن لڳاءِ جي جان سان اڀياس ڪيو هو. اڀياس درميان کين جهڙو بہ موقعو ملندو هئن تهڙو هو پراڻن ماڳن، هندن جي سٿرو سفر لاءِ نڪري ويندا هئا. خاص تہ موهن جي دڙي واري ماڳ جو ڪافي ڳوڙائي ۽ گهرائي سان اڀياس ڪيو هئائون. جتي وجي هو مهنن جا مهنا رهجي پوندا هئا ۽ هر هر شي کي باريڪي سان ڏسي روز ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندا رهندا هئا.

ڪڇہ ضلعي جي ڪڏير اوڏو ڌولا ويرا نالي سنڌو سنسڪرتي واري جاءِ جا بہ ڪئين دفعا سفر ڪيا.

فائنل نبنڌ لاءِ جيوتي موهن جي دڙي وارو عنوان ڪنيو تہ پرڪاش ڌولا ويرا واري سنڌو ثقافت وشيہ طور کنئي. جن بنهي نبنڌن کي ڏاڍي شهرت ۽ کياتي ملي. اهي بئي مقالا ايڏا تہ سٺا لکيا ويا هيا جو کين يونيورسٽي پاران سونا ٻلا بہ انعام طور مليا ۽ سرڪار طرفان کين فيلوشپ بہ عنايت ڪئي وئي.

اڀياس بعد بنهي طئہ ڪيو هو تہ ڪجهہ بہ ٿئي پاڻ کي پنهنجي سنسڪرتي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي ۽ پاڻ پتوڙڻو آهي.

جڏهن پرڪاش جيوتي کي شادي ڪرڻ جي لاءِ چيو تہ هن پرڪاش اڳيان ڪي شرط رکيا. هن پرڪاش کي چيو تہ ”مان تو سان تہ شادي رچايان جي اڳتي هلي تون منهنجي سنسڪرتي جي بچاءُ ۽ جاکوڙ واري ڪم ۾ رنڊڪ نہ پيدا ڪرين ۽ توکي اهو بہ واعدو ڪرڻو پوندو تہ پنهنجي گهر جو هڪ عدد ڪمرو ميوزم طور اپيوگ ڪرڻ ڏيندين. جنهن ۾ پنهنجون اهي اهي ڏاڏن واريون اباڻيون شيون رکيل هونديون ۽ ڪا نوڪري ڪندا سين تہ اها بہ هن ئي شعبي سان

هجي. ڪيڏو نہ سنو ۽ سهڻو آهي هي ڪنجرو.

چوندا آهن تہ اِهي سڀ پرت اصل مايون مٽي ڌوئڻي مٽيءَ سان ڇاپي پوءِ سُڪي سان پريندديون هيون. واقعي ڪجھ بہ هجي امان جا هٽڙا تہ سونا هئا سونا.

مونکي تہ سڪي جھليندي بہ ڪونہ ٿي اچي. مونکي بہ اهي پرت هاٿي ڏسي يا ڪنهن کان پڇي پڇي سکڻ کپن. هنڙيون بيش بها ۽ قيمتي شيون ٿي تہ اسان جي سڃاڻپ آهن ۽ اسان جو ورثو آهن.

اڙي هن ۾ تہ جھوني زماني جا اوڍڻ پائڻ ۾ اپيوگ ٿيندڙ ڪپڙا بہ پيا آهن. جيڪي اسان جي قوم، سماج، ۽ خاندان جي پهچان آهن. سچ پچ اهي ڪپڙا تہ اسان کي شادين ميڙن ملاکڙن جهڙن موقعن تي پائڻ کپن. تہ جيئن اسان جي سنسڪرتي ۽ ثقافت جي ڪڏهن ڪڏهن نمائش ٿي سگھي. پردرشن ٿي سگھي. ماڻهن کي بہ خبر پوي تہ اسان سنڌين جا بہ ڪي ويليوز ڪي ملھہ آهن. ثقافت سنسڪرتي ئي تہ هر قوم جو تعرف ۽ سڃاڻپ هوندي آهي. جن جي هٿن مان ثقافت هلي ويئي انهن وٽ بيو پلا باقي ڇا بچيو.

جيوتي اهي شيون اجان ڏسي رهي هئي تہ پرڪاش بہ اچي پهتو هن کي بہ هوءِ اهي شيون ڪڍي ڏيکارڻ لڳي.

جيوتي ۽ پرڪاش ٻئي هڪ ئي ڪاليج جا شاگرد هئا. هنن ٻنهي سنڌو سنسڪرتي جهڙو مشترڪ وشيہ کڻي ايم.ايڊ جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. هن لاءِ سوپاوڪ آهي تہ هنن کي جهوني زماني جي ڪا شئہ اها بہ وري سنڌي ثقافت سان جڙيل هجي تہ هو هن کي اتلاءِ پتلاءِ نهاريندا جاچيندا هئا ۽ ان شيءِ ۾ ڪا بہ نواڻ نظر ايندي

حدون پار ڪري ٻين ملڪن ۾ به سفر ڪرڻ لڳي هئي، هوڏانهن به هن کي چڱي موٽ ملڻ لڳي.

هو ٻئي سنڌي ۽ سنڌيت جا ڄاڻون ۽ ماهر هئا. سنڌي سنسڪرتي جي وشيه تي ڳالهائڻ ۾ زبان اهڙي ڦٽ ڦٽ هلندي هئن جنهن جو ڪو جواب ڪونه هو. جتي به تقريرون ڪندا هئا ماڻهن اڳيان سنڌيت کي کڙو ڪري ڇڏيندا هئا ۽ سنڌيت اجاڳر ٿي اُٿندي هئي.

دنيا جون مختلف يونيورسٽيون کين مزمان لڪچرار طو گهرائينديون رهنديون هيون. جتي هو پنهنجي ثقافتي ٽرين ۾ سوار ٿي پهچي ويندا هئا ۽ وجي سنڌيت جو گل و گلذار ڪاهي ڇڏيندا هئا.

هڪ ڀيرو آڪسفرڊ يونيورسٽي ۾ اهڙا ته ليڪچر ڏنائون جو اتي جا ڪيترائي انگريز وديارٿي موهن جو دڙو ڏسڻ لاءِ آمادهه ٿيا ۽ ترت ئي ويزائون وٺڻ جون ڪاروايون شروع ڪري ڇڏيائون. هتي هنن پنهنجي ترنم خيز سريلي آواز ۾ شاهه صاحب جي بيتن جي مختلف سرن ۾ اهڙي ته رس رهاڻ ڪرائي جي سڀئي انگريز واهه واهه ڪرڻ لڳا. جنهن ڪان متاثر ٿي ڪيترن ئي ڪوين کي شاهه صاحب جي شعرن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ جون خواهشيون جاڳيون ۽ هن ڪم لاءِ هو سڀ ڪان پهرين سنڌي سکڻ لاءِ تيار ٿيا. جن کي سنڌي سيکارڻ جو ۽ هر پرڪار جي مدد ڏيڻ جو ذمعو جيوتي ۽ پرڪاش پنهنجي سر کڻي ورتو.

ڪئين ڪوين شاهه سائين ۽ شئڪسپيئر جي ڀيٽ ڪرائيندي ڪيترائي مقالا لکيا. معنيٰ ته هنن کي لکڻ جي لاءِ ۽

ٻاپيل هوندي اهڙي ڪنداسين“.

جن شرطن کي پرڪاش ڪلي دل سان مڃي ورتو. ڇو تہ هو پاڻ بہ اهڙين شين جو شوقين ۽ قدردان هيو.

هنن هڪ ساماجڪ سنستا قائم ڪئي. جنهن جو نالو سنڌالاجي رکيائون. هن سنستا ذريعي سنسڪرتي کي اوچ ڏيڻ واري ڪم ۽ بچاءُ واري مختلف رٿائن تي ڪم ڪرڻ لڳا.

سنڌي جا جدا جدا ڪلاس بہ کوليائون. پرائيويٽ اسڪول بہ شروع ڪيائون. جنهن ۾ سيڪڙو سنڌي ٻار سنڌي تعليم جهڙي زيور سان آرا ستا ٿيڻ لڳا. مختلف اسڪولن جي وچ ۾ چٽاپيٽيون ڪراء پهريون نمبر ايندڙ ٻارن کي سنڌو سنسڪرتي جي نشان وارو بلو، پرماڻ پتر ۽ هڪ گرم اُنَ جي شال ڏيئي عزت افزائي ۽ سنمان ڪندا هئا.

سندن عمر بہ اجان ڇا هئي ٻاويهن ٻاويهن سالن جا تہ اجان مس ٿيا هئا. پر هن ڪچڙي عمر ۾ بہ هنن ڏاڍو نالو ڪماء ورتو هو. دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ تائين سندن نالو ۽ ڪياتي پهچي چڪي هئي. هو ٻئي زال مڙس گڏوگڏ ’جيوتي پرڪاش‘ جي هڪ ئي گڏيل نالي سان نت دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن اخبار جي سرخين ۾ چمڪندا رهندا هئا. هاڻي تہ کين سرڪار بہ پيسا ڏيئي مدد ڪئي هئي. جنهن مان هنن هڪ ٽرين خريد ڪري هڪ هلندڙ ڦرندڙ ميوزم جو بندوبست ڪيو. جنهن جي ڳاڏن ۾ سنسڪرتيء سان جڙيل جهونيون پراڻيون ۽ نيون تمام شيون رکي شهر شهر وڃي هنن پردرشنيون لڳايون. جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ وڏي تعداد ۾ هر قوم جا ماڻهون پيا ايندا هيا. اها ٽرين هاڻي آنترراشٽريہ سطح تي دور ديشن جون

مقابلو ڪرائڻ جي لاءِ تيار هئي.

مقابلو شروع ٿيندي ئي سڀئي ڊيليگيٽس واري واري پنهنجي پنهنجن ثقافت جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ جڏهن اڳيان ناز نخرن سان اچڻ لڳا. جن ڪي جج صاحبان نُنهن چوٽيءَ تائين جاچي جوچي ڏنو ٿي ۽ پوءِ ڪائن ڪجھ سوال بہ پڇيا ٿي.

جيئن ئي ڪنهن ملڪ جو ڪو نمائندو منچ تي نمودار ٿيو ٿي تہ ڏسندڙن تاڙيون وڄاءِ سندن آجيان ۽ استقبال پي ڪيو. هر طرف ماحول ۾ خوشي ئي خوشي هئي. رشيا جي عوام ڪي اڄ گهر ويٺي مختلف ثقافتن جا درشن ٿي رهيا هئا.

پنج ڪلاڪ يڪا آخري رائونڊ هلڻ کان پوءِ وقفو ڏنو ويو. جنهن ۾ سيني وچي چانهہ ڪافي يا ٿڌو پيتو. مقابلو ايڏو تہ مزيدار هو جو اهي پنج ڪلاڪ ڪيئن نڪري ويا جنهن جي ڪنهن کي سمڪ، سڌئي نہ رهي. ماڻهون ٿوري دير لاءِ هيڏاهن هوڏاهن گهمي ڦري تازا دم ٿي واپس اچي پنهنجي جاين تي ويهي رهيا. چو تہ هاڻي مقابلي جو نتيجو ظاهر ٿيڻ وارو هو. سڀئي منچ سامهون ڪن تانپي ويٺا هئا.

هڪ ڇوڪريءَ لاءِ وري لائوڊ اسپيڪر تان اعلان آيو تہ هوءَ وري اچي پنهنجي نازو انداز جو درشڪن سامهون اظهار ڪري. آهستي آهستي رنگين روشني جو شعاع پردي تي پوڻ لڳو. هڪ نوجوان ڇوڪري نوريءَ وارن نازنخرن ۽ حرفتن سان حاضر ٿي، جيڪا ڏاڍي نماڻي لڳي رهي هئي. جنهن جي چال ۽ اکين جا هاءِ ڀاو اهڙا تہ دلڪش هئا جي سڀن جا من موهي ڇڏيا.

سندس سرير تي سائي رنگ جو ڪنجرو پاتل هو. جنهن ۾

رِسرچ جي لاءِ هڪ اهڙو وسيع ۽ وشال وشيہ ملي ويو هئن جنهن جي ڪا حد ڪانہ هئي. هي سنڌيت جو ساگر ايڏو تہ گهرو ۽ اونهون هيو جو جيئن ئي غواصن غوطا هنيا تيئن تيئن تي هنن کي موتي مڻيان لعل لالون هٿ لڳا. جنهن جو سمورو جس جيوتي ۽ پرڪاش جي ڪاتي ۾ تي ويو.

اڄ اقوامِ متحده (U.N.O.) پاران عالمي پيماني تي هڪ سانسڪرتڪ مقابلي جو آيوجن ڪيو ويو هيو. جيڪو مقابلو عورتن ۽ مردن لاءِ الڳہ الڳہ رکيو ويو هو. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هن مقابلي ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ آيا هئا. ڏاڍي تڙڪ پڙڪ لڳي پيئي هئي. روس جو لينن چونڪ رنگين روشني جي قمقمن سان جڳمگي رهيو هيو. جيڏاهن تي نظر ويئي تيڏاهن انسانن جو اٿاهہ سمنڊ پئي نظر آيو. راڪ ميوزڪ جي ڪئسيٽ اسٽيريو رڪارڊر تي هلي رهي هئي. جنهن جو آواز وڏن وڏن لائوڊ اسپيڪرن مان نڪري شهر جي وڏين وڏين عاليشان عمارتن جي جهنگل ۾ کوهجي تي ويو.

مقابلو شروع ٿيڻ ۾ اڃان ڪجهہ دير هئي. سيئي جوان نوڙي پوڙها ميوزڪ جو مزو ماڻي رهيا هئا. نوجوان تہ پنهنجي محبوبائن جي هٿ ۾ هٿ پائي ديوانہ وار نچي رهيا هئا. جهومي رهيا هئا، تہ ڪي وري شراب جي نشي ۾ مدهوش هئا تہ ڪي شربتي اکين جي نشي ۾ چور. کن کي شراب ۽ شربتي اکيون ٻئي شيون حاصل هيون.

مختلف ملڪن کان آيل جج صاحبان هاڻي منچ تي تشريف فرماء چڪا هئا. پنجن ججن جي ٽيم تي مشتمل جيوري هاڻي

اهي چوڙا ٿونٽ ڪان هيٺ نہ لهي اچن تنهن لاءِ هنن جي اڳيان چمڙي مان نهرايل ڪڙسيا پڌل هئا. جيڪي ڪڙسيا هن ميگهواڙن ڪان نهرايا هئا. سندس ماءُ جا ڪڙسيا بہ هن وٽ اجان رکيل هئا، پر گهڻو وقت گذري وڃڻ جي ڪري ڪڙسيا ڪجهہ نازڪ ٿي ويا هئا. چو تہ ورهن ڪان هنن کي جانيي تيل جو مک ڪونہ ڏنو ويو هو. هن جي مٿي تي اوڍيل ڪاري لوئي رڍن جي اُن مان اٽيل هئي. جنهن ۾ ڪنهن کٿي جا رتي رنگ سان پڌل پنڌ جا پوٽا صاف ڏسجي رهيا هئا. لوئي پڪي جي هوا ۾ هيڏاهن هوڏاهن لهراءِ رهي هئي.

جوري جي چيف جج جيڪا عورت هئي، ڪرسيءَ تان اٿندي نتيجي جو اعلان ڪيو

”صاحبان اڄ جو هيءُ دلچسپ مقابلو جيڪو دنيا جي سنسڪرتين مان هڪ سنسڪرتي کي موتيءَ داڻي طور چونڊڻ لاءِ ڪرايو ويو هيو. هاڻي پنهنجي اختتام تي پهچي ٿو يعنيٰ ختم ٿئي ٿو. جيئن تہ توهان کي خبر آهي تہ هي مقابلو اقوام متحدہ (يونو) منعقد ڪرايو هيو. جنهن جو مقصد صرف اهو آهي تہ هر سنسڪرتي ۽ ثقافت جي ماڻهن کي دنيا جي اڳيان پنهنجي پنهنجي اظهار جو موقعو ملي. هي مقابلو هينئر ئي اپگرهہ جي ذريعي سڄي دنيا ۾ پرسارت ٿي رهيو آهي ۽ هر پنجن سالن بعد اهڙا مقابلا هاڻي ٿيندا رهندا. ڏسو نہ ڏينهن و ڏينهن دنيا جون ثقافتون، تهذيبون هڪ ٻئي جي اثر هيٺ اچي پنهنجي اصليت ۽ سڃاڻپ وڃاءِ رهيون آهن. جي پلا ايئن سيئي گڏجي متجي ويندا سين تہ پوءِ ڇا مزو رهندو. ۽ هئن بہ ڪنهن نہ هڪ طرفي شئہ ۾ مزو ڪون هوندو آهي. ايئن ٿيو تہ پوءِ ڪير ڪنهن کي ڏسڻ جي لاءِ، جاڻڻ جي لاءِ هڪ ملڪ ڪان ٻئي ملڪ جو سفر ڪندو

پريل پرت جون ٽڪون ۽ ٽونٽر روشني جي ڪرڻن سان ايئن چمڪي رهيا هئا چڻ آسمان جا سيئي ستارا اچ تان اتري هن ڪنجري جي ٽڪن ۾ سمائجي ويا هجن.

هي ڪنجرو ڏسي سُر ماروي ۾ ذڪر ڪيل شاهه صاحب جو ماروي وارو ڳايل ڪنجرو اکين آڏو ڪڙو ٿي ويو. جنهن کي ڏسي ،رشڪن منجهان ڪو جيڪو سنڌي پي لڳو پنهنجي جاءِ تي اٿي بيٺو ۽ هي بيت زور زور سان جهونگارڻ لڳو.

سهسين سيبا ڪنجري لوئي ليڙ ٿيام
اباڻن جي آسري ڪِتي ڪانه ڪيام
جا ڏيت ڏيڪيام تنهن جو پرور پن رهائين

هن چوڪريءَ جي وارن ويڙهڻ جي اسٽائل به بلڪل اصلي هئي. برابر نرڙ جي وچ مان نڪ جي سونت مٿان سينڊ ڪڍيل هئي ۽ ڪن مٿان وارن جا ور پيچي انوکي اصلوڪي اسٽائل سان وهيڙيل هئا. جنهن جو چوٽو پٺين طرف هليو ٿي ويو. جنهن جي ٻڌڻ جي لاءِ ڪنهن ربين يا ڦيت جو اپيوگ نه پر رڏن جي اُن مان ٺاهيل ڪاري چوٽلي جو استعمال ڪيو ويو هو. وار اهڙا ته ڏاڍا ٻڌل هئا جو اڻ ڏينهن هٿ به نه لاهجي ته به ايئن جو ايئن ٻڌا پيا هجن.

هن جي ٻانهن ۾ ڪانچ ۽ ڪاٺ جا چوڙا پاتل هئا. چوڙن جي هن ٻاهينئن کي ڏسي شاهه صاحب جو هي بيت وري زبان تان ترڪي پيو ٿي.

ڪراين ڪروڙ جا ڪوڙا چوڙا جن
سومرڪ ماروئڙن جيان لوڪ لڄ ٿئي.

مڪور

”اڙي مار ٻوين هي ڇا ڪيو اٿن. مون کين هيئن ڪرڻ جي لاءِ ڀلا ٿوري عربضي ڏني هئي. مون ته سوچيو هو ته ڪنهن چڱي ڳوٺ لاءِ تبادلو ڪري ڏيندم، وڃي سکي ٿيندس، پر هي ته ’چُلهه مان نڪري الهه ۾ ڪرڻ وارو تال ٿيو‘. ٽپال ۾ آيل خط کوليندي منهنجي مُنهن مان يڪايڪ الفاظ نڪري پيا. ڇو ته هن خط ۾ جيڪو منهنجي تبادلي واري ڳوٺ جو نالو لکيل هو اهو ته بلڪل ڀرارڙيءَ ۾ آيل، هن ڳوٺ کان به ويل ڳوٺ هو.

مون تبادلي لاءِ عربضي بيشڪ ڏني هئي، اها هن لاءِ ته ڪنهن شهر جي اسڪول لاءِ تبادلو ٿئي، ته ٻارڙن کي پڙهائڻ سان گڏوگڏ منهنجي به ادبي لحاظ کان ترقي ٿي سگهي. ڇو ته هينئر جنهن ڳوٺ ۾ مان پرائمري اسڪول ۾ ماستر طور سرڪاري نوڪري ڪري رهيو هوس اهو ڳوٺ ڪو وڏو ڳوٺ ڪونه هو. مان جڏهن پهرين هت آيو هوس تڏهن ته هت بجلي به ڪانه هئي. ٻه سال ٿيا هاڻي بجلي اچي وئي آهي. پڪو رستو به نهي ويو آهي. پاڻيءَ جي پائپ لائين پهچائڻ وارو ڪم به هلي رهيو هو. جيڪو هاڻي مڪمل ٿيڻ تي هو. ٽيليفون جي لاءِ به فارمن ڀرڻ وارو ڪم پورڻ تي ويو هو ۽ ٻي ڳالهه ته هتان کان شهر ايڏو ڪو پري ڪون هو. صرف ٽيهه ڪلوميٽر هو.

هتي جا ماڻهون ڏاڍا نيڪ، ايماندار ۽ خير خواهه هئا. مونکي ڪنهن به ڳالهه جي ڪا تڪليف نه ٿيڻ ڏيندا هئا. ويچارا سيئي پلي اڻ پڙهيل ڳوناٽا مالذاري هئا پر منهنجي ته ڏاڍي شيوا ڪندا هئا. گيهه، کير، جهڻ ته مُفت ۾ ڏيئي ويندا هئا. تڪو به ڪونه وٺندا هئا. اٽلو ڪڏهن ڪڏهن مان کين پئسا ڏيندو هوس ته ناراض ٿي پوندا هئا. چوندا هئا

پوءِ ڪير ڪنهن تي ناز ڪندو.

هن مقابلي ۾ جيڪا سنسڪرتي نمبر کڻندي ان جون دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ نمائشون، پردرشنيون رکيون وينديون. سيمينار ڪيا ويندا، وياکيان رکيا ويندا.

هاڻي مکيه ڳالهه ڏانهن اچان، اڄ جي هن مقابلي ۾ ثقافت جي ساگر مان جيڪو موتي چونڊيو ويو آهي اها.... آهي ... مسز جيوتي.... جيڪا سنڌي ثقافت سان تعلق رکي ٿي. (تاڙين ٺهڪا پئجي وڃن ٿا) ۽ ها توهان کي اهو به ٻڌائيندي خوشي ٿيندي ته مردن واري مقابلي ۾ به جيڪو نوجوان پهريون نمبر آيو آهي اهو به هن ئي ثقافت سان تعلق رکي ٿو. جنهن جو نالو آهي مسٽر پرڪاش....

واقعي مسز جيوتي ۽ مسٽر پرڪاش پاڻ کي ثقافت جي موتين طور مڃرايو آهي. گڏيل قومن واري اداري پاران آئون کين لک لک واڌايون ۽ مبارڪون ٿي پيش ڪيان." چوندي جج صاحبه پنهنجي جاءِ ورتي. چئني طرف تاڙين جي تڙ تڙ جي ڏڙ ڏڙ اچان چالو هئي.

ڪئمرامين پنهنجن ڪئمرن جي ڪلڪن کي دٻائيندي ٿڪجائي نه پئي. جن جي فليشن جا چمڪاٽ جيوتي جي ڪنجري نڪن تي پئجي پراورتت ٿي رهيا هئا ۽ هو هوا ۾ هٿ هلاءِ هلاءِ سندس نماڻي مرڪ سان سڀني کي مرحبا ڪري رهي هئي. فوٽوگرافر سندس مختلف ادائن کي قيد ڪندا رهيا.

لائوڊ اسپيڪر مان شاهه جي وائي الڻ فقير جي آواز ۾ گونجي هوا ۾ گهولجي رهي هئي.

ڪونہ پسند ايندي هئي. مان جڏهن ڪين سندن ٻارڙن کي پڙهائڻ جي لاءِ چوندو هوس تہ چوندا هئا ”سائين پڙهي پلا ڪير وڏو ٿيو؟ هي ٻارڙا جي پڙهي ويا تہ پوءِ اسان جون رڍون ٻڪريون ڪير چاريندو؟ سائين اسان وٽ تہ هڪ چوڻي عام آهي تہ پڙهيو سو ڪربو. سائين پڙهندا تہ انگريزن جيان بيٺي بيٺي مٽندا پيو وري چا ڪندا. پيو ڪونہ هاڻ توهان جيئن وچي ماستر ٿيندا. هنن کي هي رڍن ٻڪرين جا پُڇ ئي نيڪ آهن. ويٺا وٺيندا.

مان هنن کي اڪثر سمجهائيندو هوس ’پر هو سمجهڻ کان قاصر هئا، پري هئا. هنن کي مون واري ڳالهہ پلي ئي نہ پوندي هئي. پڙهڻ پڙهائڻ واري ڳالهہ سندن من ۾ ئي نہ وهندي هئي.

منهنجي اسڪول ۾ صرف ڏهہ يا ٻارهن ٻار ايندا هئا. جيڪي پنهنجي مرضيءَ سان ايندا هئا باقي ماءُ پيءُ جو ڊپ تہ ڪين ٻنهہ ڪون هو. جن کي مان جيءَ جان سان پڙهائيندو هوس، سيکاريندو هوس. باقي فالتو وقت ۾ پنهنجو لکڻ پڙهڻ وارو ڪم پيو ڪندو هوس تہ ڪڏهن ڪڏهن وري شهر گهمڻ هليو ويندو هوس جتي وچي ڪنهن لئبريري ۾ مطالعو پيو ڪندو هوس. جنهن ڳوٺ لاءِ منهنجو تبادلو ٿيو آهي اهو ڳوٺ تہ صفا ٻاهرا ڙي ۾ آيل آهي. جتي اچي ’تانگهي مان نڪري اونهي ۾ ڪرڻ‘ واري چوڻي جو احساس پيو ٿئيم. هتي بجلي ۽ ٽپال جي تہ سهوليت آهي پر دنيا جي ٻين سهوليتن کان اڃان هي ڳوٺ محروم آهي. خير مونکي بي ڪنهن ڳالهہ جي تہ فڪر ڪون هئي پر هڪڙي فڪر کائڻ ٿي آئي تہ هتي اچي منهنجو ادب جي سلسلي وارو ڪم مون کان ڇٽي ويندو، رڪجي ويندو، ڇو تہ هي ڳوٺ شهر کان ڪافي دور آهي ۽ اهڙي پڇڙيل ڳوٺ ۾ ڪو ادبي ذوق رکڻ وارو ماڻهو ملي وڃڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪون ٿيندو.

”سائين ڪير ۽ پٽ پلا وڪيا آهن ڇا؟“ ڪڏهن ڪو خطيب پيو ابدو هئن ته مون وٽ پيا ڪٺي ايندا هئا ۽ مان ڪين پڙهي ٻڌائيندو هوس ۽ جواب به لکي ڏيندو هوس.“

هو اڻ پڙهيل پلي هئا پر ڪين قدرت هڪ ڏيج ڏنو هو. هنن کي شاهه سائين جا بيت ته اهڙا برزباني هئا جي ماڻهو ٻڌي دنگ رهجي وڃي. ڪوبه سُر اهڙو نه هو جنهن جا بيت هنن کي نه ايندا هجن. شاهه صاحب جون وايون ۽ ڪافيون به ايئن ئي ڪين ياد هيون.

هو رات جو اڪثر ڪنهن جي اوطاق تي ڪنا تي، تڏڙي منڙي رات جڏهن پنهنجا پکڙا پساري اپ ۾ تارن جي موتين کي پکوڙي ڪنهن ڪنوار جيان سڄاءِ جگمگاءِ ڇڏيندي هئي، تڏهن روح رهاڻ پيا ڪندا هئا ته ڪڏهن وري ڪنهن پوٺي تي ٿاهيل رڍن ٻڪرين جي واڙي مٿي جهميلو مچاءِ رات جو يارهين يارهين وڳي تائين شاهه جا بيت ڳاءِ يا ٻهڃارتون سلي رس رهاڻ جمايا ميلا مچاءِ ويٺا هوندا هئا. رات جو هو هن واڙي تي رڍن جي ڪير ۾ گهاٽي چانهه به ٺاهي پيندا هئا. جيڪا چانهه واقعي ڏاڍي سٺي ۽ سوادي هوندي هئي.

رڍن جي ڪير ۾ ٺاهيل چانهه جو جيڪو مزو هوندو آهي اهو وري ٻيءَ چانهه ۾ ڪٿان آيو. اهڙي ته گهاٽي ۽ سٺي هوندي هئي جو مان ته پيئندي ڍاپندو ئي نه هوس.

مونکي ادب سان، خاص ڪري لوڪ ادب سان ڪافي دلچسپي هئي. سو مان چنگ ٻڌڻ جي لاءِ يا وري بيتن ٻڌڻ جي لاءِ اڪثر هن محفل ۾ رات جو هليو ويندو هوس. ويچارا مونکي ڏاڍو مان عزت پيا ڏيندا هئا. مونکي رلهي وڇاءِ ڏيندا هئا ته پاڻ پٽ تي ويهي رهندا هئا.

هو هر لِحاظ کان چڱا هئا. پر هڪڙي ڳالهه مونکي هنن جي

”ها ٻارو هاڻي مان ئي توهان کي پڙهائيندس، توهان مون وٽ پڙهڻ ايندا نہ“

”ها سائين سيني هڪ ئي آواز ۾ جواب ڏنو.“

”ٻارو توهان جا نالا ڇا آهن“

”منهنجو نالو ٻچو آهي.“

”منهنجو نالو سچو آهي.“

”منهنجو نالو رمون آهي.“

”منهنجو نالو ڪمون آهي.“

”شاباش توهان جا نالا تہ ڏاڍا چڱا آهن ۽ چڱا ٻار هميشه پڙهندا آهن“ مون پنهنجي بيگ مان چاڪليٽ ڪڍي هنن کي ڏنا جنڪي وٺي هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مسڪرائڻ لڳا هو ايڏا تہ لڄارا هئا جو ڪنهن بہ چاڪليٽ نہ کاڌو سيني پنهنجن پنهنجن کيسن ۾ رکي ڇڏيا.

ٻهاريون ڪڻندي ڪن پل ۾ ڪمرو صاف سٿرو اڇو اجرو ڪري ڇڏيائون ۽ پوءِ منهنجو سامان ڪڻي اندر رکڻ لڳا. واقعي ڏاڍا سچار ٻار هئا. هن اسڪول جو اڳوڻو ماستر ٽي مهنہ ٿيا رٽائر ڪري ويو هو. جنهن جي ڪري ٽن مهينن کان هي اسڪول بلڪل بند پيو هو.

مان آهستي آهستي هتي جي ماحول ۾ فٽ ٿيندو ويس. هڪ ڏينهن مان پوسٽ آفيس ۾ ويٺو هوس. پوسٽ ماسٽر ٽپال وارو ٿيلهو کولي رهيو هو. هن ٿيلهي جو سيل کوليو. منجهان خط ڪڍيا پوءِ سيني تي مُهر هڻندو منهنجي سامهون ئي هڪ پاسي رکندي پي آيو. منهنجي نظر ٻن مئگزنين تي پيئي جيڪي ٻئي سنڌيءَ جون مئگزنيون هيون. هڪ مُمبئي کان ۽ هڪ سنڌ کان آيل هئي. مون ائڊريس پڙهي، ائڊريس پڙهي مان دنگ، حيران ۽ پريشان رهجي ويس. هن نالي وارو شخص تہ اسان جي

مان خدا خدا ڪندو نيٺ تہ وڃي هڪ ڏينهن بس ۾ سوار ٿي هتي پهتس. سوچيو هو تہ ويندي شرط وڃي ڪنهن مسواڙي مڪان جي ڳولها ڪندس. پر هتي اچي خبر پيم تہ هتي رهڻ جي لاءِ سرڪاري ڪوارٽر نهيل آهي جيڪو ٽپال آفيس جي بلڪل لڳولڳ هو. پوسٽ ماسٽر بہ ڪنهن شهر جو ماڻهو هو. پر پنهنجي نوڪري سبب هتي ئي رهيو پيو هو.

مان بس مان لهي جڏهن هن سان مليس تہ هن جي خوشيءَ جو پار نہ رهيو. چيائين ”چڱو ٿيو جو توهان آيا آهيو هاڻي بہ ڄڻا ٿياسين ڪجهہ مزو بہ ايندو. هتي تہ مون اڪيلي جو ڏينهن ئي نہ پي گذرندو هو. اڪيلو ويهي ويهي بوئر ٿي پوندو آهيان.“

هن آفيس ۾ ٻاهريون ماڻهو هو هڪ جو هڪ هئو، ٻيا بہ ڄڻان ٽپالي هئا جيڪي مقامي ماڻهو هئا. هو ٻئي پنجون پنجون درجو پاس هئا. ڇو تہ هتي جو اسڪول پنجين درجي تائين ئي هو.

مان پنهنجا ٽپڙ ٽاڙي ءِ ٽانون جي ڳوڻ اڱڻ ۾ رکي، تالي جي چاٻي جيڪا هن پوسٽ ماسٽر وٽ هئي سا وٺي تالو کوليم. ڏٺم تہ اندر ڏوڙ ڌُز جا تهہ لڳا پيا هئا، سوچي رهيو هوس ڪو مزدور ملي وڃي تہ ٻهاري پاراءِ ڇڏيان.

ايتري ۾ پوسٽ ماسٽر صاحب ڇئين ٻارڙن کي زور سان هوڪو ڪري سڏ ڪيو جيڪي ٻار هڪ وڻ جي ڇانو ۾ ٻلورن راند ڪيڏي رهيا هئا. هنن پنهنجا ٻلور ميڙي کيسن ۾ وجهي ڇڏيا ءِ اچي حاضر ٿيا.

”ڇورا هي توهان جا ماسٽر صاحب آهن. هاڻي توهان کي هي پڙهائيندا. شاباش جلدي ڪيو هن صاحب کي پنهنجو ڪمرو صاف ڪري ڏيوس، پوءِ اسڪول کي بہ ٻهاري پاءِ ڇڏيو.“

مکيه دروازي کان ٽوروا ڳيرو هلي مهمان خاني تائين پهتاسين ته هن مونکي چيو ”سائين هن يونگي ۾ ويهو مان اڇهو ٿو سائين جن کي سڏي اچان.“

”سائين کي مزمان آيو آهي جيکو پنهنجو نالو شيام ٻڌاءِ ٿو توهان سان ملڻ ٿو چاهي.“

شيام نالو ٻڌندي ئي تاج صاحب جي من ۾ ويچارن جا لهوڙا ڊوڙڻ لڳا. هي اهو ته شيام کونهي جيکو لوڪ ادب جو ماهر ۽ اسڪالر آهي. منهنجا اِهڙا پاڳ ڪٿان آيا جو هو منهنجي گهر هلي اچي. هن جي تصوير مون اڪثر اخبارن ۾ ڏٺي آهي. اهو هوندو ته مان هن کي سڃاڻي وٺندس، سوچيندي هو اٿي مون سان ملڻ جي لاءِ مهمان خاني ڏانهن اچڻ لڳو.

”اڙي يلي ڪري اَئين وڏا پير توهان جا پليرا پاڳ اسان جا جو توهين هت تشريف کڻي آيا. شيام مان ته توکي آسمان پي نهاريو تون ته مونکي زمين تي ملي وئين.“ چوندي هو ڀاڪر پاءِ گڏيو.

”خوش چڱا ڀلا متارا جوڙ آهيو.“

”دعا، خير، رحم شڪر آهي. توهين خوش باش چاڪ آهيو؟“

”مالڪ جي مهرباني آهي جلسا لڳا پيا آهين.“

گڏ جاڻي کان پوءِ اسان جي ڪافي دير تائين رهاڻ هلندي رهي مختلف موضوعن تي ڳالهائيندا رهياسين.

”سائين ڪريو خبر توهين هيڏا وڏا نالي وارا مشهور ماڻهون آهيو پوءِ به هت ٻهراڙي ۾ رهيا پيا آهيو اها ته عجب جهڙي ڳالهه آهي.“

”شيام اها منهنجي خوش قسمتي آهي جو آئون هت ڳوٺڙي

ديش جي هڪ مشهور اديب عالمائي شخصيت جو مالڪ هو. جنهن جا مضمون روز رسالن اخبارن ۾ نت باقاعدگيءَ سان ڇپبندا رهندا هئا. مان ته سوچيندو هوس ته هي شخص ڪنهن وڏي شهر، ممبئي يا دهلي ۾ رهندو هوندو. پوسٽ ماسٽر کان تصديق جي لاءِ پڇيم ته هن به چيو ”ها هي شخص اهو ئي آهي جيڪو توهين ڇئو پيا“ ٻئي ڏينهن هن سان ملڻ جو پڪو ارادو ۽ عزم ڪيم ڇو ته سياڻي موڪل هئي. ٻئي ڏينهن مان صبح جو انين وڳي هن سان ملڻ جي لاءِ روانو ٿي ويس، ڏٺم ته ڳوٺ کان ٻاهران کُليءَ فضا ۾ ڪکائين گهرن وارو هڪ پاڙو آهي. جنهن جي چئني پاسن کان ڪوٽ واڙيل هو. ڪافي وشال ۽ وسيع ميدان هو. ڪوٽ جي اندر اٺ ڏهه مينهون ٻڌيون پيئيون هيون ۽ رڍن ٻڪرين جو ولر به هڪ طرف وينو هو، جن جا ننڍڙا ننڍڙا ڦرڙا، ڇيلڙا نينگ ٽپا ڏيئي ڪڏڪارون ڪري رهيا هئا. هڪ ڪتو به ڳئٽ تي ٻڌو پيو هو جنهن مونکي ڏسندي ئي ڀونڪڻ شروع ڪري ڇڏيو. پر رڍن جي ڌنار جيئن ئي هڪل ڪري ڇڪار ڪئي ته هو ماٺ ٿي ويهي رهيو.

”سائين منهنجا هليا اچو هاڻي هي توهان جو نالو به نه وٺندو“ ڌنار چيو. مان ڊڄندو ڊڄندو ڪوٽ جي اندر داخل ٿيس. واقعي هن هاڻ مون تي ڀُڪ به ڪون ڪئي. ماٺ ڪري مون ڏانهن نهاريندو رهيو. هن کي ڏسي دل ۾ سوچيم ته جانور به انسان جو ڪيڏو نه وفادار ساٿي آهي جيڪو پنهنجي مالڪ جي ڏک سک ۾ شامل رهندو آهي مالڪ جي ڳالهه کي به سمجهي سگهندو آهي.

”جناب تاج صاحب جن آهن؟“ مون هن کان پڇيو ”جي سائين بلڪل آهين. اچو مان توهان کي وٺي هلان ٿو.“ هن چيو ۽ مان هن جي پنيان هلي نڪتس.

هاڻي مان ٻوڙن ۾ رهي ٻوڙن جي اندر تعليم کي وڌائڻ ۽ ترقي وٺائڻ جو سوچو ڪيو آهي، هاڻي پنهنجي قلم جو محور به ٻوڙن کي بنائيندس، هاڻي جيڪي به لکندس ٻوڙن جي لاءِ لکندس ٻوڙاڻي سنسڪرتي ۽ ثقافت کي تمدن ۽ تهذيب کي اجاگر ڪندس.

شيام ڪجهه به هجي چيٽ جي مهيني ۾ رتين ڦُسين سان ڪنهن ڏڻهن جيان سينگاربل هي ڪرڙ ڀلا شهرن ۾ ڪيئن ٿا ڀسي سگهجن. جي ڪاهه ڪولاڙا هي ماروءَ ۽ مال، هي ڀاڙي لاءِ پير پٿون ڪندڙ پٽيهاريون شهرن کي ڪٿان آيون 'نصيب' هي موهن جي دڙي واري ثقافت وارن مٽيءَ جي ٿانون جو اپيوگ شهر وارا ڀلا ڇا ڄاڻن.

هو ڏسبن ٿو ڪڪائون ڀونگو، مان پنهنجي هٿن سان ٺاهيو آهي مان ڏينهن سڄو هن ۾ ويهي ڪجهه نه ڪجهه لکندو رهندو آهيان، ڇو ته هن ۾ رهندي مونکي سنڌوءَ جي ڪنارن تي يا ٿرجي ڌڙن تي جهونپا ٺاهي رهندڙ پنهنجن ابن ڏاڏن جي زندگيءَ جي انيوڀتي ٿيندي آهي.

''واهه سائين واهه توهان ته مونکي لاجواب ڪري ڇڏيو. چڱو سائين هاڻي سڄ به لهي رهيو آهي هاڻي دير پئي ٿئيم وري ملنداسين.'' چوندي مون هن کان موڪلاءِ پنهنجي گهر هلي آيس.

هڪ ڏينهن پنهنجي اسڪول ۾ ٻارن کي مان پڙهاءِ رهيو هوس ته ڏٺم نه اهو ئي ڏڏار ڊوڙندو سهڪندو اچي رهيو هئو ۽ اچي چيائين سائين سائين جــــ...بـ... جلدي ڪيو هلو، سائين جن کي ڪجهه ٿي پيو آهي. ''اهو ٻڌي منهنجي پيرن هيٺان جڻ زمين کسڪڻ لڳي هئي. مان ٻارن کي موڪل ڏيئي ڊڪ پائي وڃي سندس گهر پهتس. ڏٺم ته تاج صاحب سوفي تي پيا هئا، سندن ڪنڌ سوفي مٿي لڙهڪي پيو هو. قلم جيڪو شايد هن جي هٿ ۾ هوندو هو سو پٽ تي پيو هئو، مان هن جي بت

۾، جهنگل ۾ رهيو پيو آهيان مان جيسنائين ڪاليج ۾ پروفيسر هوس شهر ۾ رهيس، پر شهر جي زندگي کان عاجز اچي چڪو هوس. گاڏين جو گوڙ ۽ دونهون، وڏين وڏين عمارتن جا سمينٽ ڪانڪريٽ وارا جهنگل، گندگي آلودگي چا چا ٻڌايانو ته شهر ۾ ڇا ڇا نه هئو.

”مون پنهنجي من ۾ گنڍ ٻڌي هئي ته رٽائر ڪرڻ کان پوءِ وڃي مان پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندس، جتي مان ڄائو هوس، جنهن مٽيءَ ۾ راندروند ڪري مان وڏو ٿيو هوس اتي ئي وڃي مان قدرت جي حسين منظرن جو مزو ماڻيندس.

ڏس نه هتي رات جو مان هن کلي آڱڻ ۾ کٽ ڍاري هن ٽي سري جي ٽيڪ لڳاءِ ويهي هن ٿڌڙي مٺڙي لهندڙ هير هوا جو لطف وٺندو آهيان. اوندهه رات ۾ نکٽن، تارن کي ته دل سان تڪيندو رهندو آهيان. ته سهائي رات ۾ چنڊ کي چڪور جيان هڪ چٽ ٿي ڏسندو رهندو آهيان. هنن مينهون مان مونکي سُهڻي جي سڪ جو انوڀو ٿيندو آهي جن جا پيچ پڪڙي هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي جان خطري ۾ وجهي هڪ ٻئي سان ملندا هئا. هي رڍون ٻڪريون جن کي ڏسي ماروي جي ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جي لاءِ، وطن ور جي لاءِ، ساٿيهه ۽ سرتين لاءِ اکين مان هاريل لڙڪن جي ياد تازي ٿي ويندي آهي. هو اُٺ ڏسين ٿو جنهن کي ڏسي سسئي جي پنهل لاءِ ڪيل تڙف جو احساس ٿيندو اٿم. يار شيام اهي شيون شهرن ۾ پلا ڪيئن، ڪٿان ٿيون نصيب ٿي سگهن ۽ شهر ۾ جي هجن به ته اهڙو مزو پلا ڪٿان ايندو. ماڻهو هميشه ازل کان جهنگل ۾ رهيو آهي، جهنگل ۾ ئي هن سڀ سکيو پرايو، جهنگل کان ئي هن جي جيون جي شروعات ٿي. هي هنڙا ڳوٺڙا جهنگل جو هڪ حصو آهن جنهن ۾ نماڻي نوري سورهيه سهڻي. سڪايل سسئي، ماروئڙن جي تانگهه ۾ ماريل ماروي جو مشاهدو ماڻي سگهبو آهي.

آگهات

هوائي جهاز جي اچڻ ۾ اجان اڌ ڪلاڪ جي دير هئي. نورل ۽ سندس دوست ويٽنگ روم ۾ ويٺا. هوائي جهاز جي اچڻ جو بي صبري سان انتظار ڪري رهيا هئا.

نورل ڪنهن وقت ڏاڍو خوش ٿي رهيو هو ته وري ڪنهن وقت غمگين به. خوش هن لاءِ ٿي رهيو هو ته زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ولايت جي سفر تي وڃي رهيو هو. اهو به وري هوائي جهاز ذريعي. غمگين هن لاءِ ٿي رهيو هو ته پيءُ کي اڪيلو ڇڏي پئي ويو، پر پرديس وڃڻ جي خوشين جي لهرن ۾ غم غائب وغرق ٿي ويو ٿي ۽ خوشي مُرڪ جو روپ ڌاري چپن تان ظاهر ٿي رهي هئي.

نورل پنهنجي پيءُ جو هڪ ئي سڪيلڌو پٽ هئو. جنهن کي پڙهس وڏن ناز نخرن سان، لاڏ ڪوڏن سان سانديءَ پالي وڏو ڪيو هو. ڪڏهن ڪوسو واءُ به نه لڳڻ ڏنائونس. هو ڏاڍو سچار ۽ محنتو ماڻهو هو. هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رڌو پيو هوندو هو پر ڏينهن رات ڪاري مزوري ڪرڻ جي باوجود به هو ايترا پئسا ڪونه ڪماءِ سگهندو هو ته جيئن پنهنجي پيءُ پٽ جي زندگيءَ جو گاڏو سک سان هلي سگهي ۽ گذربسر آرام سان ٿي سگهي. هن ٻڌو هو ته ولايت ۾ پئسا ئي پئسا آهن، هٿ مزوري جا به جام پئسا ملندا آهن. هن جو هڪ دوست ولايت ۾ ئي ته رهندو هو. جيڪو گهڻا روپيه ڪماءِ گهر پيو موڪلندو رهندو هو، هن ئي ته هن لاءِ ڪنهن هوٽل جي چوڪيداري واري نوڪري ڳولهي هن لاءِ ويزا ٺهراءِ موڪلي هئي.

پهرين ته پڙهس هن کي اجازت ڏيڻ جو صاف انڪار ڪري

کي هٿ لاتو ڏنم، تہ بت صفا ٺري چڪو هو. هن کي سئون ڪري سوفي تي سمهاريم ڏنم تہ هن جي سرير جي ساڄي پاسي هيٺان هڪ ڪاغذ پيو هو. جنهن ۾ هن شايد ڪو مضمون لکڻ جي اڃان شروعات ئي ڪئي هوندي ۽ پساهہ جو پکيڙو اڏري نڪتو هوندو، هن ڪاغذ ۾ اڃان صرف هڪ ئي سٽ لکي هئي ”جي امر هٽيو اڏ ڪري سي ڪاغذ لکان ڪيئن.“

منهنجي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهي نڪتا، اکيون اُگهندي دروازي منجهان ٻاهران نظر ڊوڙايم تہ ڪتو گهر جي ٻنيي تي غمگين ويٺو هو. سندس اکين ۾ پاڻي هو، رڍون ٻڪريون سيئي دروازي سامهون خاموش نهاري رهيون هيون، شايد هو بہ سمجهي ويٺيون هيون تہ سائين جن سر ڳ سڌاري ويا آهن. ڏٺار هڪ ڪري رڍن ٻڪرين کي پانڪرون پاءِ زور زور سان اوڇنگارون ڏيئي روئي رهيو هو.

هيئن هُن جي زندگيءَ جو چڪر پورو ٿيو جيڪا زندگي سنڌيت جي محور ۽ مدار تي گهمي رهي هئي.

”نہ منهنجا پٽڙا ڀيو وري چا، شل جواني ماڻين“، ناني وليءَ دعائون ڏيون.

”ياءُ نورل بس اڄ سِرهاءِ ورتي چا؟ منهنجا راڻا خدا تنهنجي هربلا کان حفاظت ڪري شل موتي اچي سڀ خوشيون ماڻين، ادا ٻڌو اٿم تہ ولايت ۾ چاٻيءَ واريون گُڏيون ڏاڍيون ملوڪ ٿيون ملن. ادا پنهنجي ياڻيجي لاءِ ٿي سگهي تہ هڪ گڏي وٺيو اچج، پئسن جو ڪو بہ فڪر نہ ڪج، ايندي ئي مان توکي ڏيئي ڏيندس.“ پيڻ نوران اوٽي جي اند تي بيهندي چيو.

”چو نہ پيڻ چو نہ گڏيون ڪوڙ، پيڻ پئسا وري چا جا؟ گڏيءَ لاءِ تہ مان گڏيون سوکڙي ۾ وٺي ايندس، آخر گڏي منهنجي ياڻيجي ئي تہ آهي“. نورل نوران کي جواب ڏنو.

”اي ابا نورل هليو پٽ هليو توکي تہ آسمان ۾ پي نهاريم، ابا ٻڌو اٿم تہ ولايت پيو وڃين. چڱو ابا چڱو ڏاڍو سنو پلا ٽڪيٽ ڪڏهن جي اٿئي، هاڻي تہ وڃڻ ۾ بہ ڏينهن تمام گهٽ هوندءِ. ڪيئن ابا نيڪ ٿو چوان نہ؟“

”ها چاچا بلڪل صحيح پيا چئو. بس هاڻي ئي ٿو وڃانو، چاچا ٻڌايو توهان لاءِ چا وٺي اچانو.“

”اي پٽ مون لاءِ وري چا آڻيندين. هاڻي تہ قبر ۾ پير پيا اٿم، خبر ناهي تنهنجي اچڻ تائين تہ هوندس پي يا نہ. ڏس نہ هي کنگ هي دم“.

”نہ نہ چاچا خدا جمار ڏيندو. ايئن چو پيا سوچيو پنجن سالن جي ئي تہ ڳالهہ آهي بس.“

ڇڏيو پر پوءِ نورل ۽ ڳوٺ وارن جي سمجهائڻ ٻجهائڻ بعد آخر هو مَس مَس راضي ٿيو. نہ صرف موڪل ڏنائين پر پنهنجي مڪان جائداد وڪڻي نورل کي پئسن جو بہ ميڙ ڪري ڏنو. هُن لاءِ نہ نورل جي خوشي ئي پاڻ جي خوشي هئي، نورل خوش تہ هو بہ خوش. نورل جي خوشيءَ اڳيان هن جا سيئي رنج، غم ڪافور ٿي ويندا هئا. هن پاڻ لاءِ صرف هڪڙو ئي ڪمرو باقي ڇڏيو تہ جيئن ڪڏهن ڪڏهن ڏکي سکي وقت ۾ ڪم اچي سگهي، ٻي سڄي جائداد وڪڻي ڇڏي. گهر ۾ ٻيو هو بہ ڪير، گهر جي ڪل ڪائنات ٻن جيون تي ئي تہ آڌارت هئي، جن مان هڪ هاڻي ولايت وڃي رهيو هو. باقي رهيو پڙهس، تنهن بہ فيصلو ڪيو هو تہ هو ڪمري کي تالو ہاءِ وڃي ڪنهن ٻِيءَ گهر ۾ رهندو. هو نورل کي جهاز ۾ چاڙهي نورل کان موڪلائي سڌو ٻِيءَ گهر هليو ويندو، جتي رهڻ جي لاءِ هن اڳي ئي داخلا وٺي بندوبست ڪري ڇڏيو هو.

”اي ابا شل ٻچين ڪير نورل آهين؟ پٽ شل الله عمر ڏينئہ. ٻڌو اٿم تہ تون ولايت ٿو وڃين. ڇڱو پٽ ڇڱو شل ٻچين شل ڪوسو واءُ بہ نہ لڳنئي، ابا وري واپس ڪڏهن موٽندين؟ ابا جڏهن واپس اچين تہ مون ٻڍڙيءَ لاءِ هڪ عينڪ تہ وٺندو اچج. دعا ڏيندءِ پٽ.“ ناني وليءَ گهر جي ٻميي ۾ ويٺي ويٺي اکين مٿان هٿ جو ڇپر ڻاهي نورل ڏانهن نهاريندي چيو. جتان نورل اوٺي کان هيٺان وات تان لنگهي رهيو هو.

”ها ناني ڇو نہ عينڪون ڪوڙ توهان لاءِ. بس دعا ڪجو تہ شل سک شانتيءَ سان واپس وري اچان، ناني اجان ٻيو بہ ڪي چئو ڇا وٺي اچانو“، نورل ناني وليءَ کي جواب ڏيندي چيو.

سان روح کي ريجھائيندس.“

”نہ نہ دلبر ايذي دل ٽونڪي نہ ڪر، اهڙي ڪائي ڳالھ ڪانهي انشاءالله جان آهي تہ جهان آهي آئون جلد ورڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ توکي هتان هر هفتي پيو خط لکندس پوءِ ڇا آهي خط بہ تہ اڌ ملاقات هوندي آهي نہ. تون ڪو بہ فڪر نہ ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

”اول ٿي سگهي تہ مون لاءِ بہ ڪا نوڪري نهارج. تہ آئون بہ اچي توسان گڏ ٿيان.“

”ڇو نہ يار ڇو نہ، اها بہ ڀلا ڪا پارت ڪرڻ جي ڳالھ آهي ڇا؟ اهو تہ مون توکان اڳ ئي سوچي ڇڏيو آهي. بس پهچڻ ڏينم، پوءِ ڏس مزو، پر دوست هڪ ڳالھ چوانءِ تہ پئسن جو هينئر کان ئي بندوبست ڪري رکجانءِ تہ پوءِ ڪا چڪ تاڻ نہ اچي ٿئي ۽ ڊوڙ ڊڪ نہ ڪرڻي پوي.“

”انهي ڳالھ کان چنتين يار اهو مان پاڻهين سنڀالي وٺندس.“

”تہ پوءِ پيو ڇا آهي بس.“

”يار نورل شادي رچاءِ پوءِ نِڪتو هُئين تہ ڪر چڱو ٿيو هو. وچاريءَ نوري کي تنهنجي اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو، اوسيئڙو سهڻو پوندو. دوست انتظار کهڙي نہ بڇڙي شيءِ آهي جيڪا ماڻهو کي بيچين بنائي ٿي ڇڏي گهٽ ۾ گهٽ توکي بہ چار ورھ ڪن تہ لڳي ويندا.“

”يار انسان جي حياتي آهي تہ ڪي بہ لمون ڪونهي. بہ ورھ تہ ٻن ڏينهن جيان گذري ويندا، ڏس نہ پاڻ ڪلھ اڃان ٻارڙا هئاسين ۽ اڄ کهڙا نہ جوان ٿي ويا آهيون، لڳي ڪا وار، بس ايئن ئي

”ڙي ابا چڱو ياد آيم ٻڌو اٿم تہ هوڏاهن ولايت ۾ پاور وارا گهڙيال سنا ملندا آهن. جنهن ۾ گهنٽيون وڄنديون آهن، تي سگهي ۽ ياد پوي تہ هڪ گهڙيال وٺيو اچج. نہ تہ هروبرو ڪو ضرور ڪونهي. ابا ٻڌو اٿم تہ گهنٽي جي بدران ڪن گهڙيالن ۾ بانگ بہ وڄندي آهي، ابا اهڙو ڪو گهڙيال ملي وڃيم تہ ڏاڍو ثواب ٿيندءِ جيڪو بانگ جي ٽائي سڄاڳ ڪري ڇڏيم تہ هيڏاهن هوڏاهن ڪن سرا ڏيڻ جي يا سڄ جا دها پاچا نهارڻ جي مٿاڪٽ مٽجي وڃيم“.

هاءُ چاچا اهڙا گهڙيال تہ جام ملندا آهن، توهان لاءِ بلڪل وٺي ايندس بس صرف دعا ڪجو، ڏسجو تہ سهي توهين خوش ٿي ويندو اهڙو گهڙيال وٺي ايندس.

”واه پٽ واه مونکي تو ۾ اهائي اميد هئي. شل سلامت هجين منهنجا ٻچڙا.“

”مهرباني چاچا، چڱو چاچا هاڻي هلان ٿو، اڃان ڪجهہ تياريون بہ ڪرڻيون اٿم.“

نورل اڃان گهر جي اوٽي تي مس چڙهيو هو تہ ڏٺائين تہ سندس دوست پورل اڱڻ ۾ بينل نم جي ٿڌي ڇانو ۾ رکيل کٽ تي ويٺو انتظار ڪري رهيو هو.

”اوهو...پورل يار معاف ڪجانءِ دير ٿي ويئي. آخر ڳوٺ پاڙي وارن کان بہ موڪلائڻو تہ ضروري هو نہ“.

”ها ها يار ڪيئن نہ موڪلائڻ تہ گهرجي ئي. الاجي وري تون ڪڏهن ايندين؟ يار نورل ولايت وڃين ٿو تہ پلي وڄ پر تو سواءِ منهنجو هت ڪهڙو حال ٿيندو. منهنجا ڏينهن ڪيئن گذرندا، آئون ڪاڏي ويندس، ڪنهن سان گڏ گهمندس ڦرندس، ڪنهن

”جڏهن تون ايندين ته پوءِ ٻئي گڏجي پيڙا شاديون رچائيندا سين.“

”نه پورل ايئن ڪرڻ مشڪل آهي، ڇو ته منهنجي اچڻ جو ڪو ٺڪاڻو ڪونهي. مونکي اچڻ ۾ دير به ٿي سگهي ٿي. هن لاءِ منهنجي توکي اها سباڻي صلاح آهي ته تون پنهنجي شادي ڪري ڇڏ ۽ شادي جي تاريخ مقرر ڪري هڪڙو ڪارڊ مونکي به لکي ڇڏ ته ان ڏينهن مان به هتي ولايت ۾ تنهنجي شاديءَ جي تقريب پنهنجي دوستن سان گڏ جي ملاهيان.“ نورل کِلندي کِلندي چيو.

”ها يار ها ضرور موڪليندس.“

”چڱو يار هاڻي دير پئي ٿئي، ڏس نه وقت ڪيئن نه لڏرندو پيو ٿو وڃي هوائي جهاز جي اُڏامڻ جو به وقت قريب کان قريب ٿيندو پيو ٿو وڃي. هاڻي اٿڻ جي ڪجي. اجان گهر ۾ ويٺل مهمانن کان به موڪلاڻي ڪرڻي اٿم.“ چوندي نورل پنهنجي دوست جي پٺن تي پيار مان هٿ هڻندي اٿيو.

”او هو وقت ڪيئن ويندو رهيو ڪا ڪَل ئي نه پئي. ها ها هلو هاڻي هلڻ جي ڪجي.“ پورل به اُٿڻ لڳو.

نورل جو گهر دوست احباب عزيز اقاربن سان پريو پيو هو. ڄڻ ته ڪو ميلو متو پيو هجي. نورل کي گهر ۾ داخل ٿيندو ڏسي سيني جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي ۽ سيئي نورل سان واري واري هڪ ٻئي پنيان هٿ ملائيندا پانڪرون پائيندا موڪلاڻي ڪرڻ لڳا. ڪن جي اکين ۾ آنسو هئا ته ڪن جي منهن تي مشڪون. ڪن جا چهرا چمڪي رهيا هئا ته ڪن جي چهرن تي وڇوڙي جي غمن جون لڪيرون هيون.

وقت جو واھہ ڪيئن ٿو وھي وڃي جنھن جي ڪا ڪل ئي ڪونہ پوندي آھي.“

”يار تنھنجي شادي تہ ھاڻي اسان وڏي ڌوم ڌام سان ڪنداسين، آخر ولايتي بابو جو ٿي ويندين. آھا ڇا تہ مزو ايندو. يار پوءِ ايئن نہ ٿئي جو تون ولايت کان ڪا گوري ڪٽي اچين ۽ اسين ھٿ وينا واٽ ڏسون.“

”نہ نہ يار ايئن ڀلا ڪيئن ڪندس، نوري نماڻي کي ڀلا مان ڪيئن ٿو ڇڏي سگھان، جي ڇڏيندس تہ بابا پادر بہ اھڙا ھڻندم جو ڪل ٽڪو بہ نہ لھندي.“ ٻئي ڄڻا ٽھڪ ڏيئي کلي پون ٿا.

”يار ايندڙ ڦڳڻ ۾ بابا منھنجا موڙ ڏسڻ جو سوچي رھيو آھي منھنجي شادي ۾ تون نہ ھوندين تہ ڪھڙو مزو ٿيندو، تو کان سواءِ تہ منھنجي شادي بلڪل بي رنگ ۽ ڦڪي لڳندي.“

”نہ يار اھڙي ڪائي ڳالھہ ڪانھي، تون پنھنجي شادي جو پورو پورو مزو ماڻج، چنان ٻنان اڏراءِ راڄ گھرائج ۽ ھا مولودين کي بہ ضرور گھرائج ڏاڍو مزو ٿيندو، يار مولود پڙھڻ وارا تہ سچ پچ شادين جي جان ھوندا آھن. تمام دوست احبابن کي گھرائج ۽ ھا مون لاءِ ھڪ ويڊيو ڪئسيٽ ٺھراءِ رکج تہ آئون بہ اھا ڏسي تنھنجي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ جو مزو ماڻي سگھان.“

”خير ايئن ڏاري ڏسي واسئي دل کي اُلو بنائڻ ڪا سولي ڳالھہ ڪونھي پر تون چوين ٿو تہ ايئن بہ ڪري ڏسندس، باقي ايئن من کي منائڻ آھي تہ مشڪل. يار مونکي ٻيو پيو ھڪ ويچار اچي، مان پنھنجي بابي کي سمجھاءِ ٻجھائي تنھنجي اچڻ تائين پنھنجي شادي کي ملتوي ڪراءِ ڇڏيان تہ ڪيئن؟“

آيو، هڪ ڪتنو بدا ڳهر جي ڳئٽ تي بينوا وناڙ ڏيئي رهيو هو. جنهن جي وجهہ سان رات اجان بہ پيانڪ ۽ ڊرائوني ٿي پئي هئي.

نورل جو پيءُ جڏهن کان نورل کي موڪلاءِ روانو ڪري آيو هو تڏهن کان هن کي شانتي ڪون هئي. الاجي ڇو هن جي من ۾ بيچيني ۽ بي تقيني هئي. هن جو من اداس ۽ اچاٽ هو هن کي مزو ڪونہ پي آيو سندس من ڪنهن اٿجاتل ڊپ کان ڊجي رهيو هو. هن سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن کي ننڊ نہ پي آئي.

نورل کي ولايت وڃڻ جي اجازت ڏيئي مون ڪو چڱو ڪونہ ڪيو. آخر هو منهنجو هڪ جو هڪ پٽي لڏو پٽ تہ آهي، منهنجي جيئڻ جو ساٿ ۽ سهارو ئي تہ آهي. هاڻي هو نہ مون ساڻ آهي نہ آئون هُن ييڙو. خدا نہ خواستہ مونکي هتي ڪي ٿي پوي تہ، هاڻي پڪل پڻ جئين پڪو تہ بينو آهيان جي پلا هن جو مُنهن ڏسڻ جي بنان ئي مري وبس تہ قبر ۾ بہ ڪيئن آرام ايندم. اڙي جي پٽ جو ڪلهو بہ نہ نصيب ٿيم تہ ڪيڏو نہ بدبخت ۽ بدنصيب ليکبس.

خير منهنجو نہ جيڪو ٿيڻو هوندو سي ٿيندو پر نورل کي شل ننگ ڏٽي خوش باش جوڙ رکي.

پنهنجي بستري تي ليٽندي ليٽندي هيڏاهن هوڏانهن پاسا ورائيندي آخر هن جيئن تيئن رات ٽونڪي ڪئي. صبوح جو سوارو اٿي ڪڙو ٿيو، پڪيء اجان اٿيا ڪون هئا، ها البت هاڻي ئي ڪجهہ چرپر تي رهي هئي. هو وضوء ناهي اسُر جي نماز پڙهڻ لڳو، اج هن جو نماز ۾ ڏاڍو من لڳي رهيو هو، هن ڏاڍي دڳهي نماز پڙهي، خدا جي حضور ۾ اکين مان لڙڪ وهاءِ نورل جي سلامتيءَ لاءِ ۽ پنهنجي صبر لاءِ دعائون گهريون.

آخرڪار وڇڻ جي ويل آئي، نورل سڀني کي آخرين سلام ڪري خداحافظ چيو. جدائي جي هن گهڙي ۾ سڀني جي چهرن تي خاموشيءَ جا بادل ڇانئجي ويا. نورل جي اکين ۾ وڇوڙي جي ردِعمل طور ننڍڙا ننڍڙا موتين جهڙا لڙڪ هوا ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڏندڙ خميس جي پلوَ تي ڪرڻ لڳا هن آنسن کي روڪڻ چاهيو پر ڪونه روڪي سگهيو.

”چڱو بابا هاڻي خدا حافظ مان هلان ٿو، بابا دعا ڪجو ته خدا شل سڀ سولي ڪري. جيترا ئي آهي ته جدائي ڪونهي پنهنجي طبيعت جو خيال رکجوءَ ڪائي ٻي شيءِ جي ضرورت پوي ته پورل کي چئجو سڀ نيڪ ڪري ڏيندو.“ چوندي هن پيءُ کان موڪلايو. هن جي اکين جا لڙڪ پڙهس جا هٿ ڌوئڻ لڳا.

چڱو پٽ شل سدائين سکيءَ سلامت رهين. شل ڪو سو واءُ به نه لڳنئه منهنجو ڪوبه فڪر نه ڪج. آئون ته وطن ۾ آهيان تون پنهنجي سار سنڀال لهج.“ چوندي هن پنهنجي ڪاري رومال سان پنهنجون اکيون اگهيون.

”هل پٽ هل آئون به ايئر پورٽ تائين تو سان هلان ٿو. زندگيءَ جو ڪهڙو ڀروسو تنهنجي موٽڻ تائين زنده هجان ٻي يا نه.“

”ها ها چاچا اهو ته ڏاڍو سنو ٻيا ڪيو، هلو سيئي گڏ جي هلون ٿا، هلو هاڻ هلڻ جي ڪجي، ٽاٽو ٻرجي رهيو آهي ٽئڪسي ٻاهران بيٺي آهي.“

سيئي نورل جو سامان سيڌو ڪٺي ٽئڪسي ۾ رکندي روانا ٿيا.

اڄ اماوس جي رات هئي. چئني طرفن کان اوندهه جا انبارَ درتي تي لهي پيا هئا، ڄڻ هرڪا شئه هن اوندهه کان ڊجي ويئي هجي تيئن بلڪل خاموشي هئي. ڪتان ڪو به آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه پي

اِڇا

ڪاري اوندهہ رات مٿان گرمي ۾ گهمر، اتر پار کان کوندڻ کوڻ جي اوندهہ کي هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش، جنهن ۾ ڪن پل لاءِ تہ هوءِ ڪامياب ٿي ويئي ٿي پر وري بہ اوندهہ هن کي مات ڪري هٽاءِ ڇڏيو ٿي. چمڪندڙ تارن جا موتي تہ الاجي ڪٿي بادلن جي بُرقن هينان لڪي ويا هئا. مٿان وري شينهن جهڙي گوڙ واري گجڻ جي گوڙ. جنهن کي بڌي ڪائنات جي هر ڪا شيءِ خاموش ۽ شانت هئي، صرف مور پنهنجي مڌر البيليءِ بوليءِ ۾ ۽ تازو پنهنجي ترنم ڀري تنوار ۾ هن اتر پار کان ٿڌڙين هوائن جي ڪلهن تي سوار ٿي ايندڙ مينهن جو سواڳت ڪري رهيا هئا.

وري وچ هڪ اهڙو واڪو وجهي چمڪارو ڪيو، گجڻ بہ سڄي آسمان جو زور ڪٺو ڪري گجي هجي تيئن پنهنجي پوري آب وتاب سان ڪڙڪو ڪيو. هر طرف دهشت ۽ دٻ ڦهلجي ويو. ڪن پل لاءِ رات خاموشيءِ جو ڪندر ٻڌجي ويئي. ”بابا منهنجو بئنگلور لاءِ تبادلو ٿيو آهي، سوچيان پيو تہ اسان کي هاڻي اتي وڃي رهڻ گهرجي پر....“ ڪاميش ماني کائيندي چيو، جتي ڪامِني بہ پر ۾ ويٺي هئي.

”ها پٽ....اهو تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو سڀئي هلي اتي رهنداسين ان ۾ وري پر ڇا جي، ڪيئن ڪنوار چڱو چيم نہ؟“

”اهو تہ نيڪ پيا چئو بابا....پر...اسان سوچيو آهي تہ توهان کي شايد هتي ئي رهڻ ۾ آساني ٿيندي.“

نُنهن پٽ جي واتان هڪ ئي طرح جي ڳالهہ ٻڌي اچارام

دين ڌرم ماڻهو لاءِ وڏو سهارو هوندو آهي. جڏهن ماڻهو دنيا جي هر اميد ڪان نراس ۽ نااُميد ٿي وڃي ٿو تہ هو ڌرم جو شرڻ وٺندو آهي، جنهن جي باعث هن کي شانتي ۽ آرام، راحت و فرحت جو احساس ٿيندو آهي.

نماز پڙهڻ ڪانپوءِ هن مصلو ويڙهي ڏوري تي لٽڪاءِ ڇڏيو ۽ اڄ جي تازي اخبار پڙهڻ لاءِ هو ٻڌا گهر جي ڪائونٽر ڏي هليو. اتي پيل اخبار هٿ ڪري هڪ ڪرسيءَ تي ويهي کيسي مان پنهنجي عينڪ ڪڍي اخبار تان نظر ڦيرڻ لڳو.

’لنڊن ويندڙ هوائي جهاز حادثي جو شڪار تمام مسافر عجل جو شڪار ٿي ويا.‘

اخبار جي اها سرخي پڙهندي هن جا هٿ پير ڏڪڻ لڳا، ڇهري تي پگهر جي ڪَڏري وري ويس. هن کي پيٽ ۾ سور جي هڪ آنٽي پيئي، هن جي اکين ۾ اوندھ ڇانئجي ويئي. هن کي ڏاڍو آگهات لڳو، ڏڏڪو رسيو. کيس هڪ جهٽڪو آيو، اخبار هن جي هٿن مان ڇڏاءِ وڃي سندس هنج ۾ ڪري. هن جو ڪنڌ ڪرسيءَ مٿان هڪڙي پاسي لڙهڪي ويو. اکين جا ڪوڏا ٻاهر نڪري آيا.

اخبار جي پهرئين پني تي ڇپيل حادثي واري تصويرن ۾ نورل جي مڙھ جي تصوير صاف ڏسڻ ۾ پي آئي.

ونجي جپ مالا جو جاپ ڪجان ۽ آرام ڪجانءِ، اسين هر مهيني توهان جي خرچي لاءِ پئسا پيا موڪليندا سين“ چوندي ڪاميش ۽ ڪامني پنهنجي ڪمري ڏانهن هليا ويا.

اڄ تو پان تو پان هو سرڻين ۽ ڳجهن جا جهنڊ ته ڏسو ڪهڙا نه گول گول چڪر ڪاٽي ڪنهن لڙاڪ هوائي جيان هيٺ لهي رهيا آهن. شايد هتي ڪو مون جهڙو لاوارث پوڙهو مري ويو آهي جنهن جي لاش کي کائڻ جي لاءِ هو پکي هيٺ لهي رهيا آهن ۽ مزماني ماڻي رهيا آهين. آها...! ڪهڙو نه خوش نصيب ٿيو هو پوڙهو جنهن جي جان جسم کان جدا ٿي ويئي. ڏسو نه پکيءَ هن جي شرير کي چهنبيون هڻي چونڊي رهيا آهن، هيڏانهن هوڏانهن چڪي رهيا آهن. اڄ هن گدڙ کي ته ڏسو ته ڪهڙو نه خوشي خوشيءَ مان پيو اچي. هنن پکين ۽ گدڙن کي اهڙي بدبخت انسان جو گوشت نه کائڻ گهرجي. مٿان هو به اسان انسانن جهڙا بدبخت ٿي وڃن.

”اٿو بابا هاڻي دير پئي ٿئي وڃو هي چانهه ۽ ناشتو، اڄان وڃڻ جي به تياري ڪرڻي اٿو.“ نُنهن جو آواز ٻڌي اِچارام جي اک کلي ويئي، هو ڪافي دير تائين چانهه ناشتي سامهون نهاريندو رهيو.

هو هينئر پڻ آشرم کان فرار ٿي رهيو هو. ريلوي اسٽيشن تي پهچي ٿي ويٺو ريل گاڏي جو انتظار ڪري رهيو هو، پليٽ فارم جي سامهون هڪ ماڻهو ٽوڪريءَ ۾ صوف وڪڻي رهيو هو. هن جي ٽوڪري ۾ رکيل صوفن جي رنگ پيلاڻ کي ڏسي هن کي پنهنجي جواني ياد اچي ويئي ۽ هو ويچارن جي واچوڙن ۾ کوهجي ويو.

اڄ جو انسان رنگ ۽ روپ جو ڪيڏو نه ديوانو آهي. باقي اندر ڪمر تو نهاري ته چا آهي. جي مُنهن تي ماهه مٺي ۽ نور آهي

تمام پرسٽنيءَ کي واضح طور سمجهي ويو. هن جي دل کي ڌاڍو ڌڏڪو رسيو. غش ڪائيندي ڪائيندي رهجي ويو، هن جي هٿن مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيو هجي، ڄڻ آسمان ڦاٽي پيو هجي زمين اٿلي پيئي هجي، اهڙو هن کي پاس ٿيو.

هن کي ڪن پل لاءِ ته ايئن لڳو جي هو پارڙن جيان ڇڙيون هٽي رڙيون راڙ ڪري، سڄو گهر مٿي تي کڻي ڇڏي. پنهنجا ڪپڙا لٽا ڦاڙي ليهون ليهون ڪري ڇڏي، پر وري ڪجهه سوچي هن ايئن نه ڪيو.

هن ڪجهه چوڻ پئي چاهيو، پر سمجهه ۾ نه آيس ته ڇا چوي، هن ڪارين گهٽائن سان ڇانيل آڪاش ڏانهن نهاريو. هڪ ٿڌو شوڪارو هٽي مان ٿي ويو. ٻي پل وري ٻه پٽ کي پاڻ سان ونئي هلڻ جي هڪ پيرو وينتي ڪئي ”منهنجا پٽ، منهنجا ٻچڙا منهنجي حياتي ٻه هاٿي ڪيترا ڏينهن هوندي. ڇتا ۾ ته پير پيا اٿم ابا، هن دريا جيڏي گهر ۾ پلا منهنجو ڪير ڏٽي ڏوٽي ٿيندم سڪيلڌا. سوچيان پيو ته پياري پٽڙي جي در تي دم ڏيان ته سوهمون ساهه نڪريم. اڳيان پويان جنم سڌري وڃينم. ٻچڙا مونکي ڇنوءِ ٻنان پلا ڪيئن مزو ايندو، ابا پيرين ٿو پوانءِ مهرباني ڪري مونکي پاڻ سان وني هلو. اتي وينو ڇنوءِ کي راند روند ڪرائيندس ءَ آڪاٽيون ٻڌائيندس جي ماني ڏيندا ته ڪائيندس نه ته چپ چاپ گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پيو هوندس.

”نه بابا هتي توهان اڪيلو ته ڪونه هوندو، توهان جي رهڻ جي لاءِ مان ٻيا گهر ۾ بندوبست ڪري آيو آهيان. توهان جي نندپڻ جا الاهي ساٿي توهان سان گڏ هوندا. پوءِ ڇا آهي بس اُتي

پيو ڏسجي. جي پلا ايئن ٿيو تہ هو هنن جي انوڀون، تجربن جو فائدو ڪيئن حاصل ڪري سگهندا. ڪيڏو نہ زماني ۾ ڦيرواڇي ويو آهي. شاديون براتيون، مرڻا پرڻا، چنني منڊ سماج جي هرڪا شيءِ ڪيڏي نہ تبديل ٿي چڪي آهي. ڪيڏانهن ويا اهي پيلا چانور، مورت پنڊت، اهي چنان چپنان اهي گهوڙن تان گهورون سڀ ڪجهہ ماضي بڻجي چڪو آهي.

سوچيندي سوچيندي هن دريءَ واري پاسي کان منهن ڦيراءِ ٻئي پاسي نهاريو، جتي پرم هڪ عمر رسيدهہ ماڻهو ويٺو هو، جيڪو جسم ۾ بلڪل چڱو ٿلهو متارو پئي نظر آيو هو سگريٽ جا ڪش ڪينچي رهيو هو سندس پير ۾ ننهن پٽ بہ وينا هئا. جن هن ئي ”جي بابا“ چوڻ کانسواءِ ڪڇايوئي نہ پي، ٻئي جڻان اخلاق و ادب جا آئينا پي لڳا.

هن بزرگ جو اهو سُک سُهنج ڏسي اچارم جي سيني ۾ وري سُنل سَپُ سُرڻ لڳا ۽ هو پنهنجي بدقسمتيءَ تي لعنت ملامت ڪرڻ لڳو. آخر مان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان؟ ڇا لاءِ وڃي رهيو آهيان؟ هنن نہ مونکي در تان ڌڪاري دربدر ڪري ڇڏيو پوءِ بہ آئون وري انهن ڏانهن وڃي رهيو آهيان، وڃان ٿو اهو تہ ٺيڪ پر مون وٽ تہ هنن جي پڪي ائڊريس بہ ڪونہ آ. مان سندن گهر ڪي ڪيئن ڳولهي سگهندس؟ شهرن ۾ تہ اڄ ڪير ٿو ڪنهن کي سڃاڻي؟ ڇا آئون هنن جي گهر تائين پهچي سگهندس، ڇا هنن جو هڪ پيرو وريِ هنن اکين کي ديدار نصيب ٿيندو؟

نہ...نہ مونکي هنن جي گهر بلڪل نہ وڃڻ گهرجي، مونکي نہ هن تربن جي ڦيٽن هينان سمهي جان ڏيئي ڏيڻ

تہ سڀ کو پيو سلام ڪري ۽ جي هڏ چم ذرا بہ ڪمزور ٿيا تہ هر ڪو پيو دور ڀڄي، جڻ پر ۾ اڇڻ سان تہ ڪا ويا لڳي ويندي، بلڪل هنن صوفن جي ڪلن جيان. هر ڪو قل تہ ڪائيندو آهي پر ڪل کي ڦٽي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ونڻ جي وقت هرڪو هن ڪل کان ئي متاثر ٿي وٺندو آهي. اوچتو ترين اچي پليٽ فارم تي بيني ۽ هو ڊڪ پائي هڪ گاڏي ۾ چڙهي ويو ۽ وڃي هڪ ڪنڊ ۾ دريءَ واري پاسي ويهي رهيو.

اوهو... الا منهنجي حالت تہ ڪاسائيءَ جي واڙي ۾ قيد ڪنهن ٻڪر جهڙي ٿي آ. جيڪو واڙي ۾ بينو موت جو انتظار ڪري تہ ڪڏهن ٿي ڦري ڪنڌ تان ڪاتي، ڪڏهن تي ٿئي زندگي موت کان آجي.

ويچاري شيوارام جي حالت بہ مون جهڙي ئي تہ هئي، منهنجو پٽ تہ منهنجي سوران شهر ڇڏي هلي ويو، پر هن جا پٽ تہ هتي ئي هن شهر ۾ رهندا هئا. پوءِ بہ ويچارو ٻڍا آشرم ۾ پئي سڙيو. هو چوندو هو تہ اهو آشرم چنچل رام واري چنڊ پال شروع ڪرايو آهي. جيڪو هو ولايت وڃي هتان کان سکي آيو آهي، جنهن کي هو شيوا جو ڪم سڏي ٿو.

ولايت وڃي ڪمايو تہ جيڪي هونداٺون پر پنهنجي ثقافت سنسڪرتيءَ جهڙي ابن ڏاڏن واري اباڻي ڪمائي تہ ڪُٽ ڪري آيو آهي. اها لعنت پلا هت شروع ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.

اڙي يوروپ وارا تہ پاڻ کي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سڌريل ٿا سڏائن پوءِ پلا هي انسانيت کي لڄائيندڙ ڪم چو ڪديا اٿئون.

اڄ ڪلهہ نوجوانن ۾ مائٽن بزرگن جو ڪو قدر ئي ڪون ٿو

هو سپ ٻوڙي ويا، وچي هن کي ڪئبين وٽ ڪٺي آيا ۽ منهن تي ٿڌو پاڻي ڇنڊڻ لڳس.

”اڙي نياڻا هاڻي ته وچ هاڻي ته هن جو ڪئس خلاص ٿي چڪو هوندو، وچي ڪٺي اچينس نه ته زندگي ڀر پيو پڇتائيندين ۽ پنهنجي پاڻ تي لعنت ملامت پيو ڪندين، من ئي من پيو سڙندين پچندين. هن جي آتما ڪڏهن به پاڻ کي معاف نه ڪندي. وچ هاڻي ته وچ متان ماڻهن کي خبر پئي وچي ۽ پنهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏين.“

”نه نه هاڻي وچي مان ڇا ڪريان پاڻهين نگرپالڪا وارا پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيندا، مونکي آفيس وڃڻ ۾ دير ٿي ويندي.“

”نه نه نياڻا مان چوانءِ ٿي وڃ، توکي وڃڻو پوندو نه ته مان ٿي وڃانءِ“ زال جي اجايي چوڻ تي آخر هو وڃڻ جي لاءِ تيار ٿيو.

”اڙي هتو هتو... هن ويچاري ٻڍڙي کي ڇا ٿيو. هي ته اسان جي ڳوٺ جو ٻڍڙو آهي، هلو هلو منهنجي گهر پهچاءِ ڏيوم پوءِ مان پاڻهين هن جي شيوا ڪندس، اڙي ويچاري کي ڪهڙي موت ڪنبوس جو هيڏاهن نڪري آيو آهي.“ هن جي اها ڳالهه ٻڌي ماڻهن هن کي سندس گهر پهچاءِ ڏنو.“

”چڱو يارو چڱو هاڻي توهان ڇتا مان پاڻهين هن جي دوا درمل ڪرائيندس هينئر ئي ٿو ڊاڪٽر کي گهرايان. هاڻي ڀلي توهان وڃو.“ هن اچارام کي ليٽائيندي چيو.

ڪن پل کان پوءِ اچارام کي ڪجهه هوش آيو، هن پنهنجون اکيون کوليون، ڏنائين ته ڇُنو هن جو هٿ جهليو پير ۾ ڏاڍي سڪ ۽

گهرجي. هن جون اکيون آليون ٿي ويئيون ۽ هو شهر جي وچ مان پسار ٿيندڙ ٽرين جي دريءَ مان اوچيئن عمارتن کي ڏسندو رهيو. اوچتو ٽرين هڪ جهوبو کائي بيهي رهي.

”چا بئنگلور اچي ويو؟“ اچارام پير ۾ ويٺل مسافرن کان پڇيو.

”جي چاچا، توهان کي هتي ئي لهڻو آهي چا؟“ ڏيءَ ڪلندڙ وات مان جواب ڏنو.

”هاءُ اماں شل بچين منهنجا پٽڙا مونکي هتي ئي لهڻو آهي.“ چوندي، ”جي چاچا“ جهڙن منڙن الفاظن سان مخاطب ٿيندڙ ڏيءَ کي دير تائين اچارام تڪيندو رهيو. چو تہ هو ويچارو پيار ۽ عزت چو ڏاڍو بکايل هو، هو پنهنجو جهونون پراڻو ٿيلهو ڪلهي ۾ وجهندي ٽرين مان هيٺ لٿو ۽ اسٽيشن کان ٻاهران اچي روڊ تي هلڻ لڳو.

بئنگلور تہ اچي پهتم پر هاڻي چا ڪجي ڪيڏانهن وڃجي؟ هلي ڪنهن ڌرمشالا جو آسرو وٺجي يا وري وڃي ڪنهن ٻيا گهر جو در کڙڪائجي، نہ نہ ايئن تہ ”گيها پگي گيهہ گهري“ وارو تال ٿيندو.

”هاءِ ... ڀڳوان ... “ هو وڃي روڊ جي هڪ پاسي ڏڪو کائي ڪريو جنهن کي هڪ ڪار ڏڪو ڏيندي پنهنجي رفتار سان اڳتي نڪري ويئي.

”ازي چورا هو تہ ڏسو ويچاري ٻڍڙي کي تہ ڪار ڏڪو هڻي پڇي بکو ڪري ڇڏيو، الاجي ويچارو ڪير آهي، هلو هلو ڏسو چا ٿا پيا ويچاري کي اٿاري سئون تہ ڪريوس.“ چانهہ جي ڪئبين واري بئنچن تي ويٺل ماڻهن کي چيو.

پوتر پيار جو انعام

”نوري ھل تہ سنڌ ڏانھن پڇي ھلون، ھتي دشمن پنھنجي پيار جي پرورش ڪرڻ ڪونہ ڏيندا.“

”قاسم منھنجا مٺا تنھنجي ڳالھہ تہ سچي آھي، پر آئون عورت ذات ايئن ڪيئن ٿي ڪري سگھان، مونکي تہ منھنجي عزت کان وڌيڪ منھنجي مائٽن جي عزت جو بہ تہ خيال رکڻو پوندو نہ.“

نوري ۽ قاسم ٻئي ويٺا پيار محبت جون ڳالھيون ڪري رھيا ھئا، ساوڻ رت ھئي پر اڃان مينھن ھن سڪل سرزمين تي وسڻ جي وائي ڪون ڪئي ھئي. مال ماڻھوء مڙيئي ابر آسري اُڀ ۾ اکيون اڙايا ويٺا ھئا. اڄ ٿو وسي سڀاڻي ٿو وسي جي آسن اميدن ۾ جيون جي ڏينھڙن کي ڌڪا ڏيئي نيلھي رھيا ھئا.

ڪاري اوندھہ رات ھر شئہ کي پنھنجي چادر اوڍاءِ پنھنجي پاڻ ۾ گم ڪري ڇڏيو ھو. پر تارن کي لڪائڻ يا ڍڪي ڇڏڻ ۾ ھن جو وس ڪونہ پي ھليو، جيئن جيئن رات اونداھي پي ٿي تيئن تيئن تارن جي چمڪ دمڪ ۽ آب وتاب ۾ واڌارو پي ٿيو. چوواٺيئي واءُ جون جُھڪون ڪڏھن اتر کان تہ ڪنھن ٽاڪي ڏکڻ کان ڪڏھن واھونڊي کان تہ ڪنھن ٽاڪي اوپر کان لڳي رکي رکي ٿڌڪار ڏيئي پنھنجي ھجڻ جو احساس ڪراءِ ٿي ويون. نوري جي رخ روشن تي پيل وارن جي چڳن کي سھلاءِ سھلاءِ راند ڪراءِ رھيون ھيون. وارن جون چڳون ايئن اڏري رھيون ھيون جڻ کي ڪارا پونر ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ڪنھن ڪنول جي چوڌاري ڦيرا پاءِ ھن جي زيارت ڪري رھيا ھجن ۽ ھن جي پوڄا ڪري رھيا ھجن.

پيار مان دادا، دادا ڪري سڏي رهيو هو. ڪاميش ۽ ڪامني به پرٌ ۾ بيٺا هئا.

ڪين ڏسي هن ٿورڙو مُشڪڻ جي ڪوشش ڪئي. مشڪي چَپَ اجان پوريا به ڪونه هئا. هن کي هڪ جهٻي آئي، هن جا انگ ٿرڻ لڳا، ڏند ٻاهر نڪري آيا، اکيون ڪليون جون ڪليون رهجي ويئون، ايئن پئي لڳو ڄڻ هو حيرت مان هنن کي ڏسي رهيو هجي ۽ ڪلي رهيو هجي پنهنجي بدختيءَ مٿي يا پنهنجي پٽ جي در تي دم ڏيڻ جي خوشيءَ مٿي.

گهر جي ٻميي مان پار ڪيل خوني ڪار جي نمبر پلئٽ صاف ڏسجي رهي هئي.

ڳول، چتون جي ڇھنب جھڙو ڪنڊو نڪ، سھڻا سنا سنھڙا چپ، ڇپن مٿان سنھڙين سنھڙين مڇن جو ڏورو بہ عجب سونھن ۽ ڪشش پئدا ڪري رھيو ھو.

سنڌي ڳول ٽوپي جا سندس پيڻ مُڪي وارو پرت پري ناھي ڏني ھئي سا بہ ڪنھن شاھہ کي پاٽل تاج جئن پئي لڳي، شلوار خميس جي سوپيا بہ پنھنجو ملھہ پاڻ ھئي، ڪلھي تي رڪيل اجرڪ جو تہ چوٽو ئي چا. پيرن ۾ پاٽل وڏي ڪڙي وارو چيچاٽن وارو جوتو ڪنھن ڳھوٽ جي اٽسار ڏيئي رھيو ھو.

”قاسم پنھنجو ھي ڏپن جي پاڇن ھيٺ ملڻ جلڻ ڪيترا ڏينھن ھلندو، ھن ڏپ ۽ خوف جي ڪا پڄاڻي بہ ٿيندي يا نہ؟ يا صرف اميدن جي سھاري ئي زندگي ھلي ويندي؟ ھاڻي تہ مونکي ھر وقت چنتا پيئي ٿئي تہ الاجي پنھنجي پيار جو ڇا ٿيندو؟ ھي پيار پايئہ تڪميل تائين پھچندو يي يا نہ. ھاڻي پنھنجو ملڻ مونکي خطري کان خالي نہ پيو لڳي. مونکي لڳي ٿو تہ ھاڻي پاڻ کي ايئن اڪيلائيءَ ۾ نہ ملڻ گھرجي، ٻئي جوان آھيون، حساس دل جا مالڪ آھيون، خدا نہ خواستہ ڪٿي ڪا غلطي سرزد نہ ٿي وڃي پوءِ پاڻ ڪنھن کي مُنھن ڏيکارڻ جي لائق بہ نہ رھنداسين. پوءِ ڪنھن جا گھر پچنداسون.“

”نوري تون تہ ڪا چري ٿي ڏسجين، ڪھڙيون پيئي ڳالھيون ڪرين، اڙي انن ڏينھن ۾ ھڪ ڏينھن ئي تہ ملاقات ڪيون ٿا ننھن ۾ بہ تون ويني ٻڪ تِڪ ڪرين، مونکي تہ تُنھنجي انتظار ۾ اِھي اٺ ڏينھن انن سالن جھڙا لڳندا آھن ۽ تون وري ايئن پيئي چئين.“

نوري ٻالهپڻ کان پنهنجي سنهڙين آڱرين سان جهلي هنن الهڙ شوخ چڳن کي وس ۾ ڪرڻ جي لاءِ ڪنن پنيان واري ٿي ڇڏيو پر هنن جڻ اڄ هن کي ستائڻ جو قسم کنيو هجي تيئن هو واءُ جي چرڪن جي سبب ڪنن مٿان ڪڏي ٿي پيون جنهن جي ڪڏڻ، اُڏڻ ۾ به پنهنجو حُسن، پنهنجي خوبصورتي هئي.

ڪاري رات به جڻ نوري جي ڪنڌين اکين ۾ سمائجي هن جي سينگار ۽ سونهن کي دوبالا ڪري ڇڏيو هجي ايئن پئي پاسيو. هن جون اهي ڪاريون ڪنڌيون نرگسي اکيون جڻ قاسم کي اونده ۾ به نظر اچي رهيون هيون. هو هن جي اکين ۾ جڻ ٻئي جهان ڏسي رهيو هجي ايئن ڪيس پيار پاهوه، سڪ ۽ سوز مان نهاري رهيو هو. هو ٻئي هڪ ٻئي کان ڪجهه دور مفاصلو رکي ويٺا هئا پر واءُ جي چرڪن نوري جي ستارن سان سجايل رئي جي پلو کي اڏائي ٿي ڇڏيو جيڪو وڃي قاسم جي هنج ۾ ٿي ڪريو، جنهن کي نوري به ايئن جو ايئن رهڻ پئي ڏنو جڻ هوءِ هن کي هنج ۾ ڏسي چئي رهي هجي مان نه سهي تون ته وڃي قاسم جي گوڏي تي ليٽي پنهنجي اميد پوري ڪر. نوري جي ڪاچ جي چوڙين جي ڇڻ ڇڻ اونده رات ۾ ڪنهن سنگيت جي سرن جو احساس ڏياري ٿي ويئي، هن جي هٿ جي آڱرين ۾ پاتل قاسم جون ڏنل منڊيون به هن جي حُسن ۾ چار چنڊ لڳاءِ رهيون هيون.

نوري حسن جو مُجسمون هئي، ناز نخرن هار حرفتن واري سهڻي نماڻي هئي ته قاسم به ڪو گهٽ ڪونه هو، هو به حاڪماڻي حسن ۽ شاهاڻي صورت جو مالڪ هو، سندس قدو قامت ڏ گهي، چهرو

هئي ۽ ڪچا سانئوڻا بہ پٽي ايندي هئي پوءِ وڏو ڍڳ ناهي صبوح ۽ شام جو دونهين پيئي ڪندي هئي ۽ جڏهن سندس وڏڙا ڳايون ڏوهندا هوا تہ هوءِ پنهنجي رئي جي پلو سان مکيون مڇر پيئي اڏائيندي هئي.

قاسم جون ڳايون بہ هن ئي پوني تي وهنديون هيون. جيڪو پنهنجي مال ۾ ڦرندي نوري کي آڏين اکين سان نهاريندو اندر جي اڄ اجهائيندو رهندو هو، نوري ماروي جيئن پنهنجي مال ۾ گهمندي رهندي هئي.

نوري مال ۾ ڦرندي ايئن لڳندي هئي جڻ ڪا ڪنڌار ڪونج ڪنهن ڍنڍ جي ڪناري تي ڪنهن شڪار جي ڳولها ۾ گهمي رهي هجي.

ٻنهي کي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي سِڪ ۽ اڃا ٿيندي هئي پر سماج جي ديوارن کي اورانگهڻ هنن لاءِ نہ صرف مشڪل هو بلڪ ناممڪن پئي. ڇو تہ هن معاشري ۾ جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کي معيوب ۽ برو سمجهيو ويندو هو. ٻئي پنهنجي سيني تي صبر جي صل رکي پنهنجن ارمانن ۽ اڃائن تي قابو پائي وٺندا هئا.

”نوري هاڻي تہ ڳاهہ بہ پڇي رهيا آهن ۽ سُڪي رهيا آهن ماڻهن جا مال بہ اهي ڳاهہ ڪائي متارا ٿيڻ لڳا آهن. نوري تون پلا ابڙي ڏبري ڇو ٿي ويئي آهين؟ ماڻهي گيهہ مکڻ ڪون ٿي ڪارائيو ڇا؟“

”قاسم گيهہ مکڻ تہ ڪوڙ ٿي ڪاوان پر اثر ئي ڪونہ ٿا ڪن، اسم دلبر اندر جني جا اڏ هجن سي پلا گيهہ مکڻ ڪائي ڪيئن ٿيون

نوري ۽ قاسم گڏ ئي ننڍا تي وڏا ٿيا هئا. گڏ پڙهيا گڏ پليا، گڏ کيڏيا هئا، هو ننڍڙا هئا تڏهن ٻئي ڪلراٺي زمين جي ڪلر واريءَ مٽيءَ جا ڪوپ ۽ وٺا پري اڇلاءِ اوندا هٺي گهرڙا ناهي پنهنجن ننڍڙن روحن کي ريجهائيندا هئا، انهن راند وارن گهرڙن کان وٺي اڄ هو پنهنجو سماجي گهر ناهڻ جي باري ۾ سوچي رهيا هئا.

انسان جي عمر جي بدلاو سان گڏ ويچارن، عادتن، اخلاقن ۾ پي ڪيڏو نہ ڦيرو ٿو اچي. پهريان هو مٽيءَ جي گهرڙن سان کيڏندو آهي، سوچيندو آهي. جوان ٿيڻ تي شادي ۽ سماجي گهر جي باري ۾ ويچاريندو آهي ۽ پوڙهو ٿي آل اولاد جي گهر جي باري ۾ پڇجي ويندو آهي ۽ جڏهن عمر رسيده ٿي خستہ حال ٿي وڃي ٿو تہ هو پنهنجي آخري آرامگاهہ واري گهر قبر جي باري ۾ ويچاريندو رهندو آهي.

قاسم ۽ نوري کي ڪَلَ بہ نہ هئي تہ ننڍپڻ واري اها گهر گهر کيڏڻ واري راند جواني ۾ حقيقي روپ ڌاري مٽي جو سور بڻجي ويندي.

هو ٻئي هڪ ٻئي کان بخوبي واقف هئا. هڪ ٻئي جي جذباتن، احساسن کي سمجهي سگهندا هئا، سونهن ۾ ساڻن ڪو ثاني نہ هو، ٻئي پڙهيل ڳڙهيل هئا، نيڪ سنا هئا. ننڍن وڏن جو ادب ڪندا هئا، بزرگن وڏڙن کي ”جي بابا جي چاچا“ ڪانسواءِ ڳالهائيندا ئي نہ پي هئا، اڙيات ڪڙياتن جي هميشهہ مدد پئي ڪندا هئا.

ساوڻ جي رت ۾ جڏهن مچر لڳندا هئا تہ ماڻهون پنهنجي مالن کي پوٺن ميدانن تي وٺي وڃي ڌوهندا هو ۽ مال جي مچرن کان حفاظت ڪرڻ جي لاءِ ڇيڻن جا دونهہ دکائي دونهيون پيا ڪندا هئا. نوري بہ هرروز پنهنجي ڳاين جي دونهيءَ لاءِ ڇيڻا چونڊي ايندي

ازڙي هن مال ۾ به اڇي ڏيت پيئي آهي، سيئي ڳايون منڍيون تي پيون آهن. اڳر ڪُتي مڪڻ ۾ ملاءِ ليپ ناهي چڙيان ته هي ڳانءُ ته نيڪ ٿئي. من سپاٽي ڊاڪٽر اچي وڃي، اڳي ته ماڻهون ماڻهن جي دوا به پاڻهين ڪري ونندا هئا، جانورن جي دوائن جو ته ڪو سوال ئي ڪونه هو. هرڪو دوا پاڻ ئي ناهي ونندو هو، هاڻي الاجي ڪهڙو وقت آيو آهي، ڪوئي ڪجهه ڪرڻ ڪونه ٿو چاهي، هرڪنهن کي سڀ ڪجهه تريءُ تي تيار ٿو کپي. صبر ۽ انتظار جو جڻ مادو ئي ختم ٿي ويو آهي، تڏهن ته بيماريون ڪيڏيون نه وڌي ويئيون آهن. هو ڳانءِ لاءِ ليپ ناهيندي سوچيندو رهيو.

هو ڳانين کي جهنگل ڏانهن مُنهن ڏيئي اڄ تڪڙو تڪڙو واپس موٽي آيو، ڇو ته اڄ سندس دوست خبر کڻي اچڻ وارو هو، هن جي مَن جي وادين ۾ وِيچارن جي ڳاڏي ڪڏهن چاڙهه تي چڙهي ٿي ويئي ته ڪڏهن لاهه تان لهندي ٿي ويئي.

دوست الاجي ڪهڙو نياپو آڻيندو، ڪهڙي خبر کڻي ايندو. خبرون شل خير جون هجن. هن لَٺ گهر جي در جي پويان کڙي ڪري رکي، هٿ مُنهن ڌوئي ماني کائڻ جي لاءِ ويهي رهيو.

”قاسم خدا خير ڪري تون نيڪ ته آهين، اڄ تنهنجو مُنهن ڏاڍو لٿل پيو ٿو ڏسجي. خير ته آهي نيڪ ته آهين؟“

”نوري....“ هن ٿڌو شوڪارو هنيون.

”نوري ڇا ٻڌايانءُ. اڄ پنهنجي ارمانن جو محل پٽن جي محل جيان پچي پور ٿي ويو آ. سيئي آسيون اميدون جڻ سنڌوءَ جي واهڙ ۾ وهي چڪيون آهن، ڪنهن لڙهه ۾ لڙهي چڪيون آهن، دوست خبر آندي آهي ته......“

مناريون ٿي سگهن. فڪر ۽ چنتائن جا سپ منهنجي سيني ۾ هميشه سرندا رهن ٿا. مان هنن کي چڱن ويچارن جي لٺ سان مارڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان پر جيئن ويچاريندي آهيان تيئن هو مونکي ڪارين اندارين غفائن ڏانهن گهيلي ويندا آهن.''

''نوري چڏ اِنهن ڳالهين کي. ٻڌاءِ هاڻي تہ ڳوٺ وارا بہ شاديون ٻاديون ڪرڻ جون تياريون ڪن ٿا يا نہ؟ آهي ڪا شادي اوڏي لمي؟''

''قاسم ڳوٺ وارن جي شادين ۾ پنهنجو پلا چا؟ اهي ٿين تہ ٿين نہ تہ وڃن پاڏ ۾، پنهنجو پلا چا ٿيندو؟ پنهنجو ميلاپ نہ ٿي سگهيو تہ مان جيئري جان ڏيئي ڏيندس. قاسم ڪر ڪجهہ ڪر، ڪيئن بہ ڪري ڳالهہ کي چوري تہ ڏس، هلاءِ تہ ڏس، من ڪو رستو نڪري اچي.''

''منهنجي نماڻي نوري آئون نہ تو کان تڪڙو آهيان، آخر ڳالهہ ٿيندي ٿئي. ٻارن واري ڪا راند تہ ڪونهي جا ايئن جلدي ٿي وڃي، مون پنهنجي دوست کي هن جي پيءُ جي وسيلي ڳالهہ هلائڻ جي لاءِ چيو آهي، ڏسون هاڻي چا ٿو جواب ملي، خدا ڪندو تہ پنهنجي ايندڙ ملاقات تائين ڪونہ ڪو ٽوڙ ٿي ويندو، هِن پار يا هُن پار.''

قاسم مونکي لڳي ٿو تہ بابا ايئن سولائي سان ڪونہ مڃيندو. قسمت ڪو ساٿ ڏئي تہ بي ڳالهہ آهي باقي آهي مشڪل. چڱو هاڻ هلون ڏس نہ رات بہ ڪيڏي نہ گذري چڪي آهي. ڪَتين ڪر موڙي چڏيا آهن. هاڻي هلي گهرن پيڙا ٿيون. وري ڪو ڏسي وٺندو تہ هڪڙيءَ مان ٿيندي بي. ڳالهہ مان ڪو ڳالهوڙو نہ ٿي پوي.''

گلن جهڙا بار ٻوڙن ٻڪن ۾ مشغول هئا. ڪي جوان ڪمر ڪشي ڪم ۾ رڌا پيا هئا. تہ ڪي ڪانبون ڪڍيا چرچن ڪيئن ۾ مهو هئا، وڏڙا ۽ پوڙها بہ ڪنهن ڪان گهٽ ڪونہ هئا اهي بہ رهاٽيون مچائي وينا هئا.

نوري ۽ قاسم پلي اٺ تي سوار ٿي اتر پار ڏانهن تارو ٿي ويا. اٺ بہ پروچن واري اٺن جيان جڻ پير پٽ تي ئي نہ پي رکيو، هوا سان ڳالهيون ڪندي ٿي ويو. چئني طرفن ڪان سنسان رڻ ۾ سڄہ واڪا ڪري رهي هئي. ڪٿي ڪٿي ڪوڪو لاٽو نظر پي آيو، نہ تہ رڻ ئي رڻ هو.

”نوري شاباش آهي تنهنجي همٿ ڪي ۽ بهادري ڪي. قسمت بہ آخر بهادرن کي ئي ساٿ ڏيندي آهي.“

”قاسم صبر جو ساگر آخر ڇلڪي پيو. مون پنهنجو فيصلو قسمت مٿي ڇڏي ڏنو ۽ انتظار بہ ڪري ڏٺم پر ڪنهن بہ ياري ڪون ڏنم. ڏس نہ پنجويهہ سال تہ ائين ئي اميدن جي سهاري نڪري ويا.

”نوري تون پل ناري آهين پر نرن جهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو اٿو. هاڻي ڪنهن جي مجال آهي تہ پاڻ کي شادي ڪرڻ کان ڪو روڪي سگهي. هاڻي هتي سنڌ ۾ هلي هڪ دوست جي گهر شادي ڪنداسين، مون هن کي خط لکي ڇڏيو آهي ۽ نياپو بہ موڪلي ڇڏيو آهي. جيڪو يقينن پهچي ويو هوندو، نوري مونکي لڳي ٿو تہ تون اٺ تي ويهي ويهي ٿڪجي پيئي هونديئن ڪجهہ دير لاءِ اٺ تان لهي آرام ڪبون، پاڻي ٻاڻي پيبون پوءِ ٿا وري هلون. هاڻي پلا ڪنهن جي پرواهہ آهي، پرهہ ڦٽي تہ پهچي ويندا سين.“

ابترو چوندي هو خاموش ٿي ويو، هن ڪان ڳالهه پوري نه ٿي، يا هُن ڳالهه پوري نه ڪرڻ چاهي.

”ٻڌاءِ قاسم ڇئي ٻڌاءِ آخر رکجي ڇو وينءِ.“

”نوري ڇا ٻڌايانءِ پڙهي پنهنجي سنگ جي صاف نابري واري ڇڏي، هن ڇيو ته قاسم وارن سان ته اسان جا اصل ڪان وير پيا ٿا هلن، اسين ته هنن جي رت جا اڃايل آهيون، توهين وري سنگن جون ڳالهيون پيا ڪريو. زمين اٿلي پوي آسمان ڦاٽي پوي پراها ڳالهه ٿيڻ جي ناهي.“

”هاڻي نوري تون ئي ٻڌاءِ ته ڇا ڪيون؟ هتان ڪان فرار ٿيڻ کانسواءِ ٻي ڪا واهه ڪانهي. توکي جو منظور هجي ته ڦڳڻ جي پندرهين تاريخ تي پرواري ڳوٺ ۾ هڪ شادي آهي، ان ڏينهن ماڻهون سڀ اوڏانهن هليا ويندا، پڄي هلڻ جو اهڙو وجهه ٻيو ڪونه ملندو، جي تون تيار هجين ته ٻئي پڄي هلون. نه ته مونکي لڳي ٿو ته هيءَ ملاقات پنهنجي آخري ملاقات هوندي، تون-تنهنجي واٽ تي مان پنهنجي رستي تي، ڇو ته هاڻي سنو ڪونه ٿو ٿئي، هروبرو ڪا پُلچڪ ٿي وڃي. ماڻهن ۾ خدا جا ڏوهيءَ ٿيون تنهن مان ڇا. تون اهو ڪارو ڏک پرڻ جي لاءِ تيار هجين ته اهو ڪارو ڏک پريون پوءِ جيڪي ڪندو مولا.“

”قاسم اڄ الاجي مون ۾ ڪٿان همت اچي ويئي آهي. آئون توسان پڄي هلڻ جي لاءِ تيار آهيان. آخر صبر جي به ڪا حد هوندي آهي، مان توکي واعدو ٿي ڏيانءِ.“

گيتن جي جهونگار لڳي پيئي هُئي چنن ۾ ٽيپ رڪارڊر تي اقبال جوڳيءَ جون وجايل مورليون وڄي رهيون هيون. ننڍڙا ننڍڙا

توهان کي خاطري ڏيان، مان توهان کي پنهنجي گهر رکندس،
توهان جو فيصلو ٿيو ته ڪراءِ ڇڏيندس نه ته وري توهان کي پڇائڻ
جي جوابداري مان پنهنجي سر کڻان ٿو. ها باقي توهان جي شادي
ٿي سگهي يا نه اهو ذمعون مان نٿو کڻي سگهان ڇو ته نوري جي پيءُ
کي مان برابر سڃاڻان ٿو.“

چاچا ڪمونءَ قاسم جي اٺ جي مُهار هن جي هٿ مان
کسي ورتي ۽ کين اٺ تي چڙهڻ لاءِ مجبور ڪيو، آخر هو به مجبور
ٿي پيا چاچا ڪمونءَ جي وچن تي ويساهه ڪري اٺ تي سوار ٿي پيا.

ڳوٺ جا پنچ هڪ نم جي ڇانو ۾ ويٺا هئا، چئني طرف ماڻهن
جو هجوم لڳو پيو هو، چاچا ڪمون پيري محفل ۾ نوري جي پيءُ کي
سمجهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هو ڪونه مڃيو. چاچا ڪمون به
واعدي جو پڪو هو، هن ٻارن کي سونپڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ وچي
پنچايت کي ڪوناءِ آيو جيڪي سڀ اچ موجود هئا.

نوري جو پيءُ ڪاوڙ مان ٻاڙهو ڪرڙي جهڙو ٿيو ويٺو هو،
هو کهاڙي کنيو لِڪ لِڪ ۾ اٿي ٿي ويو، پر چاچا ڪمون ۽ ٻين وري
کيس جهلي ٿي ورتوس.

”اڙي مونکي ڇڏيو مان ٻئي ڪنهن کي ڪجهه به نه
ڪندس، صرف نوري جي سربر تان سسي لاهيان ته سڪون اچيم.
هن جي رت سان هن کهاڙي جو پنون رنگجي ته مونکي راحت
اچي.“ هو زور زور سان چئي رهيو هو ۽ ڪاوڙ مان ڏڪي رهيو هو.

قاسم ڪنڌ جهڪايو پنچن جي اڳيان ويٺو هو.

”معاملو صاف آهي اپيل ۽ دليل جهڙي ڪائي ڳالهه

”قاسم هاڻي تنهنجي مرضي مان تنهنجي حوالي آهيان تون جيئن چاهين.“

قاسم هڪ ٿهڪ ڏيئي ٿو جنهن جو پڙلاءُ رڻ جي وُسعتن ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي اٺ تان لهي ساهي پٽين ٿا.

”اسلام عليڪم منهنجا ٻچڙا.“

سلام ٻڌي نوري ۽ قاسم ٻئي واٽڙا ٿي ويا، پهريان تہ انهن کي ايئن لڳو تہ ڪو جن يا ڀوت ٿي رهيو آهي پوءِ وري ناهي ڏسڻ ٻڌڻ سان آواز سڃاڻي ويا جيڪو آواز چاچا ڪمون ۽ جو هو.

”چاچا ...ڪ...ڪمون تہ...تہ...توهين هت...چا پيا ڪيو....!“

”پٽ آئون توهان جو پيڇو ڪندو پيو ٿو اچان. مون توهان ٻنهي کي ڀڄندي ڏسي ورتو جيسين مان پنهنجو اٺ پلاڻيندو پلاڻيان تيسين توهين نڪري ويا دور. مون وارو اٺ بہ وري آهي ٿڪل ڇڪل سو پلا توهان جي پلي اٺ کي ڪيئن ٿو رسي سگهي. نيٺ توهان کي خدا سمجهايو توهين ويهي رهيا ۽ آئون بہ اچي رسيس. هاڻي هلو پٽڙا واپس هلو مان توهان کي ايئن وڃڻ ڪونہ ڏيندس، آخر توهين بہ اسان جي ڳوٺ جي لڄ آهيو. ماڻهون ڪونہ ڪلندا اسان مٿان جو توهين هيئن ڀڄي ويندا تہ.“

”نہ چاچا ڪجھ بہ ٿي پوي اسان هاڻي ڪونہ موٽنداسين، چاهي ڪجھ بہ ٿي پوي.“

نوريءَ تہ ڪجھ بہ ڪين ڪُڇيو هوءَ پنهنجي پڳهر ۾ ٻڌي رهي هئي.

”توهان جو ڪو وار بہ ونگو ڪون ڪري سگهندو، ان جي مان

وڻناسين، اسان هميشه پنهنجي وچ ۾ هڪ دوري رکي آهي. مان قران پاڪ مٿي هٿ رکي ٿو چوان ته اسان ٻچڙي ڪم کان بري آهيون پاڪ آهيون، لحاظا توهان کي وينتي آهي ته اسان جي فيصلي تي نظر ثاني ڪئي وڃي.''

''مولوي صاحب پنچن ۽ ماڻهن اها ڳالهه ٻڌي ته حيران و ششدر رهجي ويا، مولوي صاحب خوشي ۽ مسرت وچان قاسم کي ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيو پوءِ هن جي پٺ ٺپڪيندي چيائين شاباش هجي نوجوان توکي، قيامت جي ڏينهن توجهڙا نوجوان ڪامياب هوندا. تنهنجو ڏوهه معاف ٿو ڪيو وڃي ۽ آئون نوري جي پيءُ کي عرض ٿو ڪريان ۽ سندس اڳيان هي پٽڪو ٿو لاهيان ته هو نوريءَ جو هٿ تو جهڙي غيرتمند نوجوان جي هٿ ۾ سونپي ڇڏي.

مولوي صاحب پلو ماڻهو هو،هن جي ڳالهه کي پلا ڪير ٿي ٽاري سگهيو. نوريءَ جو پيءُ به حال حقيقت کي ٻڌي ڪجهه ٺڏو ٿي ويو هو ۽ مولوي صاحب جي صلاح تي خاموش رهيو، خاموشي به رضامنديءَ جي علامت هوندي آهي.

اتي ئي انهي هنڌ تي قاسم جي نوريءَ سان نڪاح پاڙهي وئي.

جنهن محفل ۾ هيل تائين ڊپ ۽ خوف جا بادل ڇانيل هئا اها محفل هاڻي خوشيءَ جو خيمون ٻڌجي وئي.

سڀني اتي قاسم ۽ سندس پيءُ کي مبارڪون پيش ڪيون.

نوريءَ جي پيءُ به قاسم سان هٿ ملايو ۽ ٿورڙو چيو ''هي تنهنجي بونر پيار جو انعام اٿو پٽ.''

سڄي محفل کي کير پياري محفل برخواست ڪئي وئي.

ڪانهي، فيصلو مولوي صاحب تي ٿا ڇڏيون هو شريعت مطابق جيڪو به فيصلو ڏيندو سو اسان کي منظور آهي.'' سيني پنڇن هڪ آواز ۾ چيو.

فيصلو اچي مولوي صاحب مٿي رهيو. سيني جو ڌيان هاڻي مولوي صاحب طرف هو، مولوي صاحب جيڪو اچي پڳهه ٻڌيو تسبيح پڙهي رهيو هو، سندس منهن مان نورانيت پئي وٺي. هن ڪجهه دير لاءِ سڄي معاملي تي غور سان ويچاريو، پوءِ بسم الله ڪري فيصلو ٻڌايو.

''شريعت ايئن ٿي چوي ته ڪي ڪنوارا اگر ڪو ڪوجهو ڪم ڪن ٿا ته انهن کي سَو ڪوڙا هڻڻ جي سزا ملڻ گهرجي جيڪا سزا عوام جي سامهون ڏني وڃي، ته پيا به هن مان سبق وٺن. ان حساب سان هنن کي سؤ سؤ ڪوڙا ڦٽڪاريا وڃن، پوءِ ڪٿي هنن جي قسمت، بچي ويا ته هنن جو ڀاڳ، مري ويا ته خدا جي ڏوهه ڏمر کان آزاد ٿي ويندا.''

مولوي صاحب جو فيصلو ٻڌي سڄي محفل کي ڄڻ سپ سونگهي ويو، سيئي خاموش هئا، شريعت جي فيصلي جي اڳيان سيني سر جهڪاءِ ڇڏيو.

''هان ڇوڪرا توکي ڪجهه چوڻو آهي'' مولوي صاحب قاسم سامهون نهاريندي چيو.

''مولوي صاحب توهان جو فيصلو سر اکين مٿي، مان توهان اڳيان نَت مستڪ آهيان، پر منهنجي هڪڙي نماڻي عرض هيءَ آهي ته اسان محبت بيشڪ ڪئي آهي، جيڪا ورهن کان قائم آهي، پر اسان جي محبت هميشهه پاڪ ۽ پوتر رهي آهي، صاف ۽ شفاف رهي آهي، اسين ڪڏهن هڪ ٻئي سان انگ سان به ملاءِ ناهي

تذهن هن کي هوءَ ڏرتي ۽ آڪاش کي امانت جي روپ ۾ سونپي موت جي مار سان هميشہ جي لاءِ ڪنهن لامحدود سفر تي هلي نڪتي هئي. پڻهس تہ هو اجان هڪ سال جو مس ٿيو هو تڏهن سرڳ کي سڌاري ويو هو.

منهنجي امڙ ڪيڏي نہ پياري هئي ڪيڏي نہ مون سان محبت ڪندي هئي. ڪيڏا نہ مونکي پيار ۽ لاڏ ڪوڏ ڪندي هئي. مون تي ساهہ پساهہ پئي ڏيندي هئي، ڪيڏا نہ منهنجي لاءِ ڏکہ ڏاکڙا سهندي هئي. پاڻ کائيندي هئي يا نہ پر مونکي ڪوڏ مان پيئي کارائيندي هئي. مونکي ڪو سو واءُ بہ نہ لڳي تنهن جو هر وقت جيءَ جان سان خيال پيئي رکندي هئي.

هڪ ڏينهن جيٺ مهني جي ٿڌڙي شام جو مست مست ٿڌڙا پون لڳي رهيا هئا. ڪارن ڪارن بادلن جا گهوڙا هوائن جي دوش تي تکڙا تکڙا پورب ڏي هليا ٿي ويا، جڻ ماروئڙن لاءِ مارويءَ جا نياپا ۽ سنيها کڻي ٿي ويا، تارن کي بہ جڻ لاڳ لڳو هو، هو بہ لڪ چُپ راند ڪري رهيا هئا. دل ۽ دماغ کي عجب آرام ۽ راحت اچي رهي هئي، امان پنهنجا پير ڏگهاري اڱڻ ۾ پٺ سان ٽيڪ لڳاءِ توڙري تي ويٺي هئي. آئون کٽ تي گاديلي مٿي ويچايل سٽن ڪورن ڪنگرين واري رلهيءَ مٿي امان ڏانهن مُنهن ڪيو ليٽيو پيو هوس ۽ امڙ سان ڳالهين ۾ مشغول هوس، گهر جي ڪنڊيءَ ۾ چمني پنهنجي ڪمزور باهہ سان اوندهہ جو مقابلو ڪندي گهر کي روشن رکڻ جي ڪوشش ۾ هوائن جي جهونڪن سان لڙي رهي هئي. اچانڪ هوا هڪڙو زوردار حملو ڪيو، دريءَ کي ڌڪو ڏيندي چمنيءَ جي جيوتي جي جان وٺي ورتي پوءِ بہ اسين ماءُ پٽ ڪجهہ دير تائين ڳالهيون ڪندا رهياسين، مان تارن جي بادلن سان ٿيندڙ راند کي

پڇ نٿي

آھہ...سچ پچ زندگي بہ پاڻيء جي ڪنھن لھر سمان آھي. جيئن دريا جي پاڻي جي لھر ڪنارن سان ٽڪرائجي پنھنجو وجود وڃاءِ ڇڏيندي آھي تيئن زندگيءَ کي بہ ادرشيہ ٿيندي ڪا وار ڪون ٿي لڳي يا پاڻي جي بدبدي جھڙي آھي جيڪو ھوا جي نازڪ ھٿن جي ڳھاءُ سان بہ پنھنجو پاڻ ڏيئي وجود وڃاءِ ڇڏيندو آھي ۽ ختم ٿي ويندو آھي. تيئن زندگيء کي بہ موت جي ھنج ۾ سمائجندي سميہ ڪونہ ٿو لڳي، موت جو ذرا بي پاڇو پئي وڃي ٿو تہ زندگي راڻيء جا ھوش و ھواس بافتہ ٿيو وڃن ٿا. ڪن پل ۾ ڪللنڌڙ نچندڙ جيون شانت ۽ اسٿير ٿيو وڃن ٿا. ھن کي موت جو روپ ڌارڻ لاءِ صرف ڪو بھانو ئي درڪار ھوندو آھي. جھنجي لاءِ اجائي ڪا مٿا ڪُٽ ڪرڻ جي ڪائي ضرورت ڪونہ ٿي پوي. بس اچي واءُ وڃي ساھہ.

ڪيڏي نہ ٻجڻي ۽ ٻرپوڪ آھي زندگي، ذرا بي ڪجھہ ٿئي تہ ھوءَ ھي جھان ڇڏي ھن جھان ڏانھن پرواز ٿي ڪريو وڃي ۽ پوءِ آڪاش جي ٽم ٽم ڪندڙ تارن جو روپ ڌاري ھينئن جھان جو مشاھدو پيئي ٿي ماڻي، تہ ڪڏھن وري منڙي مذر ۽ شيتل چانڊاڻ جو روپ ڌاري زمين تي ڪنھن جھرڻي جيان وھندي ٿي رھي ۽ قلن قولن، پکين پسون کي خوش پيئي ڪندي رھندي آھي تہ ڪڏھن ھوا جي سندر سھڻن ڪلھن تي سوار ٿي ٿر جي ٿڌڙي ھير جو ويس پاءِ درد مندن دلين ۾ سمائجي ويندي آھي تہ ڪڏھن وري مھراڻ جي موجن سنگ مستي پيئي ڪندي رھندي آھي.

جڳوءَ جي بہ ھن جھان ۾ جگر جي ڪنھن ڪنڊ سمان ھڪ جيجل، مومل ماءُ ھئي. جڏھن ھو صرف ائن سالن جو مس ٿيو ھو

نوڪري ئي نو لاءِ پيو ٿو ڪريان. هو مون تي ڪو ٿورو ڪ احسان ٿورو ڪري ٿو، سڄو ڏينهن ڪم جو ڪريانس ٿو. امان اڄ ذرا جلدي ڪائي ون اڄ مونکي سويل ٻنيءَ تي وڃڻو آهي، وڏيري جي ڪٽڪ ڪڍڻي آهي ۽ ها، تي سگهي ٿو ته اڄڻ ۾ به دير ٿي وڃيم. توکي ڪاراءِ پياري وچان ته نيڪ پوءِ ڪا چنتا نه رهيم. ون امان ون جلدي ڪائي ون اڄان توکي وهنجارڻو به باقي پيو آهي.

تون ڪائي پي پاڻ ڪي قدرت جي طرفان مليل اڻملھ تحفي جھڙي هن نم جي ٿڌي ڇانو ۾ آرام ڪڇ ۽ مان ڪم تي هليو ويندس، ڪيڏو نه سندر آهي هي نم. ڪيڏو نه گھاٽو آهي تڙڪي جي ڪنهن ڪرڻ جي مجال آهي ته منهنجي ماءُ جي منهن تائين پهچي سگهي. اڙي تڙڪو ته تڙڪو مينهن واءُ ۾ به هي پنهنجي رکيا ۽ حفاظت ٿو ڪري، پنهنجا پاڙيسري به ڪھڙا نه سنا سياڻا آهن، ٻن پهرن جو جڏهن اس ۽ لڪ ٿي لڳي ته هو به اچي هن نم جي ٿارين تڳن تي آرام سان ويهي پنهنجو ساٿ سنگت نڀائيندا آهن ۽ آهستي آهستي پنهنجي منڙين ٻولين ۾ گيت پيا ڳائيندا آهن ۽ صبوح جو به ڪھڙو نه شاندار طريقي سان سوا گت ڪندا رهندا آهن ۽ سانجھيءَ جو به آهاها.... ڇڻ هن نم جي ٿارين تي پٽ شاھ واري جيئن لطيف سائين جو ڪو ميلو متو هجي، تيئن ڪھڙا نه پري پري کان پکي پنهنجي اوتاري اوطاق تي اچن ٿا. پنهنجي سندر سرن جي سرگم جي سنگيت سان سڄو سماءُ سھڻو ٿا بناءِ ڇڏين. ماٺهو شام جو ماني ڪائي ٽي.وي. يا ريڊيو جو آنند ونن ٿا ته پاڻ وينا قدرت جو هي بيشبها ماحول ماڻيون پنهنجي وندرِ جو سامان به ڪھڙو نه سستو ۽ سٺو آهي، ذرا پي خرچ ناهي.

ڏسندي ڏسندي سمهي پيس. سڄي رات سپنن سان جُنگ ڪندي صبوح جو اک کلي، اڃان به ڪجھ ڪجھ اونده جو راڄ هو، ڇا ڏٺم ته امان ته اڃان تائين ايئن جو ايئن پٽ سان ٽيڪ لڳايو ويٺي آهي.

مان جلدي جلدي رلهيءَ کي اڇلاءِ اٿي بيٺس ۽ وڃي امان کي هٿ لڳاءِ جاڳائڻ جي ڪوشش ڪيم پر هي ڇا ؟ يڪايڪ مُنهن مان رڙ نڪري ويئي، ڏٺم ته امان جا انگ سڪي ڪنهن ڪاٺي وانگر ٿي ويا هئا، پوءِ ته ڪٺي رڙيون واڪا ڪيم، ڳوٺ جا ماڻهون رڙيون ٻڌي ڪٺا ٿي ويا، هڪ خيرخواه ڊاڪٽر کي به وٺي آيو. پر منهنجي ماءُ جي پساه جو پروانو ته شايد هن هوا جي جهونڪي سان گڏئي پرواز ڪري چڪو هو. ڊاڪٽر نبض نهاريندي صرف ايترو ئي چيو، ”هارٽ اِٽئڪ“ جيڪي لفظ اڃان تائين منهنجي ڪنن ۾ ڪنهن پڙاڏي جيئن گونجن پيا ٿا.

جڳو اڄ ڪم پورو ڪري گهر موٽندي وات تي تلاء جي پار تي ڪجھ دير لاءِ ساهي پٽڻ جي لاءِ ويهي رهيو هو ۽ تلاو جي اندر پلر پاڻيءَ جي لهرن کي ڏسندي ماضيءَ جي محرابن ۾ گم ٿي رهيو هو.

”معاف ڪجِ امان اڄ وڏيري جي ڪيت ۾ ڪم گهڻو ڪرڻو پيو هو. سو ڏاڍو ٿڪجي پيو هوس. ذرا دير لاءِ ويسانھ ڪٽڻ جي لاءِ وات ۾ ويهي رهيو هوس، جنهن جي ڪري اڄ دير ٿي ويئي اٿم، امان اڄ ته وڏيري تو لاءِ ڪاڏو نه پي ڏنو خبر اٿئي ڇا پي چيائين؟ چوندو هو ”جڳو تون ته هٿ ڪايو پيو ٿو وڃين اهو ته ٺيڪ پر تنهنجي ماءُ جو مون ڪهڙو ڏوھ ڪيو آهي جو تون هن لاءِ به هتان ئي تو ڪاڏو ڪنيو وڃين.“ ها...ها...ها... امان وڏيرو به ڪهڙو نه چريو ۽ نادان آهي جيڪو هيئن پيو ٿو ويچاري امان هن کي خبر ناهي ته آئون ته

هل منهنجي منزي امڙ هل سچي ورھہ ۾ اهڙا موقعا ڪڏهن ڪڏهن نہ ملن ٿا. اڄ تہ موج مستيون ماڻي شام جو واپس ورنداسين، جڏهن پنهنجا ساٿي موٽندا تڏهن. ڏس امان هو نديءَ جا نير ڪيڏا نہ سنا سهڻا ۽ شيتل آهن امان هل تہ ٻئي وهنجون، وري زندگيءَ ۾ اهڙو موقعو ملي يا نہ ملي.

”جيجي هو ڏونگر جي پٺن مان وهندڙ پاڻي جي جهرنن کي تہ ڏس ڪهڙا نہ مٺاهان مٺاهان استان چڙي هيٺ نديءَ ۽ ساگر کي ملڻ جي لاءِ ڊوڙندا پيا ٿا اچن. سچي ڳالھہ آهي امان واقعي جهڪندڙ کي هرڪو جهڪندو آهي، بلڪل مون واري جيئن امان آئون بہ توکي ملڻ جي لاءِ ايئن ئي آتر هوندو آهيان ۽ جهرڻي واري انهيءَ پريم ۽ پابوھہ سان وڏيري جي ٻنيءَ تان موٽندو آهيان. پريم ۽ پيار اها ئي تہ شيءِ آهي جيڪا نٽي نهاري پٿر، نٽي نهاري ڪنڪر، بس هوءِ تہ ملڻ جي لاءِ ماندي هوندي آهي. امان سچ کي تہ ڏس ڪيئن نہ ڏونگرن جي هنج ۾ لڪي وڃڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ڪو ڏينهن هئا آئون بہ پنهنجي پياري امڙ جي هنج ۾ شام جو.....“ هن جون اکيون آليون ٿي پيون جملو اڌورو رهجي ويو.

”نہ امان نہ تون نہ روئجان، مان تہ بس ايئن ئي روئي پيس“ چوندي هن پنهنجون اکيون ڪڙ تي جي پلو سان اگهيون.

”هل امان هل هاڻي واپس موٽي هلون، ڏس نہ رات پنهنجا پکڙا چندي رهي آهي پنهنجا ساٿي بہ پنهنجي وات نهاريو ويٺا هوندا. صبوح جو وري ڪم تي بہ وڃڻو اٿم“ هو پنهنجي اجهي ڏانهن موٽڻ لڳا.

اوهو....سمبہ کي سِرڪڻ ۾، وقت کي وهڻ ۾ ڪا ويرم

شام جو خودبخود ڪچهري قائم ٿئي ٿي، هڪڙي ٻئي جون منڙيون منڙيون ڳالهيون ٻڌندا ٻڌندا ٿا سمهي پئون، صبوح جو سيئي پنهنجي پنهنجي مصروفيتن ۾ ڪم ڪارين ۾ وڃون ٿا لڳي. پڪيئڙا چڱڻ ويندا ٿا رهن، مان ويندو ٿو رهان ٻنيءَ ٻاري تي ۾ تون....؟

تون ڪهڙي نہ آرام سان ويٺي هوندي آهين توکي بہ ڪر وڏيري سائين جي ٻنيءَ ٻاري تي وني هلانو، پر ٻپ پيو ٿئيم تہ ڪٿي وڏيرو توسان وڙهي ۾ توکي ڪو هڪل هوڪارو ڪري تہ مونکان سٺو نہ ٿيندو. ”امان هو لاليو ڪتو آهي نہ، سو اچ مون سامهون پڇ لڏڪائيندو آيو، امان هن مون سان اچڻ ٿي چاهيو، تون جي موڪل ڏين تہ وني اچانس.“

”پلي امان هن کي بہ شام جو موٽندي وني ايندس. ٻيو نہ تہ پيو پُهڪندو ۾ پاڻ جي رکيا ڪندو، امان هاڻي تون آرام ڪر مان هلان ٿو“ هو هن جي منهن تان هٿ ڦريندو هلي نڪتو.

امان اچ تہ وڏيرو مون تي ڏاڍو خوش ٿيو ۾ مونکي ڪجھ ڏوڪڙ بہ پيٽ طور ڏنائين، جنهن مان تو لاءِ گيھ وني آيو آهيان، امان منهنجو توکان سواءِ هن جهان ۾ ٻيو آهي بہ ڪير؟ امان منهنجو تو ساڻ هيڏو پيار ڏسي ماڻهون ۽ مونکي چريو ٿا سڏين. امان اهي خود چريا آهن هن جهان ۾ منهنجي تون ئي تہ آهين تون ئي تہ منهنجي ماءُ، ساٿڻ ۾ سنگتي آهين. آخر زندگيءَ جي سفر لاءِ ڪو همسفر ٻي تہ هجي.“ ڪم تان واپس موٽندي هن چيو. ڏانتو ۾ ٿپڙ ٿاڙي نم جي مور ۾ ڦگاءِ هو سمهي پيو.

”هل امان هل اچ تہ جهنگل ۾ گهمڻ ڦرڻ ٿا هلون. ڪلھ واپس موٽندي وڏيري سائين کان موڪل وني آيو هوس، ٻنيءَ جي ڪم مان آجو هوس، سوچيم تہ سياڻي گهمڻ ويندا سين.

هئي. هن جي اکين ۾ اوندهه چانئجي ويئي.

هن جي ماءُ سمان ڳانءِ جنهن سان هو ڏينهن رات پيو حال احوال اوربندو رهيو هو، سا وڏا وڏا ساهه کڻي رهي هئي. هن جون ڦاٿلون اکيون جڳوءَ کي نهاري رهيون هيون جڻ کيس آخرين پرڻام ڪري رهيون هيون. جن مان لڙڪن جون لارون وهي رهيون هيون، جڻ هن کي پنهنجي موت جو نه پر جڳوءَ جي جيون جي چنتا ستاءِ رهي هئي. هوريان هوريان هن جي اکين مان روشني ختم ٿيڻ لڳي، هن وري هڪ ڀيرو جڳوءَ کي ٿاهي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهي، ڪن پل لاءِ جڳوءَ کي ڪجهه نه سُجهيو ته هو ڇا ڪري، هو اکيون ڦاڙي هن کي ڇرين جيان ڏسندي رهيو. ٻي پل هو سمجهي ويو ته سندس ڳانءِ کي ڪاري واءِ هنيو آهي، هن بيماريءَ مان هن جو بچڻ مشڪل مرڻ سهل هو. ڪجهه دير بعد ڳانءِ کي هڪ جهٽڪو آيو ۽ هن جو سمورو شرير شانت ٿي ويو اکيون ڇڪجي ويون بت ٿاٽ ٿي ويو.

جڳوءَ پاڻ تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪئي، پنهنجي دل کي وس ۾ رکڻ جي سعي ڪئي پر ناڪام رهيو. هن جي اکين مان پاڻي ڏور ٿي رهيو. هو پنهنجي ماءُ جي نشانين مان ٻچيل هڪ ماتر ڳانءِ کي هيئن مرندي ڏسي وائڙو ٿي ويو. پنهنجو مٿو پنهنجي مُئل ڳانءِ جي مٿي تي سڏڪا ڀري اوڇنگارون ڏيندي پٽڪائڻ لڳو، ٿوريءَ دير بعد هو به بيهوش ٿي ويو، هن جو ڪنڌ به ڳانءِ جي ڪنڌ مٿان لڙهڪي ويو.

”اڙي هي ڇا ٿي ويو“ ڪلوءَ وات تان لگهندي معاملو ڏسي چيو. هو جلدي جلدي جڳوءَ کي کڻي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويو. ڊاڪٽر نبض نهاري هڪ ڏکو شوڪارو هنيو ۽ ٻڌائين ”سوري ... ڪيس

ڪونہ ٿي لڳي. منھنجي ماءُ کي گذاريندي ٽوڙي اچ ٻارھن مھينہ نڪري ويا، پر ايئن پيو لڳي ڄڻ ڪالھہ اجان ھئي.

منھنجي سائين امڙ کي ڪھڙو نہ سٺي نموني خلقيو ھو، پريم پيار جي ڪا مورتي پيئي لڳندي ھئي. سندس سُنھڻن چپن جي مشڪ ھميشھہ منھنجو پيار وچان من موھيندي پيئي ھئي. ھن کي مون سان ڪيڏو نہ پيار پريم ھو. ھو ممتا جي ڪا مورت ھئي. اڄ ھن جي پھرين پچتثي آھي. ھن جي ورسيءَ جي موقعي تي ھن کي شرڌانجلي ڏيڻ گھرجيم، سوچيندي ھو شرڌانجلي ڏيڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

نم جي ھڪڙي ٿُلھي ٽار ۾ ٽنگيل سندس ماءُ جي ڇٻيءَ کي ھن ڪپڙي سان چنڊي صاف ڪيو. جنھن تي مٽيءَ جي تھہ جمي ويئي ھئي، بہ تي گل پٽي آيو جن کي ھڪ ڌوري ۾ پروئي ھار جو روپ ڏنو. ھو ھار ماءُ جي ڇٻيءَ کي پھرائيندي ھن جي اڳيان ھٿ جوڙي اکيون ٻوٽي ٻيھي رھيو.

آھستي آھستي ھو ماءُ جي ياد ۾ گُم ٿي ويو، آنسُن جي ھلڪي ھلڪي ڌارا ھن جي مٿن تان وھندي ڇاتيءَ کي پُسائي رھي ھئي. سندس سھسين سيبن وارو پر ڌوئي اڇو اُجرو ڪيل ڪڙتو ھوا ۾ ھيڏانھن ھوڏاھن لھراءِ رھيو ھو. اچانڪ ڪنھن شيءَ جي زمين تي ڪرڻ جو ڌڙام جھڙو آواز آيو. ھن جي ايڪاگرتا ۾ ڀنگ پيو، ھن اکيون کوليون سندس ماءُ جي ڇٻيءَ کي آخرين پرڻامءُ نمن ڪري اردگرد ھيڏاھن ھوڏاھن نھاريو.

”اڙي...ھي ڇا...“ ھن پنھنجي ماءُ ڳانءِ کي پٽ تي پيل ڏسي رڙ ڪئي. ھن جي پيرن ھينان ڄڻ ڌرتي کسڪي رھي

خطرو

آرتوار جي سهاوڻي صبح جو سج پنهنجا سير سنوان ڪندي ڪائنات جي مخلوقات کي هڪ جهٽڪي سان جاڳاءِ چڏيو هو. چوڌس چهل پهل، چڻ پڙ چالو ٿي ويئي هئي. هرڪو پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي رهيو هو، ڪير وڪڻ وارو به پنهنجي جهوني پراڻي سائيڪل تي سوار روڊ جي چاڙهه تي سائيڪل کي چاڙهڻ لاءِ نُنهن چوٽيءَ جو زور لڳاءِ رهيو هو، هو پنهنجي سيٽ تان مٿيرو ٿي پنهنجي سڄي سرير کي هئنڊل طرف جهڪائيندي پيرن سان سرچوٽيءَ جو زور لڳاءِ چاڙهي رهيو هو. سائيڪل جي ڪيئريئر ۾ ٻنهي پاسن کان ٻڌل ڪير جا ڊم چڻ خاموش هو تماشو نهاري رهيا هئا، جن مان ڪير جا قطرا ٽپڪي رهيا هئا. آخر هو پنهنجي محنت ۾ ڪامياب ٿيو. جيئن ئي سائيڪل چاڙهه تان چڙهي ته اڳيان لاهه هئي. هاڻي اها سائيڪل سرڙي سان هيٺ لهي رهي هئي، چڻ ڪير واري کي پنهنجي ڪيل محنت جو ڪو بدلو چڪائي رهي هجي، جا زور لڳائڻ سان به نٿي چڙهي سا سائيڪل هينئر بريڪ لڳائيندي به نٿي بيني. باغ جي پرسان آيل گهر جي گيٽ وٽ پهچندي هن گهنٽي وڄائي ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳو ”هلو ڪير وارو.“

هن جي آواز کي ٻڌي اچانڪ مهيش ويچارن جي دنيا مان ٻاهر نڪتو ۽ سائيڪل واري کي ڏسڻ لڳو. هن پنهنجي ڪيسي مان شاعري جي هڪ ننڍڙي پاڪيٽ بوڪ ڪڍي شاعري پڙهڻ لڳو. ٻه ٽي شاعريون پڙهيائين ڪ نه پڙهيائين وري بوڪ بند ڪري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏي.

هيڏانهن هوڏاهن ڪنڌ وراءِ گهڙيال ۾ نهاريائين ته اٺ وڄي رهيا هئا، سڄ هاڻي پنهنجي تدڪ ڇڏي پنهنجو اصلوڪو

تمام ٿي چڪو آهي. رت گهٽي مقدار ۾ وهي وڃڻ جي سبب هن جي زندگي جو کيل ختم ٿي چڪو آهي، هن کي بچائڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي.''

جڳوءَ کي کهڙي خبر ته ماءُ کي پهرين پڇتيءَ تي شرڌانجلي ڏيندي ڏيندي هو به انهي لسٽ ۾ شامل ٿي ويندو.

وقت جا واهه وهندا رهندا وري به هي ڏينهن واپس ايندو هني تنهي جي پڇتي هڪ ئي ڏينهن تي گڏ ايندي پر کين کو شرڌانجلي ڏيڻ وارو ڪونه رهيو.

اچانڪ واء جي هڪ چرڪ آئي جنهن جي وجهه سان نم جي ٿار ۾ ٽنگيل ڇبي اچي جڳوءَ جي ڇاتيءَ تي ڪري، جتي پر ۾ جڳوءَ جي ماءُ سمان ڳانءِ جو شرير به شانت پيو هو.

خطري جو بہ ڪو خطرو ڪونهي.

اڳ تہ ٻارهن پندرهن ورهن جي ڇوڪري ڪنهن سان پُل ۾ بہ ڳالهاءِ نہ سگهندي هئي ۽ قدرتي غلطيءَ سان ڳالهاءِ بہ ويندي هئي تہ ڳوٺ ۾ سو سو طرح جون ڳالهيون پيئيون ٿينديون هيون ۽ هاڻي ... هاڻي نہ ڇون ته زمانو سڌري ويو آهي، ترقي ٿي آهي ڪو بہ ڪنهن کي ڪجهہ نٿو چئي سگهي. اگر پيءُ پٽ کي يا نياڻيءَ کي ڪجهہ چوي ٿو تہ هو وڃن ٿا هن کي ڪورٽ ۾ گهيلي ۽ پوءِ هلن ٿا ڪيس ڪيالا تڏهن تہ هاڻي پيءُ پٽ کي تہ دور پر نياڻي کي بہ ڪجهہ نٿو چئي سگهي. سيڪو ڪنن تان وار وڃهيو وينو تماشو ڏسي.

خود اسان جي ڪاليج ۾ ڪيئن نہ سيئي ڇوڪرا ڇوڪريون ڳڏجي هٿ ۾ هٿ پاءِ پيا هلن هر ڪنهن کي ڪونہ ڪو بوءِ فرينڊ يا گرلفرينڊ ضروري آهي، ڪلاس پڙهڻ جي گهنٽي وڄڻ کان اڳ کهڙي نہ تڪفن جي ڏي وٺ پيئي هلندي آهي. پروفيسر خود پنهنجي اکين سان اِهي تماشا ڏسندا رهندا آهن پر مجال آهي جو ڪو ڪنهن کي هڪ لفظ بہ چئي سگهي. هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ۽ مصروف رهندو آهي. مهيش انتظار ۾ سوچيندي سوچيندي ٿڪجي پيو پر رميش اجان ڪونہ آيو، هن جو من مونجهارن ۾ پئجي ويو هن کي پيو ڪجهہ نہ سجهيو هو گهر ڏي هلي نڪتو.

گهر وڃي پنهنجي ڪمري ۾ پهتو، خميس لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگي، پلنگ تي سڌو سئون ليٽي پيو، هن جي نظر سامهون رکيل ڪتابن تي پيئي، جني ناولن جي وچ ۾ ڪنهن جهرڪيءَ پنهنجو

روپ ڌارڻ لڳو هو. نمن جا پاچا آهستي آهستي ننڍڙا ٿي رهيا هئا، پڪي پڪڻ سيئي پنهنجا آکيرا اجها ڇڏي روزي رزق جي تلاش ۾ نڪري ويا هئا، صرف هڪ ڪوئل ۽ هڪ چٽون انب جي ٽارين ۾ ٽري رهيا هئا، ڪوئل جي منڙي ڪو...ڪو... مهيش جي من ۾ مستيءَ جون موجون آڻي رهي هئي. پر رميش ساڻس ڪونه هو، هوءَ ڪو ڪو ڪري ڄڻ رميش کي سڏي رهي هئي ايئن هن کي لڳو.

رميش کي پلا اڄ ڇا ٿيو جو هو اڃان تائين ڪو نه پهتو آهي، اڳي ته وقت تي پهچي ايندو آهي. هو ڪهڙو نه بيڪار ماڻهو آهي. هفتي ۾ موڄ مستي ماڻڻ لاءِ صرف هڪ ئي ڏينهن ته ملندو آهي تنهن ۾ به دير ڪري ڇڏيندو آهي، نه پر اڳي ته ايئن ڪونه ڪيو اٿس خبر ناهي اڄ ڇا ٿي پيس. اگر هن کي ڪو ڪم پيو ٿي پوندو آهي ته به مُنهن ڏيکارڻ ڪانسواءِ نه ويندو آهي يا وري نياپو ڏياري ڇڏيندو آهي پر اڄ ته خبر نڪو چار. ڇا هتي اچي واپس هلي ته ڪونه ويو هوندو؟ ڪو ڪم ٿي پيو هجيس پوءِ ٿي سگهي ٿو ايئن ڪيو هجيس. نه...نه پر آئون ته ٺهه ٺيل وقت کان پندرهن منٽ اڳ هتي اچي پهتو آهيان. پوءِ اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي، شايد پڙهس سوبل ئي ڪيڏاهن ڪم تي هلاءِ ڇڏيو هُجيس.

ڇا اسان واري ڳالهه جي پڙهس کي خبر ته ڪونه پئجي ويئي آهي، پڙهس به آخر آهي مغز جو ڪارو، خبر پوندس ته رميش کي ته هو جيئرو ڪونه ڇڏيندو. ان ڳالهه ۾ آهي پيو ڇا. هو به ويچارو جيئرو آهي ڪٿي ته دل وندرائيندو. ڪنهن سان ته حال اوريندو دل بهلائيندو.

اڄ جي دور ۾ جوان ڇوڪرن ڇوڪرين جي دوستيءَ کي به برو ڪون ٿو سمجهيو وڃي ته هن ۾ پلا ڇا آهي. هن ۾ ته ڪنهن

مينا ڪون نہ وينا نمن جي تارين تي ٺڪاريون ۽ اچي اجري آڪاش جو سئر ڪريون. نڪو رهي ڪو بابي جو ڊپ نہ ياءُ پيڻ جو خوف، جيئن وٽي جتي وٽي اتي وينا هلون ڦرون.

”پٽ مهيش اڄ ابا اڄ پلا اشنان پاڻي ڪونہ ڪندين ڇا؟ جلدي ڪر وهنجي وٺ پٽ ڏس نہ ڏينهن پيو تو چڙهي، پوءِ وري لُڪ لڳندي تڏهن پلا ڪيئن اشنان ڪبو بيمار تي پوندين منا، اتي منهنجا سڪيلڏا اٿي جلدي ڪر.“

ماءُ جا ارمانن پريا اولاڻا ٻڌي مهيش ويچارن جي واڙي ڪان ٻاهر نڪتو، هن جو وهنجڻ جو اڄ ڪو موڊ نہ هو.

”نہ امان نہ اڄ وهنجڻ جي ڪا واندڪائي ڪونہ اٿم، اڄ تہ ڏاڍو پڙهڻو اٿم. سڀاڻي ڪاليج ۾ ٽيسٽ اٿم تنهن جي تياري لاءِ ڪوڙ سارو پڙهڻو پيو آهي.“ بهانو بنائيندي هن ماڻس کي اتان ئي ستي ستي جواب ڏنو.

”ڀلي پٽ، ڪائي ڳالھ ڪونهي، تہ پوءِ چانھ ناشتو ڪٽي اچانو، بکيو هوندين منهنجا راڻا.“ ماڻس رنڌڻي مان پڇيوس.

”امان بک بہ ڪانہ لڳي اٿم، اڃان صبوح جو ئي تہ کير جو گلاس پيتو هئم، هاڻي وري ناشتو ڇا جو.“

ماڻس هن جي ڪمري ۾ گهڙندي چيو ”وٺ ابا هي ناشتو ۽ چانھ ڪجھ کائي ڀي وٺ ٻچڙا، نہ وٽئي تہ بہ ڪجھ کائي وٺ، ناڻڻ ڪانسواءِ ڪهڙو ماڻهو، هيئر ڪجھ ڏينهن ٿيا آهن ڏسان ٿي تہ تون تمام گهٽ پيو کائين، ايئن پلا ڪيئن هلندو ٻچڙا. ٻچين ٿل جي کوراڪ نہ هوندي تہ صحت پلا ڪيئن ٺهندي.“

آڪيرو اڏيو هو.

اڙي هي جهرڪو ۽ جهرڪي پيي ڪهڙا نه ساهتيه پريمي آهن ڏسو نه هيڏو ملڪ چڏي وڃين ڪتابن جي وچ ۾ گهر ناهيو اٿن، هنن جا ٿيندڙ ٻچا به ڪهڙا نه پنڊت ٿيندا جن جي اک ئي ادب ۽ ساهتيه جي گود ۾ کلندي.

مان به ڪو چريو ٿي رهيو آهيان جو اهڙا ويچار پيو ڪريان، هو پاڻ ڪي جهڙڪڻ لڳو.

سپاٽي مهيش شل ڪاليج اچي، ڪيس صاف اکرن ۾ ٻڌاء چڏيندس ته دوستي رکڻي اٿئي ته ايئن ڪم ڪونه هلندو. واعدي تي اچڻو پوندوء نه ته هاڻي دوستيء ۾ لاڳ ڪونه ٿيندو، دوستن ملڻ جي دنيا ۾ ڪٿي ڪا ڪمي آهي ڇا، تون هڪڙو ته دنيا ۾ ڪونه ڇاوء آهين ٻيا به تنهنجا پائر ڪيئن آهن تون نه سهي تنهنجو پاءُ ٻيو، ڪٿي ڪي پلا پريون ڪٿيون ڇا.

ڪن پل گذري ته جهرڪو ۽ جهرڪي ٻئي پنهنجي انيري ادا سان دريء جي شيشن ڪي پار ڪندا اڏري اچي ٽيوب لائيٽ تي ويٺا ۽ چون چون ڪرڻ لڳا، سندن آڪيرو ناهڻ وارو ڪم اچ پورو ٿي چڪو هو اچ هنن جو ارادو ڪو چڱو ڪونه ٿي ڏنو، ٿوري دير لاءِ چون چون ڪندا هڪ ٻئي ڪي منيون منيون چنهبون هڻڻ لڳا ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڪمري ۾ ڦدڪڻ لڳا، ڪن ۾ دريء تي ته ڪن ۾ پنکي تي آخر ٻنهي جڻ پنهنجي چون چون واري گپت ڀاشا ۾ ڪجهه طئه ڪري ورتو هجي تيئن اڏري اچي واپس ٽيوب لائيٽ تي ويٺا.

هنن جي اها ليلا ڏسي مهيش وري خيالن جي ڪوهه ۾ غرق ٿي ويو، ڪاش رميش ۽ آئون به ڪو جهرڪو جهرڪي هجون يا طوطو

مان بہ ڪون پڙهندس. هن ڪانسواءِ پڙهي مان ڇا ڪريان. هن جي
دل ٿي چاهيو تہ اوچنگارون ڏيئي روئي پنهنجا سمورا غم ، ڏک، درد
لڙڪن جي لڙن سان گڏ وهائي دل جو بار هلڪو ڪري ڇڏي. هن
جون اکيون پڇي پيون، نہ چاهيندي بہ هن کان سڏڪا نڪري ويا.
ڪجھ دير لاءِ انهي حالت ۾ رهڻ بعد هو ڪجھ سوچي ڪتاب هٿ
ڪري اٿي هلڻ لڳو. اجان ڪاليج کان ٻاهران نڪتو ئي هو تہ رميش
کي دور کان ايندي ڏٺائين، جيڪو ڪاليج ڏي ئي اچي رهيو هو.
جنهن کي ڏسندي ئي هو من ۾ مشڪي پيو ۽ پنهنجي اکين جا
ڳوڙها رومال سان اگهي هو ڪاليج ڪمپائونڊ کان ٻاهر نڪري هڪ
وڏي نم جي سامهون هلڻ لڳو، جتي بلڪل اڪيلائي ۽ شانتي هئي
ڪوبہ ماڻهو يا راهگير ڪونہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو.

رميش بہ هن کي ڏسي مشڪندو سڌو هن وٽ
هليو آيو جنهن جي هٿ ۾ ڪتاب پتاب ڪجھ ڪونہ هئا. جيئن
اچي پهتو تہ مهيش پنهنجي جڳھ تان اٿي بيٺو، ٻئي دوست ڀاڪر
پاءِ وڏي چاھ سڪ ۽ پابوھ مان گڏيا، هڪ ٻئي جي مٿن تي چمين
جي جوسڪارن جا مينهن وساءِ ڇڏيائون، پيار محبت وچان هڪ ٻئي
کي هلڪا چڪ بہ پاتائون، ڪنهن بہ ڪو تڪليف جو اظهار ڪونہ
ڪيو. هنن چاهيو تہ هو ٻئي هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃن تہ پوءِ ڪو
ويڇي وڇوڙي جو ڊپ نہ رهي، هڪ ٻئي کي پيٽي جڏهن سڪ جون
سُرڪون ڀري آرامي ٿيا تہ ٻئي هٿ ۾ هٿ ملاءِ هن نم جي درخت
جي ڇانو ۾ ويهي رهيا.

”منهنجا مٺا دوست تون شايد ڏاڍو ڏکي ٿيو آهين، جنهن
جي جهلڪ تنهنجون اکيون ڪائي رهيون آهن.“ رميش ڳالهين جي

چانهه ناشتو ماڻهس ٽيبل تي رکيو ۽ هلي نڪتي، مهيش ڪجهه دير تائين ناشتي سامهون نهاريندو رهيو، ناشتي کي هن ڇهيو به نه. وري جهرڪو جهرڪي چون چون ڪندي اچي ٽيبل تي لٿا ۽ ناشتي واري ٿالهيءَ مان ڪجهه کائڻ لڳا.

مهيش هنن کي کائيندي ڏسندو رهيو جڏهن هو ڪجهه کائي اڏامي ويا ته هن هيٺان ڪيو جو ناشتي مان ڪجهه ڪٽي دريءَ مان ٻاهران اڇلايو، مٿان ماڻس وري اچي ڏسي ۽ وڙهيس، پوءِ هو هڪ ڪتاب کولي مُنهن تي رکي سمهي پيو.

سومر جو ڏينهن هو، تمام ڇوڪرا ڇوڪريون آرتوار جي موڪل ملهاءِ خوشيون ماڻي وري واپس اچي ڪاليج پهتا هئا، جيڏانهن تي نظر ويئي تيڏانهن خوشي ئي خوشيءَ جو مهراڻ موجون ماريندو نظر آيو ٿي. هرڪو هڪ ٻئي سان ڳالهين ڪرڻ ۾ مشغول هو، ڪي پارٽين جون ڳالهيون ڪري رهياهئا ته ڪي وري پڪنڪ جون، ڪي شادين جون ته ڪي فلمن جون، غرض ته تمام ڏاڍا خوش هئا.

اوچتو ڪلاس جو گهنڊ وڳو، سڀئي پنهنجا ڪتاب ڪاپيون هٿن ۾ کنيا پنهنجي پنهنجي ڪلاسن ڏانهن روانا ٿيا، ٿوري دير کانپوءِ ڪلاس رومن مان استادن جا ڳالها هوا ۾ سمائجي رهيا هئا.

مهيش اجان ڪلاس ۾ ڪونه ويو، هو لال پيلن ڦولن سان لڏيل هڪ گُلمهر جي وڻ هيٺان ٿلهي تي ويهي رهيو ۽ رميش جو انتظار ڪرڻ لڳو. رميش کي اجان تائين نه آيل ڏسي هو بيچين ٿي پيو. هن جو سُڪه ڦٽي پيو هو هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيرڻ لڳو.

آخر هن کي چا تي پيو جو هو ڪاليج به ناهي آيو، پڻهس ڪاليج مان اٿاري ته ڪونه ورتو اٿس، جي هو ڪاليج ڇڏي ڏيندو ته

مان بہ پنهنجا ڪپڙا ڪڍي اچان. پوءِ هلون ٿا ٻئي فرار ٿي. امان پڇنديم ڪيڏانهن ٿو وڃين تہ چوندس اسين ڪاليج وارا ڳڌجي ڪنهن ٽوئر تي ٿا وڃون بس."

ٽرين ڌڙ ڌڙ ڪندي ڪجھہ دير ڊڪڻ بعد پنهنجي تيز رفتار سان رٽن برن جا رستا ماپڻ لڳي هئي ۽ پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان هئي. اگر ڪا منزل نہ هئي تہ صرف رميش ۽ مهيش جي نہ هئي. مختلف اسٽيشن آيا پي ويا پي. هڪ مسافر لٿا پي تہ ٻيا وري چڙهيا پي.

هڪ اسٽيشن آيو جتي رميش گاڏيءَ مان هيٺ لٿو، ڪجھہ ناشتو ونءي هڪ اخبار بہ خريد ڪئي ۽ واپس گاڏي ۾ چڙهي ويو ٽرين وري بہ هن شهر جي عاليشان بنگلن کي ڇڏيندي اڳتي وڌڻ لڳي. رميش اخبار مان بہ پنان ڪڍي مهيش کي ڏنا، ٻئي هلندڙ ٽرين ۾ ناشتي سان گڏوگڏ اخبار جو بہ مزو وٺڻ لڳا.

هو اخبار جون مختلف سرخيون پڙهندا رهيا ڪٿي سياست جا سماچار هئا تہ ڪٿي سياحت جا تہ وري ڪٿي چور ڌاڙيلن جا ڪٿي ترقي جا سماچار هئا تہ ڪٿي ديش جي سلامتيءَ جا.

اچانڪ رميش جي نظر هڪ سرخيءَ تي پيئي. جنهن کي هن ڌيان سان پڙهيو جنهن ۾ ٻن ڇوڪرين جا فوٽا هئا، جنهن جي سرخي جو عنوان ڪجھہ هن طرح هو، نيلا ۽ شيلا پاڻ ۾ شادي جي بندڻ ۾ ٻڌيون.

اها سرخي پڙهندي هن جي من ۾ بہ ڪي ويچار اچڻ لڳا ۽ اها سرخي هن جلدي جلدي مهيش کي ڏيکاري جنهن کي مهيش بہ خوب ڌيان سان پڙهيو.

شروعات ڪئي.

”بس دلبر نہ پڇ ڳالھ تہ ڇا ڇا گذري آهي منهنجي هن دل تان، ڪلھ ڪان وٺي ڏينهن رات تنهنجي ڳڻتين ۾ ٻرندو رهيو آهيان تنهنجي سينهسي ۾ سسيو آهيان، پلا ٻڌاءِ تہ سهين تون ڪلھ ڪان وٺي ڪيڏانهن ويو هئين؟ تون ڇو ڪونہ آئين؟“

”ڇا ٻڌايانءِ ادل غضب ٿي ويو، پنهنجي پيار محبت جي شايد بابا کي ڪٿان خبر پئجي ويئي آهي، هن مونکي جان ڪان ماريو ڪونہ آهي باقي سپ اگھ مون سان ڪيائين، سڄو ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيائون. پڇي نڪرڻ جون ڏاڍيون ڪوششون ڪيم پر نڪرڻ جو ڪو وجھ ڪون مليم، پتاجي مونکي ڪاليج بہ ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي، هاڻي مان ڪاليج بہ ڪون اچي سگھندس، هاڻ پلا پاڻ ڪيئن ملي سگھنداسين، هاڻي تہ پنهنجي ملڻ جوءِ گڏجڻ جو صرف هڪ ئي رستو نظر اچي ٿو. هل تہ هتان ڪان ڪيڏاهن پڇي هلون ءِ هلي ٻئي ڪٿي پنهنجي پيار جو پکو اڏيون ءِ ڪا نئين دنيا وسايون. يار قدرت تي ڪري سو تہ ڏس اڄ صبوح جو پتاجي ڏاڍي تکڙ ۾ هئا، سندس ڏهن هزار روپين جو لڪيل چيڪ ٽئبل تي ئي پلجي ويا، چيڪ مان بئنڪ مان متاءِ آيو آهيان، بس صرف توکي ئي وٺڻ آيو آهيان، هاڻي ٻڌاءِ ڇا ٿيو. هل تہ فرار ٿي هلون هتي پنهنجي پيار جا دشمن پاڻ کي سک جو ساھ ڪونہ کڻڻ ڏيندا.“ رميش چيو.

ڪجھ دير سوچڻ بعد مهيش جواب ڏنو ”چڱو منهنجا ڪندڙين اکڙين وارا يار چڱو تولاءِ تہ منهنجي جان حاضر آهي، تون جيئن چئين تيئن، هل تہ ايئن ئي ٿا ڪريون تون هلي هٽ ويھ تہ

سڪينہ سانول

”سڪينہ آخر پاڻ ڪيڏاهن وڃي رهيا آهيون. ڪٿي وڃي ڏڪا کائيندا سين؟ منهنجو ٻڌين تہ پاڻ کي هتي ئي مرڻ جيئڻ گهرجي.“

”ڳلڻ جا پيءُ هلڻ ۾ آئون بہ منهاڳي آهيان، منهنجا پير بہ ڪونہ ٿا کڄن، پر ڇا ڪجي، قسمت ۾ جيڪي لکيو هوندو آهي سو تہ ڀوڳڻو ئي پوندو آهي نہ ، ان ۾ ڀلا ڪنهن جو ٿو وس هلي سگهي، ڪنهن کي ٿو ڏوهہ ڏيئي سگهجي؟“

سانول ۽ سڪينہ هن ئي ڌرتي جي ڳود ۾ اکہ کولي هت ئي ننڍا ٿي وڏا ٿيا، ڳوٺ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ وڻ وڻ کان واقف هئا. جهلن تڙن ۾ بينل ٻُبرن ٻيرين جي ٿارين تي رانديون ڪيڏي هو جوان ٿيا هئا. ڳوٺ جي هر وات هنن جي پنهنجي وات هئي، هر وڻ هنن جو پنهنجو وڻ هو.

هو سکي هئا ۽ گذران آرام سان پيو گذرندو هئن. هو ٻئي ڳوٺ کان ٻاهر هڪ جهوپڙي ۾ رهيا پيا هئا، جهوپڙي بہ ڪهڙي؟ پر ڏيهي وڻ جا ٻہ ٽي ڪتل ٿارا، تنهن مٿي ڪَل، ڊپن جو ڇاڇ. هڪ جهوني پراڻي کٽ، ٻہ ٽي کائڻ پيئڻ جهڙا ٿانو ٺڪر، بس گهر جي ڪُل ملڪيت اها ئي تہ هئي.

ڪو زمانو هو، هو ٻئي ڏاڍا سکي هئا، خوشحال هئا، پر خدا ڄاڻي ڪنهن جي نظر لڳي جو آهستي آهستي اهي سڀ سکہ هنن کان پلو ڦاڙي ڀڄي نڪتا. جڏهن هنن وٽ پنجاهہ ڳايون هيون تڏهن هو ڳوٺ جا رئيس پيا سڏائبا هئا، کائڻ پيئڻ ۾ سکي ستابا هئا، ڪنهن ڳالهہ جي ڪائي فکر يا چنتا ڪونہ هئن، اهي سرڪاري

”مهيش چا خيال آهي پاڻ ۾ اهڙو ڪجهه......“

رميش ڪي به اها ڳالهه سمجهڻ ۾ ڪا دير ڪونه لڳي ۽ هن سامهون مشڪي نهاريو ۽ خوشيءَ وچان چيو ”پڪو يار پڪو بس شهر پهچون ايتري دير آهي.“

ٻئي ڏينهن شهر جي هڪ مشهور اخبار ۾ مهيش ۽ رميش جي پاڻ ۾ ڪيل شادي جا سماچار ڇمڪڻ لڳا. جنهن جي هيٺان ڳڏيل قومن واري اداري جي رپورٽ جو ٻيو به هڪ ٽين ڪالمن وارو سرو ڪجهه هن طرح هو.

مغربي دنيا ۾ همجنسي شادين جي وڌندڙ رجحان سبب ائڊز AIDS ڦهلجڻ جو خطرو، اپاون وٺڻ جي لاءِ اقوام متحده (U.N.O) جي صدر جي ڪوٺايل ميٽينگ.

ٿيون ٿرن، ڏسي خوش پيا ٿيون، ڪو وقت اهڙو به ايندو جو هن کي ڏسي منهن مان ڪا ڳار به نڪري ويندي.

ٿيو به ايئن ٿورن گهٽن ورهن بعد هن وڻ هن ڌرتي تي پنهنجو راڪششي پنجو ڦهلائي ڇڏيو. هاڻي اصلوڪا وڻ آهستي آهستي الوداع ڪرڻ لڳا. جهلن ٽڙن ۾ هي وڻ اهڙيءَ ريت ڦهلجي ويو جو اُبن ليمن، ڪجين ٻيرن ڪرڙن جا سهڻا ڦلدار درخت سڪڻ لڳا. ڇو ته هن وڻ زمين جا تمام رس، ڪس چوهي ورتا. پاڻي وڏي مقدار ۾ چوهي وڻڻ جي ڪارڻ زمين کاري ٿيڻ لڳي، جهلن ٽڙن ۾ کوهه کارا ٿي ويا ۽ گاهن ولين جو ته نالو ليکام رولي ڇڏيو، جتي اڳ پنجاهه کن قسمن جا گاهه پيا ٿيندا هئا ات اڄ صاف پٽ پوٺو ميدان پيو هو. اڏ ۾ پورو مٿان پيو ڏکر، هڪ ته اڳ ڪک ڪونه هو ٻيو وري ڏکر، ڳايون مينهون هاڻي هن وڻ جا پن کائڻ لڳيون ۽ پيٽ جي اندر جي باهه اجهائڻ لڳيون جنهن جي پنن ڌرتي واري سامراجيه واري جيئن مال جي پيٽن ۾ به پنهنجي حڪومت هلائي ۽ آهستي آهستي هو ڳنڍن جي صورت ۾ تبديل ٿيڻ لڳا، ٻڌجڻ لڳا. هن مرض ۾ مبتلا ڳانيون ڪجهه سال ساهن سان مقابلو ڪنديون هيون پر آخر سڪي ڪندو ٿي پنهنجي جان صدقي ڪري ڇڏينديون هيون جيڪا ڳانءِ مرندي پيئي هوندي سڪينه صبر ڪري ونندي هئي. چوندي هئي ته ”بس جيڪي هو خدا کي منظور سو ٿيو، انسان به هليا وڃن ٿا هي ڳانيون ڇا آهن؟ جهڙي سائين جي مرضي. هوءَ سانول کي غمگين ڏسي هن کي به همٿ ۽ آٿت پيئي ڏياريندي هئي.

”سڪنيه هڪڙي ڳالهه چوانءِ جي مڃين ته“

”ها ها چئو نه سهي، خبر نه پوي ڇا آهي؟ مڃڻ جهڙي هوندي ته ڇو ڪونه مڃيندس.“

ڊيريون ڪونہ هيون. ڪيرَ ڏڏ جام ڏوهندا هئا برڪتون هيون، مکڻ
گهوڙ هوندا هئا. سيٺي لسي پي مکڻ کائي متارا چڱا ڀلا جوڙ تندرست
هوندا هئا. سندن مُنهن تي نور هوندو هو، ٽماٽي جيان لال پيا ڏسبا
هئا، کائڻ پيڻ کان بعد جيڪو مکڻ وڌندو پيو هوندو هو تنهن کي
ڪڙڪاءِ گيهہ ناهي واٽئي جي هٽ تي ڏيئي کائنس مرچي لوڻ وٺي
ايندا هئا، سال ۾ ١٠ - ١٢ ڍڳا پيا وڪڻندا هئا جن جا ڪافي پئسا ملي
پوندا هئا، هن علائقي جي ڍڳن جو ڪڇ ڪنياوار ۾ ڏاڍو مان هوندو
هو، ڍڳا بہ اهڙا تہ پاڻيانا ۽ سچار هوندا هئا جي هٽ لائيندي ئي هوا
۾ اڏڻ لڳندا هئا ۽ سندن سونهن جو ثاني ڪونہ هو. هرڪو ماڻهو
منهن مڱيو ناڻو پيو ڏيندو هو، جنهن ناڻي مان ڪپڙا يا زيور هو
ٺهرائيندا هئا. گيهہ کير جون تہ ڄڻ هن علاقي ۾ نديون پيون
وهنديون هيون. ڪنهن کي وٺيو بہ کير جو گهربو هو تہ ڪرسيا پري
پيا کير ڏيندا هئا ۽ ڪوئي ناڻو ڪونہ وٺندا هئا. پل چڪ سان اگر ڪو
ناڻو پيو ڏيندو هو تہ هو ناراض ٿي ويندا هئا. چوندا هئا تہ اسان کي
بکاري ٿا سمجهو ڇا جو هي پئسا پيا ڏيو، قدرت اسان کي گهڻون ڏنو
آهي سندس شڪر آهي.

وقت جو ور ولٽيو، الاجي ڪنهن کي اونڌي سُڌي جو کير
وچي شهر کان هڪ اِئميريڪن وڻ جو ٻج ڪٽي آيو جنهن جي ٻوٽري ۽
تي (پرونسوپس جولي فلوار) لکيل هو جنهن کي اچي پنهنجي ٻوٽ
جي ڪنهن واڙي ۾ ساوڻ جي موسم ۾ پوکيو. هي وڻ تہ اصل نڪ
وڏيو نڪتو، هن کي هيءَ زمين اهڙي تہ راس آئي جو ڪجهہ ورهن
جي اندر تہ هو جيڏاهن ٿي نظر ويئي تيڏاهن ڇانيل ٿي نظر آيو.
جنهن کي ڏسي ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا. سرڪار عملدارن بہ شاباش
ڏني هنن ويچارن کي ڇا خبر هئي تہ جنهن کي هينئر ڏسي اکيون

ويون هو بئي هر وقت اجهاڻا، وساڻا وينا هوندا هئا.

رات جي ماني کائي جڏهن ويهي ڪجهه دير لاءِ ڳالهيون ڪندا هئا تہ ويهي پنهنجي نصيب تي روئيندا هئا.

ڏڪر ۾ ماڻهن جي روزي روٽي لاءِ سرڪار هاڻي هِت راحت ڪم کوليا هئا، سڪينہ ۽ ساونل بہ صبوح جو سويل جيڪي ڪجهہ گهر ۾ موجود هوندو هو سو رڌي پچائي کائي ڪٽڻ جي لاءِ هليا ويندا هئا، سندن ٻچيل هڪڙي بوچي ٻڪري بہ ساڻن گڏ هلندي هئي سڄو ڏينهن مٽي تي ڪٽڻ بعد شام جو هو گهر موٽندا هئا ۽ ماني کائي سويل سمهي پوندا هئا وري صبوح جو تازهہ دم تي نڪري ويندا هئا بس هيئن ڪجهہ پئسا ملي ويندا هئا ۽ سکہ جي ماني پيا کائيندا هئا.

ڏڪر بہ آخر ڪيترا ڏينهن؟ اهي بہ تہ مهمان هوندا آهن، وري قدرت ورق واريا ۽ اتر پار کان ڪڪرن قطارون ڪيون ۽ ڪارون ڪري جهرمر مينهن وسائي ماءُ ڌرتي کي جل ٿل ڪري ويا. هر طرف خوشيءَ جي لهر اچي وئي، پکي پکڻ پنهنجون ٻوليون تنوارون جهونگارڻ لڳا. ڌرتي ڪجهہ ڏينهن بعد پنهنجو ساءُ چولو پائي ڪنهن نئين نويلي ڪنوار جو روپ ڌاري ڇڏيو هو، جيڪي ماڻهون ڏڪر ۾ گاهہ پاڻين جي تلاش ۾ هجرت ڪري ويا هئا سو بہ وطن ڏي واپس وريا هئا، ڌرتي ڏڌارن جي ڪوڪارن تنوارن سان جهومڻ لڳي هئي، چڙ پکين جا ٽولا چڙ..چڙ.. ڪندا رات جو الهندي کان اوير ڏانهن وڃڻ لڳا، سياري جا بہ ڏينهن آيا رشيا روس کان ڪونجڙيون ڪڪنديون آيون ۽ الاءِ ڪنهن ديش کان هنج پکين بہ اچي ڪاري ڏونگر جي هنج ۾ پنهنجا آکيرا اڏيا، حتي هو پنهنجا ٻچڙا سانڍي پاري وڏا ڪري واپس ويندا. هاڻي هن ڌرتي تان ڏڪر جو طعنو لهي ويو.

سڪنيہ ڳانين کي هٿ وڃ جا پن ٿا لڳي رهن. چون ٿا تہ مينهون تي هي اثر ڪونہ ٿا ڪن، پاڻ بہ ڳانيون مٿي مينهون ڏاريون تہ ڪيئن؟ ۽ وري مينهون جي کير جا ڳهہ بہ ڊيري ۾ سنا پيا ملن، ڇا خيال آهي؟“

”جهڙي تنهنجي مرضي ايئن ڪري ڏس بيو ڇا.“

پوءِ هنن ڳانين جا ڪي ساٿا ڪي سودا ڪيا. ڳنوارن مان هاڻي مِهار ٿيا. ڪجهہ سال قصو نيڪ هليو، قدرت جي ڪرڻي جو مٿان پيا لاڳيتا تي ذڪر، ڪڪ پن رهيو ڪونہ. مينهون بہ هاڻي ڳانين جيان سڪي يڪي بعد ديگري جان قربان ڪرڻ لڳيون، ٻڪ جي وڳهي مرڻ لڳيون، سڪينہ ڪين لاچار ڏسندي رهي ۽ ڪري بہ ڇا ٿي سگهي. سيئي صبر ڪري سهندي رهي، هاڻي مصيبت مٿان مصيبت اچڻ لڳي تنهن جي باوجود هوءِ زندگي جي ڳاڏي کي ڏڪيندا رهيا. هڪڙي آدي ڪا مينهن ٻچي هئي تنهن لاءِ ڪاڻ ڪو بسو يا وري ڪو قرئي هتان هُتان پيا آڻيندا هئا.

چوندا آهن تہ مصيبت ايندي آهي تہ چٽني پاسن کان. سندن پٽ جڏهن ڏهين ورهي جي دهليز تي قدم رکيو تہ هن کي ساهہ جي مرض اچي جهليو. هِتان هُتان دوا درمل ڪرايائون، جنهن جي خرچ کي پهچڻ لاءِ سڪنيہ پنهنجي نڪاح ۾ ڏنل مهر واريون ڪڙيون بہ وڪڻي ڇڏيون پر بندو ڪري هڪڙي ٻي ڪري خدا. هو پنهنجي پٽ جي زندگيءَ کي نہ بچائي سگهيا آخر هو سڪينہ ۽ سانول کي اڻ مٽ داغ ڏيئي هليو ويو. پٽ جي بي وقتي موت سندن جيءَ ڪان جهوري ڇڏيو سندن زندگي جا تمام رنگ هاڻي ڪافور ٿي ويا خوشيون ڪلون، مرڪون سندن چپن تان هميشهہ جي لاءِ لڏي

ٿئي ۾ منهنجو نہ ڏينهن نہ پيو نڪريم.'' سڪينہ چيو.

''نہ نہ تون هلي ڇا ڪندين، تون گهر ئي ٺيڪ آهين.''

''نہ سي تہ مان هلنديس.''

''جهڙي تنهنجي مرضي هلڻو هجيو تہ هل''

هاڻي هرروز ٻئي زال مڙس ڳڏهہ پلاڻي ڳڏ نڪري ويندا هئا، ڳڏهہ کي ڪنهن وڻ جي مور ۾ ٻڌي ڪاٺيون ويڙيندا هئا، سانول ڪاٺيون ويڙيندو ايندو هو تہ سڪينہ اهي ڪاٺيون ڪٺي جتي ڳڏهہ ٻڌل هوندو هو اتي پيڙيون ڪري ڍڳ پيئي ناهيندي هئي.

''سڪينہ آواز ٿئي پيو شايد ڪو واهن هيڏاهن اچي پيو، الاجي ڪير آهي؟'' هڪ جيپ جيڪا سڌي وٽن جي هن گهيري طرف اچي رهي هئي ۽ اچي بيٺي جنهن مان هڪ پينٽ شرٽ وارو ڪو صاحب لٿو، جيڪو لهندي ئي هنن طرف هليو آيو.

''سلام صاحب''، هن کي اوڏو پهچندي سانول ٻجندڙ آواز ۾ هن کي سلام ڪيو، سڪنيہ بہ پر ۾ بيٺي هئي.

اي ٻڌڙا هتي ڇا پيا ڪيو، وڻ درخت ڪٽي توهين ماحول کي نقصان پيا پهچايو، ڇا توهان کي خبر ڪانهي تہ هي علائقو هاڻي محڪمئہ جهنگل وارن جي تحليل ۾ آهي هاڻي هي اسان جي هٿ ۾ آهي اسان جي ملڪيت آهي هاڻي هتان ڪنهن کي هڪڙو ڪک ڪٽڻ جي بہ اجازت ڪونهي.''

''اڙي صاحب هن علائقي ۾ هاڻي بچيو بہ ڇا آهي صرف پرڏيهي وڻ ئي نہ آهن چڱا ڪم سار درخت هئا تڏهن تہ سرڪار واهر ڪونہ لڌي هاڻي اچي جهنگل ڪاتي وارا ڇا ڪندا''، ساونل بچاءُ ڪندي ڏجندي ٻجندي چيو.

''اڙي ٻڌڙا اهو توتي ڪونهي ڪجهہ آهي پيي يا نہ، لباڙ نہ

پر سڪينه ۽ سانول لاءِ ساوڻ چا ڪٽي آيو، هنن لاءِ ته ڏڪر هاڻي آيو هو. سڪينه ته چاهيندي هئي ته شل هي ڏڪر ايئن ئي قائم رهن. جنهن ڪارڻ ڪانتي ڪڻڻ جهڙي مزدوري ته ملي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هن جا هٿ به دعا لاءِ مٿي کڄي ويندا هئا پر پوءِ اهو سوچي ته آئون نه سهي منهنجا ساٿيواسيءَ ته خوش ٿين هوءَ پنهنجا هٿ هيٺ ڪري ڇڏيندي هئي.

ڏڪرن ۾ ته اجان سڪينه ۽ سانول کي ڪجهه پئسه ملي پي ويا. پر هاڻي مينهن وسڻ جي ڪارڻ سرڪار اهي راحت ڪم بند ڪرائي ڇڏيا. هاڻي پلا هوچا ڪن. مينهن به انهن لاءِ خوشيون ڪڻي آيو هو جن وٽ مال هئا. هنن وٽ ته ٻوڇي ٻڪري ڪانسواءِ هو به ڇا؟ ڪجهه ڏينهن بيڪار رهڻ ڪانپوءِ هنن ٻنهي زال مڙس ڪانين ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو، سانول صبوح جو سويل کاڌو کلهي ڪري نڪري ويندو هو ۽ شام جو موٽندو هو، چانهه جهڙي هڪڙي ٻڪري هئن سا هنن وڪڻي هڪ گڏهه ورتو، جنهن تي هرروز سانول ڪانيون ڪڻي ايندو هو، سڪينه ڪانين جون ننڍڙيون ننڍڙيون پريون ٺاهي ڳوٺ ۾ ڏيئي ايندي هئي ۽ هنن ڪان ڪانين جي بدلي مرچ لوڻ يا اٽي جي چپٽي پيئي وٺي ايندي هئي. ڪڏهن ڪنهن کي رحم اچي ويندو هو ته هو هن کي جهونا پُراڻا ڪپڙا به ڏيئي ڏيندا هئا جنهن کي سڪينه سنڌي ٽوپي پهريندي پئي هئي. سانول به اهڙا ڪپڙا پائيندو پيو هو. زندگيءَ جو گاڏو وري نيڪ نيڪ هلڻ لڳو هو ٻئي خدا جو شڪر مڃي وينا هوندا هئا. جهجهي جي ڪڏهن به هنن تمنا ڪونه ڪئي جيڪي پي مليو تنهن تي شڪر ڪيا، هر غم چنتا ڪان آزاد وينا هوندا هئا.

”اڄ ته آئون به تو سان گڏ ڪانين تي هلنديس، هن سڄي

پرلاءُ

هاءِ گهوڙا.... ۽ پار پارانا ٻڌي سوڊل هڪ دم جاڳي پيو. ڪٿي ڪي هڪ پاسي اڇلائيندي هو پڳ وراڻ ٿيو ۽ اکيون مهٽيندي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. اکين ۾ اڃان ننڊ جي ڳهر هوئڻ جي ڪارڻ ڪن پل لاءِ تہ هن ڪي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پيي آيو. هن نڪتن ڏي آسمان ڏانهن نهاريو تہ خبر پيس تہ پرهہ ڪڏهن ڦٽي چڪي هئي. رات هو هنن سان رهاڻ ڪندي دير سان ستو هو.

هو هڪ دم ڏڪ پاءِ سندس دوست جي رڍن واري واڙيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو. جو تہ آواز اتان ڪان ئي اچي رهيو هو.

اتي پهچندي هن جي پيرن هيٺان جڻ زمين کسڪڻ لڳي هئي. سندس ننڍپڻ جي دوست ساوڻ جو جسم ڪاٺ جيئن ڪڙڪ بي حس و حرڪت پيو هو. سندس اکيون ٻاهر نڪري آيون هيون جنهن تي سڪينہ ويٺي هاءِ گهوڙا ڪندي روئي پٽي پار ڪڍي رهي هئي، ٻوڙها ڳاري رهي هئي، هوءِ رکي رکي بيسڌائي ۾ هن ڪي ڌونداڙي ڌونداڙي اٿارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پر هن جو تہ پساهہ جو پکي الاءِ رات جو ڪنهن مهل پرواز ڪري چڪو هو.

سڪينہ روز پرهہ جو چانهہ تاهڻ لاءِ ڪير ڏوهڻ ايندي هئي ۽ اچي ساوڻ کي جاڳاءِ چڏيندي هئي پوءِ ساوڻ سوڊل کي بہ جڳاءِ چڏيندو هو. ٻئي جاڳي سانجهڻ ڪري رڍن جا ڦر تِند ۾ ٻڌي نيرڻ ڪرڻ جي لاءِ گهر ويندا هئا ۽ پوءِ ٻئي رڍن ۾ پهري ويندا هئا.

هو ترت سمجهي ويو تہ ساوڻ جي دل جي هرڪت بند ٿي وئي هوندس ۽ هو انت سفر لاءِ ڪنهن اڻ ڄاتل سڃاتل وات تي رمندو ٿي ويو هو.

هڻ. هن پرڏيهي وڻ جي لاءِ ته سرڪار هي علائقو اسان کي ڏنو آهي، هي وڻ ڪٽي سرڪار ڪوٺلا ٺهرائيندي جنهن مان سرڪار کي ڪافي آمدني ٿيندي ۽ اسان جا به ڪيسا.... ها .... ها.... ڪيٽن شرما صاحب'' زور سان کلندي هن چيو.

”هان ڀائي گول مال ڪرڻي ڪا اچا موقع هي'' شرما جواب ڏيندي چيو.

”اڙي ابا مهنجي هن هڪ پيرڙي سان پلا ڪهڙو فرق پوندو مونکي اجازت ڏيو ته مان روز....''

”نه نه هڪ پيري ته چاپر هڪ ڪاٺيءَ جي به اجازت ڪونهي '' هن ڳالهه ڪنيندي چيو ۽ ها ڳوٺ وارن کي به چئي ڇڏجو ته هاڻي هيڏاهن پنهنجا مال چارڻ لاءِ نه اچن هيڏاهن ڪو نڪريو آهي ته هڏا به پڇي ڇڏيندو سانو هي علائقو اچ ڪان سيل آهي.

سڪنيه ۽ سانول اچ بنا ڪاٺين جي واپس موٽي آيا.

ٻئي ڏينهن صبوح جو سڪنيه گهر جو سامان هڪ پيريءَ ۾ ٻڌو ۽ هو ٻئي روڊ سامهون هلڻ لڳا هلندي هلندي سڪنيه جي اگهاڙن پيرن ۾ پرڏيهي وڻ جو هڪ ڪنڊو لڳي ويو، اي بري شل مئو سڙي مئي کي شل باهي ساڙيس، هن وڻ ته اسان کي ڪٿي جو ڪونه ڇڏيو. ڳاهه ڳولاڙا ڪسيا، مينهون مال لوٽيا، هاڻي اجها اوطارا به هن جي وڳهي ڇڏڻا ٿا پون، مئو شل ڪاميءَ ويندي ويندي به پير ۾ لڳي ويو. سڪنيه جي اکين مان لڙڪ نڪري آيا هوءَ چرين جٽن روئندي پٽيندي مٽي تي پيري ڪنئي وچي رهي هئي. سانول به پنيان آيو پيو.

”اي الله وري به مئي هن دشمن وڻ جي چانو ۾ تو وهڻو پوي'' چوندي سڪنيه پنهنجي پيري پٽ تي رکي ۽ ڳاڏي جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

وڻ جي ڏارين جا پاچا سڪنيه ۽ سانول جي منهن تي پئجي رهيا هئا.

بوءِ هن کي دفنائڻو، آئون هن کان سواءِ ڪيئن جي سگهنديس.“

ڳوٺ جا ماڻهوءَ سوڍل سان گڏجي ساوڻ جي بيجان سڪل شرير کي کڻي گهر ڏانهن هلڻ لڳا ۽ هن کي گهر ۾ هڪ کٽ تي سمهاري ڪفن دفن جون تياريون ڪرڻ لڳا.

پاڙي جي هڪ عورت اچي پار ڪڍي وڏي واڪي روئڻ لڳي، جنهن جي روئڻ برنديءَ ۾ گيهه وجهڻ جو ڪم ڪيو هن کي ڏسي هن کي پاڪر پاءِ سڪينه به وري زور سان روئڻ لڳي. اوچنگارون ڏيئي رتا پاٽي هارڻ لڳي.

”اڙي يار ڪي به ڪونه هئس رات ته بلڪل نئون نئون نمرو هو، ٻارهين ٻجي تائين ته اسان ويٺي رهاڻ ڪئي، رات ته اسان سسبنون پي ڪيون ته سپاٽي کان رڍون جانريون ڪنداسين، هن ئي مونکي چيو ”يار سوڍل سيم، پٽ ۾ هاٽي ڪڪ پن گهٽ آهن رڍون ڊاڪجن ڪون ٿيون، هل ته سپاٽي کان جانريون ڪري چڏيون.“ مونکي به هن جي ڳالهه دل سان لڳي مون ها پري مونکي ڇا خبر ته سپاٽي هي پاڻ ئي دور هليو ويندو.“ سوڍل چيو.

ها ڪالهه ته آئون به هن سان مليو هوس، هو بلڪل خوش چاڪ ڏسڻ ۾ پئي آيو ڪا بيماري به ڪونه هيس، پر الاجي هيڏو تکڙو اسان کان ڇو موڪلاءِ ويو اجان ته ويچاري جي عمر به ڇا هيس ۲۵ سالن جو ئي نه هو. بس جيڪي قدرت کي منظور، قدرت کان پلا ڪير ٿو کنڌ ڪڍاءِ سگهي.“ پر ۾ وينل ڪنهن چيو.

هين...مان اجان جيئرو آهيان، ساوڻ مونکي چڏي ويو... مان اجان ساهه پيو کڻان. وڏو ته آئون هوس، ساوڻ ته مون کان اجان ٽي سال ننڍو هو. نه..نه... آئون مئو آهيان نه..نه... منهنجون ته اکيون ڏس

هن روئندڙ سڪينه جي مٿي تان هٿ رکيو ۽ هن کي صبر جي تلقين ڪئي ”سڪينه پيڻ نه رو ايڏو نه رو قسمت ۾ جيڪي لکيو هوندو آهي سو ٿي ئي رهندو آهي. قسمت جي واڳ پلا ڪنهن جي وس ۾ هوندي آهي، ساوڻ الله جي امانت هو الله کسي ورتي. پنهنجو ته نه ڪو زور هلي نه ڪو ٻر. صبر سان ڪم وٺ سانت ٿي ۽ خدا جي حضور ۾ هٿ کڻي دعا ڪر ته خدا شل جنت ۾ جاءِ اڏيس. تون روئنديءَ پٽينديءَ ته هن جي روح کي ڏک پهچندو. مان ڪر پيڻ مان ڪر، چري، دنيا ۾ ڪو هميشه رهيو ٿي آهي جو تون ايڏو پئي ٿي روئين.“

ازي...ادا...سوڍل.. مان ڪيئن نه روئان منهنجو هاٺي رهيو ٻه ڇا آهي منهنجو ڇا ٿيندو. مان ڪيڏاهن ويندس، مان پنهنجي رڻ جيڏي وشال ۽ ويران زندگي ڪيئن پار ڪري سگهنديس هن جي موت کان اڳ مونکي اٽڪپنديءَ کي ڇو موت ڪين آيو، آئون اجان ڪنهن لاءِ زنده آهيان، ڇا جي لاءِ جيئري آهيان هاءِ.. هاءِ.. آئون اجان ڪنهن جي لاءِ زنده آهيان هاءِ. . هاءِ..

”ادي سڪينه ڏاهي ٿي.. مُئي کان پنيان ڪڏهن ڪو مئو ڪونهي، سيني کي هٽ هلٽو آ. ڪواڄ ڪو سياڻي آخر موت ڪنهن کي ڇڏيندو.“

سڪينه جون رڙيون، پار ٻُڌي ڳوٺ جا تمام ماڻهون، مايون ڊوڙي آيا ۽ سڪينه کي آٿت ڏيڻ لڳا.

”صبر ڪر چري اجان اسين جيئرا نه پيا آهيون ڪوسو واءُ به ڪونه لڳڻ ڏينداسين، آخر ساوڻ به ته اسان جو پاءُ هو.“ ماڻهن مان ڪنهن چيو

”ازي ... الا ... پهريان پهريان مونکي ذڪ هٽي پناءِ ڇڏيوم

نہ ڪو پار بہ ڪونہ ٿو ڪڍي. اڙي سومل تون تہ رو. ڇا تون بہ مون لاءِ ڪونہ روئنديئن؟ ڇا، منهنجي موت تي ڪوبہ لڙڪ نہ هاريندو.

”اوهو توپان ... توپان منهنجا خدا تون مون تي رحم ڪر.“
هو وهنجي پاڪ ڪپڙا پاءِ ساوڻ جي جنازي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تلاو مان نڪري هلڻ لڳو، ڏنائين تہ ماڻهون جنازو کڻي مقام ڏي هلڻ لڳا هئا.

هو بہ ٿڙندو ٿابڙندو پنهنجي وجود کي سنڀاليندو ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳو. هڪ ڀيرو تہ هو ٿابو کائي ڪري بہ پيو پر وري ڪڙو ٿي ڊڪ پاءِ هلڻ لڳو.

اوهہ ... مان تہ اڳہ ڪڏهن بہ مري مقام کي ڪونہ ويو آهيان. اڙي توپان مري ڇا ڪنهن جنازي ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ويو آهيان، مونکي تہ اها بہ خبر ڪونهي تہ اتي وڃي ڇا ڪبو آهي.

اڙي هو ماڻهون تہ هڪ ٻنيان هڪ، واري واري مرحوم جي جنازي کي ڪلهو ڏيئي رهيا آهن، مونکي بہ ڪلهو ڏيڻ گهرجي منهنجو بہ تہ دوست هو. هن وڃي ڪلهو ڏنون، هو وري واٽڙو ٿي ويو.

هي منهنجو جنازو آهي يا ساوڻ جو. نہ ... نہ منهنجو ڪونهي مان تہ اڃان جيئرو هان، پر هي ڇا ساوڻ جنازي، ساوڻ جي مردهہ جسم مونکي بہ جهلي ورتو آهي. او.. هہ ... هن مونکي مضبوط پڪڙي ورتو آهي سوڳو ڪري ورتو آهي مونکي هن کان ڪير ڇڏائيندو ؟

هن کي لون؛ لون؛ مان پگهر وهڻ لڳو، ڪنهن شخص هن جي ڪنڌي ني هٿ لاءِ هن کان کٽ جو پايو جهلڻ جي ڪوشش

ٻوٽجن پٽجن پيون. مان تہ اڃان ساهہ ڪڍان پيو !

او.. هو... منهنجا تہ ڪپڙا بہ ناپاڪ آهن ۽ جسم ٻيو تہ ناپاڪ اٿم، ناپاڪ جسم ۽ ڪپڙن سان ڀلا هن جي جنازي ۾ ڪيئن شامل ٿي سگهندس، مان تلاءُ تي آواڙي تي وڃان وهنجي اڇان ۽ ڪو صاف، پاڪ ڪپڙو بہ پاءِ اڇان، ساوڻ ڪان پنيان منهنجو وارو آ. هاڻي تہ منهنجو ئي وارو هوندو نہ... ساوڻ ۽ آئون سڄي عمر گڏ جو هليا آهيون. اوهہ... آئون موت ڪان ڪيڏو بيخبر ٻينو آهيان.

ساوڻ تہ نماز بہ پڙهندو هو، مان مڙدار تہ نماز بہ ڪونہ پڙهندو آهيان، منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو. خدا مونکي ڪيئن معاف ڪندو، آئون تہ ڪڏهن واهين مهاڙ ڪري آتڙيو بہ ڪون آهيان، اڙي نماز تہ نماز جي جاءِ تي جمعون بہ ڪونہ پڙهندو آهيان، منهنجي ڀلا ڪيئن بخشش ٿيندي.

پنهنجي حالت جي باري ۾ سوچيندي پگهرجي پيو، هو اٿي وهنجڻ جي لاءِ روانو ٿيو وڃي چڙهئي ڪٽي هڪ ننڍڙي ڇوڪري جي مدد سان ڪوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لڳو ”ڇوڪرا وينو هُجُ مان طهارت ڪري اڇان ٿو،“ هو جلاب تي پيو هو، ڪجهہ دير ڪانپوءِ موٽيو ۽ وري پاڻي ڪڍي پنهنجي بت تان هارڻ لڳو.

اوچتو هوا جو هڪ جهوٽو آيو جنهن ڪوهہ مٿان بيٺل ٻير جي وڻ کي لوڏيو جنهن مان بہ پن ٽٽي اچي هن جي اڳيان ڇٽيا، ٻير جي پنن کي ڏسي هاڻي هو بلڪل هينسجي ويو، ٻجي ويو، هاڻي تہ هن کي پڪائي ٿي تہ هو مري چڪو آهي ڇو تہ مئل ماڻهون کي بہ جڏهن غسل ڏيندا آهن تہ هن پاڻيءَ ۾ بہ ٻير جا پن وجهندا آهن.

مان مري چڪو آهيان ... پڪ مري چڪو آهيان پر مون لاءِ

نہ بار تي رحم ڪري ٿو نہ ٻڍي تي، نہ عورت کي ڇڏيندو نہ مرد کي.
غرض تہ هر ساهہ واري شيءِ کي موت جو مزو چکڻو آهي اڳ تي هلڻو
آهي ۽ جيڪو دنيا ۾ چڱا ڪم ڪري ٿو، غريبن مسڪينن جي مدد
ڪري ٿو، ڪنهن کي ڏکائي نٿو تہ هن جي حياتي سکي گذرندي
آهي ۽ موت جي ڏکيءِ کان بہ هو محفوظ رهي ٿو، هر ڪنهن کي
پنهنجي ڪمن جو بدلو ڀوڳڻو آهي پوءِ اهي چڱا هجن يا مدا.

دوستو مرڻ کانپوءِ جڏهن مڙدي کي قبر ۾ دفنايو ٿو وڃي
تہ هن وٽ منڪر نڪير نالي بہ فرشتہ اچن ٿا، جيڪي هن کان ٽي
سوال پڇن ٿا، جنهن کي هني ٽنهي سوالن جا جواب اچي وڃن ٿا
انلاءِ فرشتہ جنت جي ڪڙڪي کولي ڇڏين ٿا ۽ جنهن جا اهي جواب
غلط نڪرن ٿا خدا انجو خير ڪري هن لاءِ اهي فرشتہ جهنم جي
ڪڙڪي کولي ڇڏين ٿا. جي عمل چڱا هوندا تہ اهي سوالن جا
جواب پاڻهي اچي وڃن ٿا اهي ٽي سوال هي آهن.

وَمارَبکَ؟ وَما دِيُنکَ ؟ مَن نَبِيُڪ ؟

ايترو چوندي مولوي صاحب جن پنهنجي تقرير پوري
ڪري ويهي رهيا، ڇو تہ قبر هاڻي تيار ٿي چڪي هئي.

جنازي کي ماڻهن کڻي قبر ۾ ليٽاءِ دفناءِ ڇڏيو سيئي دعا
پڙهي هلڻ لڳا، سوبل بہ هنن سان گڏ هٿ کنيا ۽ هو بہ ماڻهن سان
گڏ موٽڻ لڳو.

هو اجان بہ سُڌ ۾ ڪونہ هو،هن جي اکين مان لڙڪ لارون
ڪري وهي رهيا هئا، مان تہ پڙهيل بہ ڪونہ آهيان مونکي پلا انهن
سوالن جا جواب ڪيئن ايندا. مون تہ زندگي وڃاءِ ڇڏي، مونکي جي
منهنجا مائٽ پڙهائين ها ۽ پوءِ ريڊن ۾ روانون ڪرين ها تہ آئون بہ

ڪٽي پر هن هٿ ئي نہ پي ڪڍيو. جهڙو هن ماڻهون هٿ لاٿو هن بنهي هٿن سان زور سان ڪٽ جي پائي کي جهلي ورتو هو ٻچي ويو هو گهبرائجي ويو جڻ هن جي موت جو فرشتو هن کي موت ڏانهن گهيلي وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي.

هو ڪو ماڻهون نہ پر هلندڙ ڦرندڙ لاش لڳي رهيو هو، آخر هڪ شخص زوريءَ هن کان کٽ جو پايو ڇڏايو، هو هن کي ڪجهہ دير تائين نِهاريندو هلندو رهيو. جڻ ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نہ آيو عجيبس تہ هي ڇا ٿيو.

هي ڇا جنازي واري کٽ مقام کان ٻاهر رکي سڀئي قطار ۾ پيا بيهن، ڇا هن کي هتي ئي ڏٽيندا، هتي تہ کڏ بہ ڪونہ ٿي ڏسجي، منهنجو مطلب کن ڪري قبر بہ ڪونہ آ.

نہ ... نہ هي تہ نماز پيا ٿا پڙهن او.. هہ جنازي جي بہ وري نماز هوندي آهي مونکي تہ اها بہ خبر ڪونهي مان تہ صرف عيد جي نماز پڙهندو آهيان ٻين نمازن جي تہ مونکي سڌ بہ ڪونهي، سوچيندي هو بہ نماز ۾ شامل ٿيو ۽ ايري سيري نماز پڙهيائين.

جنازو کڻي سڀئي مقام ۾ داخل ٿيا، هو بہ جيئن ريڍون وڳ جي پويان هلنديون رهنديون آهن تيئن هلندو ويو. ماڻهن ڏنو تہ قبر تيار ڪونهي، جنازو رکي سڀئي جنازي جي اردگرد ويهي رهيا سڀن جا چهرا اداس هئا، غمگين حالت ۾ نندڙين ڪاٺين سان يا آڱرين سان پٽ کوٽي رهيا هئا.

”منهنجا دوستو، بزرگو، موت برحق آهي، ’ڪُلُ نفسِ ذائقتُ الموت‘ هر نفس کي موت جو مزو چکڻو آهي، ڪي هليا ويا ڪي اچ ويندا، تہ ڪي سڀاڻي پر موت ڪنهن کي ناهي ڇڏيندو، هو

ساڃن جي سونهن

اڄ شام کان ئي هن جو من اداس هو، ماني کائي جهڙو هو بستري تي ليٽيو تہ ويچارن جي واچوڙن کيس ماضي جي دريائن ۾ ٻوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ کيس ٻوڙڻ ۾ هو سڦل بہ ٿيا. اڄ اتيت جي جهرو ڪن مان جيون ڏانهن جهاتي پاءِ ڏسي رهيو هو، پر ۾ پيل ريڊيو مختلف پروگرام پيش ڪندو ٿي ويو، اوچتو هن جو ڌيان ريڊيو طرف ويو جنهن ۾ ڪو ڳائڻو شاهہ جو هي بيت سرمارويءَ مان جهونگاري رهيو هو.

م ڪين روئو م رڙ ڪين، م ڪين هڃون هار
جهڙا اڃن ڏينهڙا تهڙا وينئي گهار.
ڏکن پُنيان سکڙا، سرها ٿين سنگهار
لٽا لوهہ لطيف چئي پروڙج پنهوار
بيڙيون نيئي ٻار تو تان بند بداٿيو.

هن بيت جي لفظن ڪنن جي پڙدن سان ٽڪرائجي پرندي ۾ گيهہ جهڙو ڪم ڪيو، هن کي اڄ وطن جي شدت سان ياد اچي رهي هئي، رکي رکي شهر جي درمياني حصي ۾ آيل تلاءُ مٿان پسار ٿيندڙ هوا جون لهرون هڪ دريءَ مان داخل ٿي، هن جي وارن کي سهلائيندڙيون، تازگي بخشيندڙيون، چور پيرن سان ٻيءَ دريءَ مان نڪري ٿي ويون، چوڏهين جي چنڊ جي چانڊوڪي اڱڻ ۾ بيٺل گلمهر جي پنن مان ڇڻي ڇڻي پٽ تي هارجي رهي هئي. رات رائي جا سندر گُل سهڻي خوشبو بکيري کيس خوشي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر هو تہ اڄ هِنن شين کان اڪتائل هو، آيان هو،

ڪجهہ پراء ونان ها، آئون تہ جانور آهيان ڪا ردِ آهيان. مون وٽ تہ ڪا نيڪي بہ ڪونهي، ساوڻ پڙهيل هو ۽ نيڪ بہ هو آئون تہ جاهل آهيان مونکي اهي عربي ۾ فرشتن جا پڇيل سوال ڪيئن ايندا.

مان اڄ ئي هني سوالن جي مشق ڪندس، پاڻ سڪي پنهنجي ٻارن کي بہ سيکاريندس، ها .. مان سوال بلڪل پڪا ڪري ڇڏيندس. بل... ڪل ...

گهر پهچندي هن کي ڪاهي ڪوسو ٻرواڇي ويوس، زالس کي چيائين رلي اوڍاءِ، هن رلي اوڍاءِ ڇڏيس ۽ واءُ وجهڻ لڳيس، هو ڇرين جيان ڪٽ تي پيو هو هن کي سڄي جسم مان پگهر وهي رهيو هو، هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون شايد هن کي ننڊ اچي رهي هئي. هن جي من جي وادين جي غفائن ۾ هڪ ئي سوال گونجي رهيو هو، جنهن جو پڙلاءِ اچي هن جي ڇپن تي پيو ٿي ۽ هو سنهڙي سنهڙي آواز ۾ چئي رهيو هو تہ ”ومارُبڪ ... ومارُبڪ ...

زالس هن جي ڇرندڙ ڇپن کي حيرت وچان ڇرين جيان ڏسندي رهي،هن جو واءُ وجهندڙ هٿ اتي ئي رڪجي ويو.

شهر جون ضرورتون شهري گهرج مطابق وڌنديون رهيون، نتيجتن ڪمائڻ جي لالچ جو پارو به چڙهندو رهيو. حرام حلال جون حدون متجنديون ويون، رات ڏينهن ڊوڙ ڍُڪ بس هڪ ئي فڪر ته ڪٿان پيي اچي پئسو، وري مهنگائي به هن ۾ ساٿ پورايو ۽ شهر جي گندگي ۽ غلاظت نفعي ۾. ڏينهن و ڏينهن هن جي طبيعت، صحت ڪرندي ويئي هو جسماني ۽ دماغي طور ڪمزور ٿيندو ويو، هُن جي من جي اونهاڻ مان اٿندڙ ترنگن جون موُجون ڪيس ڳوٺ واپس هلڻ جي لاءِ اُڪساهي رهيون هيون سندس من ۾ اچ ڏاڍي آنڌمانڌ ۽ اڻ تُڻ هئي، هو هيڏانهن هوڏاهن پاسا ورائي رهيو هو ڪيس ننڊ نه پئي آئي.

”ساڄن ... او ساڄن.“ اچانڪ ٻاهران ڪنهن آواز ڏنو جنهن کي سڃاڻڻ ۾ ڪيس دير ڪان لڳي، هي آواز سندس دوست جو هو جيڪو ٽپال کاتي ۾ ٽپالي هو.

آواز ٻڌندي ساڄن من تي ويڙهيل ويچارن جي چادر کي ڦٽي ڪندي اٿيو ۽ در کوليو. زيرو بلب جي رنگين روشنيءَ هيٺان بيهندي هن هميشه جيئن منهن مَلڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن کي پيلي ڪار چئي اندر اچڻ لاءِ چيو.

”وٺ هي تنهنجو خط آيو آهي، صبح کان تنهنجي وات نهاري ويٺو آهيان پر تون آئين ئي ڪونه. لڳو پڳو ڳوٺان آيو اٿئي.“ هُن سڀ هڪ ساهه ۾ چوندي هو در بند ڪري واپس هليو ويو.

ساڄن لفافي کي غور سان ڏٺو، لفافي مٿان ڪيل ائڊريس جي اکرن کي سڃاڻڻ ۾ هنکي دِقت ڪون ٿئي، هي خط سندس جيجل ماءُ جو لکيل هو، هن پل جو به انتظار ڪرڻ بنان ٽيوب لائيٽ جو ٻٽڻ آن ڪري

سندس من اڃ ماضي جي محور تي گھمي رهيو هو. کيس اڃ اهو ڪجهه ياد اچي رهيو هو، جنهن کي هو اڄ کان ڪجهه مهينا اڳ پيار پنل مٽيءَ ۾ ڇڏي آيو هو، جڏهن چاچا ڳُلوءَ سونهه جو سنگ ڏيڻ جو انڪار ڪري ڇڏيو هو.

ماٽس، پيٽس ۽ خود ساڄن، ٽي ئي ڄڻان ته ڪٽنب ۾ هئا، سندس پيءُ ته هو اڃان ڇهن سالن جو مس هو تڏهن گذاري ويو هو، هو ڏاڍو ڏاهو هو پنهنجي ڇوڪري ڳلوءَ جي ڇوڪري کي ڏيئي ساڄن جو سنگ پڪو ڪري ڇڏيو هوائون، پر قدرت جو ڪرڻ جو پيٽس اڃان ٻارهن ورهن جي دهليز مس پار ڪئي ته هڪ رات هوءِ جڏهن ڳابا ٻڌڻ پي ويئي ته نانگ کائي ويس، ڳوٺاٽو علائقو هُئڻ جي ڪري علاج معالجو صحي نه ٿي سگهيس ۽ هوءِ گذاري ويئي، بس تنهن کان ١٠-١٢ ڏينهن ڪانپوءِ ڳلوءَ ماٽس کي نياپو موڪليو ته هاڻي اسان ۾ آسرو نه ڪجان، اسانکي هن جي بدلي ۾ ٻئي ڪٿان ڪا نياڻي ڏياريندو ته سنگ ملندو نه ته شل خوش هجو.

ساڄن سمورا سوس آسرا لاهي اچي شهر ۾ ٽانئڪو ٽيوءِ شهر ۾ هڪڙي بئنڪ ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو، کيس من ۾ ته ايئن هو ته ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ اچي هو سکي ٿيندو، خوش گذاريندو، ڪنهن شهري ڇوڪري سان شادي ڪندو، بنگلو هوندس، ڪار هوندس.

کيس شهر نه وڃڻ جي لاءِ ماءُ گھڻو ئي سمجھايو، گھڻا سُوال ڪيا، پلاپاند وِڏا پر مڃين اهي ٻيا. ماءُ جي وينتين جي بنهه پرواهه رکڻ جي شهر جي ڪوڙي چمڪ دمڪ جي موهه ۾ ڦانسجي اچي رهجي پيو، پر هاڻي کيس گھٽن تڪن ياجي آهي؟ جي خبر پئجي ويئي هئس.

ماءُ لاءِ نہ ھي سڀ ڪجھہ بيڪار آھي، پر منھنجو تہ سڀ ڪجھہ تون ئي آھين منھنجي تہ ھر خوشي تنھنجي خوشي ۾ آھي، پنڙا تنھنجي ڪمي دور ٿئي. تون اچين تہ تنھنجي ھيءَ اداس امان بہ ڪجھہ ڪلن خوشين ۾ شامل ٿي سگھي ۽ زندگيءَ جا ڪي بار ھلڪا ٿي سگھن تہ جيون جو سفر ڪجھہ آسان ٿئي، تو بنا سڀ سڃو سڃو ٿو لڳيم. شھر مُئي کي ھڻ گولي ھڪ ڀيرو تہ اچ ۽ پنھنجي دکي ماءُ جي خبر واھر لھہ، تہ منھنجي من کي ڪجھہ آرام ۽ شانتي مِلي، پر ڳوٺ جو ھر وڻ، ھر ٽڙ، ھر گس توکي سارين ٿا، ڌرتي ماءُ جي پنل مٽي جي خوشبو بہ توکي ياد ڪري ٿي، ھڪ ڀيرو اچ پر. پوءِ ڀلي واپس ھلي وڃج، توکي مان بلڪل نہ روڪيندس.

بس ٻيو ڇا لکانو؟ اچڻ جي انتظار سان تنھنجي اداس ماءُ جا سڪ ڀريا سلام.

خط پڙھندي ساڃن جي اکين مان لڙڪن جون لارون وھي نڪتيون، ماءُ ڪانسواءِ ھن جو ھن دنيا ۾ ٻيو ھو بہ ڪير؟ جنھن ڪيس سانڍي پالي وڏو ڪيو ھو ۽ ڪيس ياد اچڻ لڳيون ڳوٺاڻيون گھٽيون ۽ گس جتي ننڍپڻ ۾ ھو سونھہ سان گڏ کيڏيو ھو، جيڪا راند عمر جي تقاضا سان محبت ۾ تبديل ٿي ويئي ھئي پر ھن کي پراپت ڪرڻ جي لاءِ سماج جي ديوارن کي ٽپڻ مشڪل ھو، تڏھن تہ ڪيس ھن ڳوٺ کان نفرت ٿي ويئي ھئي، تہ ٻي طرف اچ ماءُ جو مامتائون ڪيس سڏي رھيون ھيون.

ھڪ طرف ڳوٺ جا ڪيت ڪليھان ۽ ماءُ جون ميارون ھيون تہ ٻي طرف سونھن سان ٿيل ناڪام محبت ۽ سنگ جون درد ڀريون داستانون ھيون، وڃڻو يا نہ وڃڻو واري ويچارن جي جھنب جي ٻن

لفافي جو سينو چاڪ ڪري منجهان چٺي ڪڍي پڙهڻ لڳو.

نور نظر نوري چشم، راحت جان وجگر پيارا پٽڙا ساجن، شل سدائين خوش هجين شل جواني ماڻي، شل منهنجي عمر به توکي لڳي، ١٢-١٢ مهينا تنهنجي يادن جي ڳٽڻين ۾ ڳرندي نڪري ويا، وري ساوڻ رت آئي ڪڪرن ڪارا ويس ڪري پنهنجي ملڪ ملير کي جل ٿل ڪري ڇڏيو آهي، نديون واهه، تلايون، تلاو سندر سهڻي تڏڙي منڙي پلر پاڻي سان پلٽي ويا آهن. ماءُ ڌرتيءَ به پنهنجا پراڻا ويس وڳالاهي ڦٽي ڪري هڪ نئون نوبلو دلفريب روپ ڌاري ورتو آهي ۽ سندس ڪڪه مان قسمن قسمن جا سهڻا سهڻا نازڪ نازڪ ڪچڙا ڪچڙا گاهه ايري نڪتا آهن، ميهن مريڙن، ياچين ڪُنهين جي ته چا ڳالهه ڪيان، سانگيڙا جن کي ڪاٺي شادمان ۽ خوش و خرم آهن. کير مکڻ ڌونرا کوڙ آهن هرطرف هريالي ٿي هريالي آهي ساوڪ ئي ساوڪ آهي ڪيف و سرور پريو سماء آهي، ماروئڙا پنهنجا مال ڪاهي پنهنجي وطن پنهنجن اجهن ڏي اچي موٽيا آهن، جن جي مالن جا وڄندڙ ڇڙن چنگن جا آواز عجب اُمنگ پئدا ڪري رهيا آهن، جنهن کي ٻڌي راحت و فرحت پيئي محسوس ٿئي، سفيد ٻگهن جون مالن جي ٻنهي پاسن کان هلندڙ قطارون به ڏسڻ جوڳيون آهن. اهي ايئن پيا هلن جڻ ڪي گهوٽن جاچي هُجن، ڪونجن جون قطارون آڪاش ۾ اڏري آنند ويڪت ڪري رهيون آهن، ٻين پکين جو به ڇا بيان ڪريان، هو ته جڻ ڪي وڏا وڏا ڳائڻا هجن ايئن زور زور سان پنهنجي ڇهنبين مان ٻوليون ٻرائي سنگيت جا سر وهائڻ ۾ مشغول ۽ مصروف آهن، ڏيڏر به پنهنجا ڳلاڦ ڦاڙي ايئن ٻرائون ٻرائون .. ڪري رهيا آهن جڻ ڪو جوڳي ساهه گهٽي منهن ۾ پيري مرلي وڄائڻ ۾ مست هجي، هر ڪا شيءِ ڏٽيءَ جا گيت ڳائي قدرت جو احسان ادا ڪري رهي آهي. ڇا ڇا ناهي هن ماحول ۾، سڀ ڪجهه آهي پر مون جهڙي ايا ڳڻ ڏوهارڻ

جي آڪار جي پاڇي جھڙو ڪجھ اچي پيو الاجي ڪير آهي.“

آهستي آهستي اهو پاڇو سندس گھر جي پرسان اچي پھتو هن وري ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿي.

”جي جي منھنجي منڙي امان، ڇا هيترن ڏينهن ۾ پنهنجي پٽ کي پلجي وئين. سڃاڻي بہ ڪونہ ٿي.“ ايندڙ جي مُنهن مان لفظ نڪريا.

”اي الاصدقي وڃان هي تہ منهنجو پٽ ساڄن آهي زي. جُگ جُگ جيئين منهنجا لال شل جگ جگ جيئين، منهنجا ڏٺي تنهنجا لک لک شڪرانہ“ چوندي هوءَ ساڄن طرف ڊڪ پائي هلي ۽ کيس ڀاڪرن ۾ پائي مٿي تي نراڙ تي چميون ڏيئي پنهنجي دل جي ديرينہ سڪ کي هلڪو ڪيو، سندس اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ وهي نڪتا.

جيڪي اکيون ڪڏهن پٽ جي فُرقت ۾ يادن جا لڙڪ وهائينديون هيون انهي اکين مان اڄ فرط محبت ۾ پاڻي وهي رهيا هئا، ڪهڙو نہ فرق آهي لڙڪن ۾ پڻ.

پل پر لاءِ ماءُ پٽ ١٢-١٢ مهنن جا جدائي جا ڳوندر ڳاريندا رهيا.

”ابا هينئر پلا ڇا ۾ آئين ڪٿا آئين؟“ ماءُ خاموشي کي ٽوڙيندي پڇيوس؟

”اما ٽرين ۾ آيو آهيان جيڪا پر واري ڳوٺ تان لنگهي ٿي.“ ساڄن جواب ڏنو.

ڇڱو منهنجا راڻل ڇڱو هاڻي اچ کٽ تي هلي ويھہ ۽ آرام ڪر تيسس مان تولاءِ نيرن ٿي تيار ڪريانءِ.

ساڄن وڃي کٽ تي ليٽيو، چئني پاسن کان گھر ۾ نظر

پڙن ۾ هو پيسجي رهيو هو انهن ويچارن ۾ ڪيس ڪڏهن ننڊ پيلي وئي جنهن جي هن کي سمجهه نه رهي.

ساوڻ جي سهڻي ميگهه ملارن پيري پرهه ڦٽي رهي آهي، ٿڌڙين ٿڌڙين هوائن جون لهرون کلي آسمان هيٺان اڱڻ ۾ ستل ڪنواري ڪنيائن جي پريل ڪومل ڪلهن جي اردگرد، وارن کي سهلائي رهيون آهن، سندن چنريون به هوائن سان هيڏاهن هوڏاهن اڏري ڪيڏي رهيون آهن ۽ جواني جي جذبن ۾ امنگ ۽ خوشي پيدا رهيون آهن، گهر گهر مان کير ماٽيون ولوڙڻ جي ڪي... ڪي... جا آواز گهٽي گهٽيءَ کي گونجاءِ رهيا آهن، ڳايون ڏوهندڙ ڏٽارن جي سيڙور ٿامي جي ٿانون سان ٽڪرائجي مدهر سر آلاپي رهيون آهن، ڳاءِ ڳانيون رنيپي رهيا آهن ڳنوار پنهنجي مالن کي پميور ... پميور ... مور.. مور.. ملير ..ملير.. ڪري سڏي رهيا آهن سڄي رات وسڻ کان بعد ڪوڻ ڏور ڏور اوپر پاسي چمڪات ڪري رهي آهي، جڻ وري اچڻ جي واعدن سان الوداع ڪري رهي هجي، ڌرتي ماءُ ساگر ۾ پلٽي ويئي آهي، پکين جا آواز به هاڻي پرهه جي سواگت ستڪار لاءِ ڏيمي ڏيمي وڌي رهيا آهن. ڏيڏر تانسين جيان تان ۾ اچي ڳائي رهيا آهن، اهڙي من موهيندڙ ماحول ۾ ڪي مايون، خدا جي تسبيح تعريف سان گڏ مکڻ منڌين تان لاهڻ ۾ مشغول آهن.

ماسي مومل کي ڏور ڏور کان پاڻيءَ ۾ ايندڙ ڪنهن شيءِ جي اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو سندس ڌيان هن طرف ويو، هوءَ منڌيءَ جو نيٽرو جهلي ڪن پل جي لاءِ رڪجي ويئي. آهستي آهستي آواز وڌندو وڌندو نزديڪ ٿيندو آيو ”جيڪو به آهي سو هيڏاهن اچي رهيو آهي“ هن نهارڻ، سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر اونداهيءَ جي ڪارڻ ۽ عمر جي تقاضا جي باعث هن جي نظر برابر نه پئي پيئي. ”ڪاري ماڻهوءَ

ازي ها ها ھتي ئي آھيان، اڄ پلا ڪيڏاھن وڃان اڄ تہ منھنجو پٽ جو آيو آھي ھن بنا ڳالھا سڄاڻ جي جواب وراڻيو ۽ ٻاھران نڪري ڏنو تہ سندن گھر جي اوٽي تي وڏيرو پاڻ بيٺو ھو، ھن کي غش ايندي رھجي ويو، سندس حوصلا گم ٿي وياس تہ ھوءِ چا ڪري ”تہ ... تہ توھين اڇو سائين .. و و... وڏيرا سائين.“

”ھا مومل مان ئي آھيان، توھان کي پنھنجي پٽ جي شادي ۾ اچڻ جي لاءِ چوڻ آيو آھيان، توھان کي اچڻو پوندو، چڱو ٺيو جو ساڄن بہ موٽي آيو آھي“ چوندي ھو واپس ھلي ويو.

پاٽس جي شادي ھئي پر سونھہ اڄ تمام اداس ھئي، ڳوٺ سڄي اڄ عيد جيان نوان نوان ڪپڙا پاتا ھئا پر ھوءِ تہ انھيءَ جھونن ڪپڙن ۾ پي ڦِري ۽ اُداس اُداس ڪم ڪار ڪري رھي ھئي، ماين سان گڏ گيتن ۾ بہ ھوءِ شامل ڪونہ ٿي ٿي.

”ڌيءُ ھي چا ھيڏا زر زيور چڙيو تون اڃان اھڙن ڪپڙن ۾ پيئي ھلين، جلدي ڪر نڪاح جو ٽائو پيو ٿئي ويس بدلاءِ وڃ، اڃان تہ ابئن ئي پيئي ڦرين.“ پڇھس ڇيوس.

”نہ بابا مونکي ڪم گھڻا آھن سو مان نوان ڪپڙا ڪونہ پائيندس، سونھہ بھانو بنائيندي جواب ڏنو.

”قاضي صاحب لڪہ کن ترسجو.“ وڏيري نڪاح پڙھائيندڙ قاضي کي روڪيندي مومل ۽ ساڄن جي اچڻ نہ اچڻ جي پڇا ڳاڇا ڪئي.

جنھن کي ٻڌي ھر طرف مجموعي ۾ شانتي ڦھلجي ويئي، ڪسر پسر چالو ٿي ويئي جيڪو ماڻھو جھڙو تنھن تھڙي پي ڳالھہ ڪئي، ساڄن جيڪو مجموعي ۾ شامل ھو تنھن جو بہ دل ڌڙڪڻ

ٻوڙائي، هڪ عجيب راحت ۽ آرام جو احساس ٿيس.

”اُٿي پٽ اٿي هاڻ نيرن ڪائي وٺ اڄ ته مان پنهنجي هٿن سان ئي توکي کارائيندس“، چوندي ماڻس گهر ۾ اچي داخل ٿي ۽ پنهنجي هٿ سان لُقما ٺاهي پٽ جي مُنهن ۾ ڏيڻ لڳي، ماءُ پٽ جي ملڻ جون اهي گهڙيون واقعي ڏسڻ جوڳيون هيون.

ڳوٺ ۾ به اڄ صبوح کان چهل پهل لڳي پيئي هئي، ڪنهن ميلي جهڙو ماحول متو پيو هيو، ڪو گڏهه تي ته ڪو ٽرئيڪٽر تي سوار، ڪو اُٺ تي ڪو گهرڙي مٿي سوار سڀئي عورتون مرد ۽ ٻار رنگ برنگي ڪپڙا پائي اچي رهيا هئا. پرهه ڦٽيءَ کان ڍُهل جي ڏماڏم لڳي پيئي هئي، استاد بسم الله خان جي شهنائي جي ڌن به ڪنن ۾ امرت رس گهولي رهي هئي. گڏو گڏ ماين جا گيت ۽ لاڏا به سٽ ئي آسمان گونجائي رهيا هئا.

ساڄن جو ڏيان ڪافي دير کان اوڏانهن ئي هيو ”جيجي اڄ ڪهڙو اُتسو آهي جيڪو هيڏا هل لڳا پيا آهن؟“

”پٽڙ انهي ڳالهه جو نه پڇ خوامخواهه پيٽ ٻرندوءِ. اڄ ڳوٺ جي وڏيري جي ڇوڪري جي شادي آهي.“ ماڻس وڏو ساهه کڻندي چيو.

ماڻس جي ڳالهه ٻڌي ساڄن ڪجهه به نه ڪڇيو ۽ وري هڪ ڀيرو سندس اکين آڏو اتيت جو اٿُڪت ساگر ڇوليون هڻڻ لڳو.

ها اهو ئي وڏيرو سونهه جو پيءُ جنهن اسان جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، سندس من ۾ پڙاڏا گونجڻ لڳا.

”مومل...، گهر ۾ آهين يا نه؟“ ٻاهران ڪنهن جو آواز آيو.

لڳو، مومل به ٻڌجي ويئي.

وڏيرو مجموعي ۾ اٿي بيٺو.

”منهنجي پٽ جي شاديء ۾ آيل تمام مزمان حضرات، اڄ منهنجي سڪيلڌي پٽ جي شادي جي باعث هر طرف خوشي ئي خوشي آهي پر مان ڏسان ٿو ته منهنجي پياري ڌيءُ سونهه اداس ۽ نراس آهي، مونکان هن جي اها اداسي سٺي نه پيئي وڃي، مان هن کي به هنن خوشين ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ هڪڙو اعلان ڪريان ٿو ته سندس هٿ ساڄن جي هٿ ۾ ڏنو ٿو وڃي. اڄ مان پنهنجي ڌيءُ جو سنگ ساڄن سان ڪري رهيو آهيان پر هڪڙي ڳالهه جو هنن کي به انجام ڪرڻو پوندو ته ساڄن کي پيٽ لڪائڻو پوندو، سونهه کي جيڪا پهرين ڌيءُ ڄاپيندي سي منهنجي پوٽي کي ڏيڻي پوندي اهو آهي سندن سنگ جو بدو (بدلو).“

اهو ٻڌي هر طرف خوشي ئي خوشي جي لهر ڊوڙي ويئي، هر ڪنهن جي منهن ۾ هڪ ئي وائي هئي ته واقعي سونهه ته ساڄن جي سونهه آهي.

نڪاح پوري ٿيڻ کان بعد سيئي اٿڻ لڳا ۽ وڏيري ۽ ساڄن جي سونهه سان ٿيل سنگ جون واڪاڻون ڪرڻ لڳا.

هڪ ٻڍڙو جيڪو سڀ کان آخر ۾ گوڏن تي هٿ ڏيئي اُٺي رهيو هو تنهن چيو ”سونهن ته واقعي ساڄن جي سونهن آهي پر پيٽ لڪايو اٿن تنهن جو ڇا؟“



نالو : ڪلاڌر قربان علي مُنوا

جنم : ۱-۶-۱۹۶۷

تعليم : مئٽرڪ

سرنامون : ڳوٺ پنڌواري پوسٽ گهوربواري تعلقو ڀڄ، ڪڇ-۳۷۰۵۱۰.

پيشو : ٻني ڪمار هاسٽل ۾ گرهه پتي

ڇپيل ڪتاب : موتيءَ داڻا

متون جاڳيت (پريس ۾)

پرسڪار

- پريميلا ڪرووا فائونڊيشن ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون پرسڪار ۱۹۹۸
- ڪونجل جي ڪٺڪار ڪهاڻي اسپرڌا ۾ پهريون پرسڪار ۱۹۹۸
- راجسٿان سنڌي اڪادمي اکل ڀارت ڪهاڻي اسپرڌا ۾ ٻيون پرسڪار ۱۹۹۸
- ڌن شُک اجاڻي اسمرتي ڪهاڻي اسپرڌا ۾ آشواسن پرسڪار ۱۹۹۷ ۽ ۱۹۹۸